[ هائيَر ايجوڪيشن ڪميشن جي پاليسيءَ مطابق ]

چهه ماهي

# سنڌي ٻولي

تحقيقي جرنل

جلد اُٺويهون- شمارو پهريون [ اونهارو ] جون - 2026ع

ISSN: 2519-9765

چيف ايڊيٽر

**ڊاڪٽر شير مهراڻي**

ايڊيٽر

**ڊاڪٽر راز شاهاڻي**

سب ايڊيٽر

**شوڪت چاچڙ**

**سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو**

**حيدرآباد، سنڌ**

چهہ ماهي

# سنڌي ٻولي

تحقيقي جرنل

چيف ايڊيٽر: ڊاڪٽر شير مهراڻي
ايڊيٽر: ڊاڪٽر راز شاهاڻي
سب ايڊيٽر: شوڪت چاچڙ
ويب ڊيولپر: انيس ڪاڪا
ڪمپوزنگ: رفيق حسين ڪولاچي
ٽائيٽل ڊزائن: فيصل جعفر ميمڻ
جُلد: اُڻويهون_ شمارو: پهريون (جون 2026ع)
تعداد: ٽي سئو
ڇپائيندڙ: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ_ 71000
ڇپيندڙ: شعيب پرنٽنگ پريس، ڪراچي.
ملهہ: _/500 رپيا

ISSN-L: 2519-9765 Print Version

ISSN: 2521-4608 Online Version

SINDHI BOLI **Research Journal**

Chief Editor: Dr. Sher Mehrani
Editor: Dr. Raz Shahani
Sub Editor: Shoukat Chachar
Web developer: Anees Kaka
Layout: Rafique Hussain Kolachi
Volume: 19th - Issue: 1ST (June 2026)
Published by: Sindhi Language Authority, NHW Hyderabad Sindh, 71000
Printed by: Shoaib Printing Press, Karachi.
Price: Rs.500/-

Email: **sindhiboli@sindhila.edu.pk**
Website: **www.journal.sindhila.org**

# ايڊيٽوريل/صلاحڪار بورڊ (ڏيهي)
Editorial/Advisory Board (National)


**ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ**

اڳوڻو چيئرمئن

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

**ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**

اڳوڻو چيئرمئن سنڌي شعبو

وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي

**ڊاڪٽر رشد الله شاهه 'مخمور' بخاري**

ڊائريڪٽر علامه آءِ آءِ قاضي چيئر

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

**ڊاڪٽر الھوسايو سومرو**

چيئرمئن سنڌي شعبو

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ميرس

**ڊاڪٽر امير علي شاهه**

چيئرمئن سنڌي شعبو

شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، نوابشاهه

# ايڊيٽوريل /صلاحڪار بورڊ (پرڏيهي)
# Editorial /Advisory Board (International)


**ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي**

اسڪالر / اڳوڻو ڊائريڪٽر

نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج (ڀارت)

**ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي**

اڳوڻو پرنسپال، ايس.ڊي.ٽي ڪالاڻي ڪاليج

الهاس نگر (ڀارت)

**ڊاڪٽر منصور ٿلهو**

ريسرچ اسڪالر

البني (آمريڪا)

**ڊاڪٽر هاسو دادلاڻي**

سربراهه، سنڌي شعبو

SPC گورنمينٽ (P.G) ڪاليج، اجمير شريف (ڀارت)

**ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي**

سربراهه، سنڌي شعبو

چاندي ٻائي ڪاليج، الهاس نگر (ڀارت)

# ادارتي پاليسي

- ”سنڌي ٻولي“ تحقيقي جرنل جي ڇهرئين پاڱي ۾ سنڌي ٻوليءَ، لسانيات، وياڪرڻ ۽ سنڌو لکت جي موضوعن تي لکيل مقالا ترجيحي بنيادن تي شايع ڪيا ويندا آهن.
- نڪور/ اڻ ڇهيل مختلف ادبي موضوعن تي لکيل تحقيقي مقالا جرنل جي ٻئي پاڱي ۾ شايع ڪيا ويندا.
- مقالو ڪنهن بہ ٻئي جرنل /پبليڪيشن وغيره ۾ ڇپيل نہ هجي نہ ئي موڪليل هجي. ٻئي ڪنهن جرنل ۾ اڳ يا بعد ۾ شايع ٿيڻ جي صورت ۾ ڇپيل مقالو بہ رد تصور ڪيو ويندو.
- ائبسٽريڪٽ انگريزيءَ ۾ 200 کان 250 لفظن تي مشتمل هئڻ گهرجي.
- ’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جرنل لاءِ جمع ڪرايل/ اُماڻيل هر مقالي جو ايڊيٽوريل ٽيم ابتدائي جائزو وٺندي، جيڪڏهن مقالو ڇپائي جوڳو ۽ تحقيق جي رائج طريقہ ڪار تحت هوندو تہ اهو مقالو ٻئي مرحلي ۾ داخل ڪيو ويندو.
- ٻئي مرحلي ۾ مقالو لاڳاپيل موضوع جي ٻن (ڏيهي يا پرڏيهي) ماهرن ڏانهن راءِ (REVIEW) لاءِ موڪليو ويندو. ماهرن وٽان مثبت راءِ اچڻ کانپوءِ ڇپائيءَ جو فيصلو ٿيندو.
- ڪنهن بہ ماهر پاران مقالي جي مواد ۾ ترميم يا سڌارا ڪرڻ جي نشاندهي ٿيڻ تي مقالا نگار سان رابطو ڪري گهربل واڌارا ۽ سڌارا ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو.
- پاليسيءَ تحت ماهراڻي راءِ ڏيندڙ ليکڪ توڙي ماهر ٻنهي جو نالو ڳجهو رکيو ويندو آهي.

# ليکڪن لاءِ رهنمائي

- مقالو لکڻ وقت تحقيق جا رائج اصول ڌيان ۾ رکڻ لازمي آهن.
- حوالا (References) ڏيڻ لاءِ MLA يا APA وارو طريقو اختيار ڪيو وڃي.
- مقالو ڪنهن نئين ۽ اڻ ڇهيل موضوع تي لکيل هئڻ گهرجي، جنهن جي موضوع جو دائرو سنڌي ٻولي، لسانيات، گرامر ۽ سنڌ ولکت سان هوندو ته ترجيحي بنياد تي شايع ڪيو ويندو.
- پهرئين صفحي تي مقالي جو عنوان، ليکڪ جو نالو سڄاڻپ، مڪمل ڏس پتو، اي ميل ۽ فون نمبر جا ٽايل هجڻ گهرجي.
- ٻئين صفحي تي 200 کان 250 لفظن تي مشتمل مقالي جو خلاصو/تت (Abstract) لازمي شامل هجڻ گهرجن. خلاصي ۾ موضوع سان لاڳاپيل گهٽ ۾ گهٽ پنج مکيہ/خاص لفظ (Keywords) پڻ واضح ۽ ايريل (Bold) هجڻ گهرجن.
- موڪليل مقالي لاءِ لازمي آهي ته اهو ليکڪ جو پنهنجو لکيل هجي. ان جو متن ڪنهن بہ صورت ۾ نقل ٿيل (plagiarized) نہ هجي. مقالو نہ ڪنهن ٻئي جرنل ۾ شايع ٿيل هجي ۽ نہ ئي شايع ٿيڻ لاءِ موڪلڻ گهرجي.
- ڪنهن بہ ڪتاب، رسالي، اخبار يا ويبسائيٽ تان ڪنيل انگن اکرن (Data) مواد جو حوالو لازمي ڏيڻ گهرجي.
- مقالي ۾ شامل مواد جي چوري (plagiarism) جي تصديق يا ساڳيو مقالو ٻن هنڌن تي شايع ڪرائڻ جي صورت ۾ ادارو ليکڪ کي پابندي هيٺ آڻڻ جو اختيار رکندو.
- مقالو جرنل جيِ اِي ميل sindhiboli@sindhila. edu.pk تي موڪليو وڃي.

# فهرست


• ايڊيٽوريل — ڊاڪٽر راز شاهاڻي 09_10

ٻولي

1. شيخ اياز جي شعري لِساني اسلوبَ جو اُترادِي سِنڌي انداز
— ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ 11_19

2. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهڙو لفظ معياري آهي: 'مان يا آءٌ/آئون'؟
— حزب الله آءِ سومرو 20_28

3. سنڌي ٻوليءَ ۾ احترام جو اظهار: سماجي لسانيات جي تناظر ۾ هڪ تحقيقي اڀياس
—امبر سومرو/ ڊاڪٽر امير علي شاهه 29_48

4. سنڌي ٻوليءَ ۾ لسانياتي تبديلين جا سبب: تحقيقي جائزو
— مولابخش ٻوهيو 49_76

5. شيخ اياز جي ٻهرين چئن شعري مجموعن ۾ موجود اصطلاحن جو اڀياس
— عبدالغفور "مصور حسين" 77_91

ادب

6. سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ سماجياتي فلسفو
— ڊاڪٽر نرگس بانو 92_102

7. محمد خان مجيدي جي شاعريءَ جو تنقيدي اڀياس
— ڊاڪٽر عبدالحفيظ قريشي/
ڊاڪٽر شفيق احمد شاهاڻي 103_119

# ايڊيٽوريل

اِن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ نهايت آڳاٽي، جيڪا هزارين سالن تي ٻڌل آهي. هن قديم ٻوليءَ مختلف مرحلا طئي ڪيا ۽ انيڪ علمي خزانا، تخليقون اسان وٽ لکت جي صورت ۾ پهتيون، جِن جي تاريخ بابت راءِ قائم ڪرڻ سولو ڪم ناهي. گڏوگڏ ڪافي مواد اهڙو بہ آهي جيڪو زباني روايتن تحت نسل در نسل منتقل ٿيو ۽ جِن بابت اِهو چوڻ مشڪل آهي تہ اِنهن جي قدامت ڪيتري يا اِهي ڪهڙي دور سان تعلق رکن ٿا؟

غم ۽ خوشيءَ جي موقعن جا گيت، لاڏا، لوڪ ڪهاڻيون، نثر بيت، رزميہ ڪلام ۽ ٻين ڪيترين ئي صنفن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪافي ادب موجود آهي، جنهن جي حتمي تاريخ بابت حقيقي راءِ قائم ڪرڻ ڏکيو آهي ۽ محققن کي اِن ڏِس ۾ ڪافي جاکوڙ ڪرڻي پئي آهي. جهڙيءَ ريت قديم سنڌو لکت جا ڀاڃ اجا بہ مُنجهيل سُٽ جيان آهن، اِن جو هڪ سبب اِهو بہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ تحقيق جو رواج تمام دير سان داخل ٿيو آهي. سنڌ تي انگريزن جي قبضي (1843) بعد حقيقي معنيٰ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ ادب بابت سائنسي بنياد تي کوجنا جي شروعات ٿي. رچرڊ فرانسز رچرڊ برٽن، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، ارنيسٽ ٽرمپ اِهي محقق هئا جن سنڌي ٻولي، گرامر، لغت ۽ لوڪ ادب جي موضوعن تي ابتدائي تحقيق ڪئي ۽ اِهو لاڙو قائم ڪرڻ ۾ سوڀارا ٿيا تہ ٻولي ۽ ادب جي تاريخ تي تحقيق هڪ وسيع شعبو آهي، جنهن سان قومن جي تاريخ، ثقافت ۽ تهذيب جي ترقيءَ جا سِرا ڳنڍيل آهن.

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي 1947 کان پوءِ پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌ ۾ بہ علمي تحقيق کي نئون رُخ مليو. ڪيتريون يونيورسٽيون ۽ انهن جي اندر تحقيقي چيئر قائم ٿيون ۽ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي اسڪالرن جي صورت ۾ مختلف موضوعن تي تحقيق زور ورتو. يقينن اهڙي تحقيق جا ٻوليءَ ۽ ادب تي هاڪاري اثر مرتب ٿيا. تحقيق جي ساڳي رفتار ۾، انٽرنيٽ، اي. آءِ ۽ ٻين برقي انقلابن وڏيڪ تيزي ۽ ڪرشماتي تبديلي آندي. بين القوامي سطح تي تحقيق جي تازن ۽ تُز نتيجن ۽ ڪارآمد مواد تائين رسائي

وڌيڪ آسان ٿي ۽ اهڙي طرح تحقيق جي انداز ۽ ڍَنگ ۾ نتيجا خيز تحقيق طرف وڌيڪ رُجحان پيدا ٿيو. جيتوڻيڪ اسان وٽ سنڌ ۾ مشيني دور جون ممڪن سهوليتون مُيسر آهن جن جي آڌار تي تحقيق جي جديد طريقن ۽ نئين تحقيق جي نتيجن تائين رسائي ممڪن آهي، جنهن ذريعي عالمي سطح تي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو نالو روشن ڪرڻ جو موقعو مُيسر ٿي سگهي ٿو، پر بدقسمتيءَ سان سماجي سطح تي پيچ ڏاهه، قدرن جي تبديلي، معاشي تنگدستي ۽ ان قسم جا ٻيا سماجي مسئلا راهه ۾ رڪاوٽ آهن، تنهنڪري تحقيق جي ميدان ۾ اسان ممڪن اڳڀرائين کان محروم آهيون.

”سنڌي ٻولي جرنل“ ذريعي اسان تحقيق جي معياري رُجحان کي هٿي وٺرائڻ جون ڪوششون ڪريون پيا ۽ يقين آهي تہ نتيجاخيز ۽ هاڪاري تحقيق اڳيان ايندي، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جو فائدو ٿيندو.

سال 2026 جو هيءُ پهريون شمارو آهي. واعدي مطابق اسان شمارو وقت تي آڻي رهيا آهيون. معزز محققن کان اُميد ٿا ڪريون تہ هُو سنڌي ٻوليءَ ۾ معياري تحقيق جي جديد گهرجن مطابق کوجنا ڪري هاڪاري نتيجا ګڏ ڪرڻ ۾ سهڪار ڪندا، سنڌي ٻوليءَ لاءِ اهو پاڳوند ثابت ٿيندو.

ڊاڪٽر راز شاهاڻي
ايڊيٽر

ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ

# شيخ اياز جي شعري لِساني اسلوبَ جو اُترادِي سِنڌي انداز

# THE NORTHERN SINDHI STYLE AND LINGUISTIC DICTION OF SHAIKH AYAZ'S POETRY

**Abstract**

Shaikh Ayaz (1923-1997) was a polyglot, a bilingual poet, and a prose writer of Sindhi and Urdu languages. His selected Sindhi poetry has been translated into Urdu, English, Pashtu and Punjabi. Apart from his first language, Sindhi, he was proficient in Persian, Urdu-Hindi, and English, and also knew Punjabi.

This paper examines Shaik Ayaz's Poetic Utradi (Northern) Sindhi style across his different written styles. It raises the question that: Is Shaikh Ayaz's Sindhi poetry linguistically uniform and only in the pure Sindhi style? Or are there any differences in it from different contexts? And which linguistic features of the northern Sindhi dialect, or Shikarpuri Sindhi sociolect, are present in Shaik Ayaz's Sindhi poetry?

For this purpose, a qualitative analysis of data collected from his published poetry collections has been conducted.

The analysis of the results shows that the Sindhi linguistic style consciously adopted by Shaikh Ayaz is highly diverse, with linguistic variation based on dialects, Sociolects, genre, and period or sociopolitical conditions. In his poetry, Utaradi's Shikarpuri style is prominently present with specific characteristics. These features are mostly limited to the native repertoire.

**Keywords:** Shaikh Ayaz, Sindhi Poetry, Poetics, Linguistic styles, Utradi Sindhi, Language variation, Idiolect, Dialect, Sociolect, etc.

## موضوع جو تعارف (Introduction)

هن مقالي ۾ شيخ اياز جي شاعراڻي لِساني اسلوب جو سنڌي ٻوليءَ جي مختلف جاگرافيائي لهجن، محاورن ۽ سماجي آراڏاين (Sociolects) جي حوالي کان تحريري

فَرقن، خاص ڪري ان جي اُترادي اندازَ جو لِسانياتي جائزو ورتو ويو آهي. جديد سنڌي شاعريءَ جي مقبول ۽ سرواڻ شاعر جي حيثيت ۾ شيخ اياز جي ٻولي يا سنڌي لِساني اسلوب ادبي ڌرين ۾ بحث جو موضوع رهيو آهي. ان بابت اڪثر غير رسمي رايا قائم ٿيئي ڪيا ويا آهن، جڏهن ته ان پاسي ڪان باقائده تَحقيقي ڪم جي ضرورت رهي آهي. هن اڀياس جو مقصد شيخ اياز جي سنڌي شعري اسلوبَ ۾ منجهس اُترادي سنڌي انداز بابت تحقيقي راءِ قائم ڪرڻ آهي.

## لاڳاپيل ڪم جو جائزو (Related Literature Review)

جديد سنڌي ادب جي لِسانياتي جائزي جي حوالي ڪان تحقيق جو ميدان جهڙوڪر بلڪل خالي آهي. شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ تي فني ۽ فڪري حوالي ڪان ته گهڻو لکيو ويو آهي، پر لِسانياتي حوالي ڪان گهٽ جائزو ورتو ويوآهي. ان جي لُغوي پاسي ڪان عبدالڪريم سنديلي[1]، ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهئي[2]، ڊاڪٽر ادل سومري[3]، قمر شهباز[4] ۽ برڪت بلوچ[5] جا ڪجھ مضمون ڇپيل آهن. انهن ڪان سواءِ سندس سنڌي شاعريءَ تي بيروني لِساني اثرن جي حوالي ڪان منهنجي پي ايچ ڊي ٿيسز تي ٻڌل ڪتاب[6] موجود آهي. ان ڪانسواءِ ٻه ڪيترن ئي مضمونن ۾ سندس شاعريءَ تي تنقيدي تعريفي طور لکيو ويو آهي. اهڙي مواد ۾ شيخ اياز جي شعري فن جي خوبين سان گڏ، جتي ان جي شاعريءَ ۾ لفظي ذخيري جي گهڻائي ۽ ٻين لِسانياتي خاصيتن کي ڳڻايو ويو آهي، اتي هڪ راءِ هيءَ به رهي آهي، ته "شيخ اياز جي شاعري نِج سنڌي اسلوب واري آهي." ابراهيم جويي جي چوَڻ موجب: "اياز جي ٻولي خالص سنڌي ٻولي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪا پنهنجي خالص موڙي آهي، وس پُڄندي هُو انهيءَ کي ئي ڪم آڻي ٿو. "ڀنوَر ڀري آڪاس" جي ڪجھ اوائلي نظمن ۽ غزلن ڪانسواءِ هن جي سڄي شعر ۾ اها ٺيٺ پنهنجي ٻولي ڪم آيل آهي." [7]

شيخ سليم احمد موجب: "اياز اردو ۽ انگريزيءَ کي ڪڏهن به پنهنجي سنڌي شاعريءَ جي اسلوب جي ويجهو اچڻ نه ڏنو." [8]

هن تحقيق جي ابتدائي اڀياسَ (Pilot study) ڪانپوءِ عارضي مفروضو (Hypothesis) مٿين راين جي نسبت مختلف جڙيو آهي، جنهن موجب، شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ جو مجموعي لِساني اسلوب اندروني ۽ بيروني لِساني اثرن سان گهڻ آراڏو آهي. ان ۾ فارسي، اردو-هندي، اثرن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن سان گڏ اترادي شڪارپوري انداز پڻ نمايان طور موجود آهي.

## تحقيق جو طريقہ ڪار (Research Methodology):

هن اڀياس لاءِ ”موادي تجزيي“ (Content Analysis) جي طريقيڪار جي چونڊ ڪندي، شيخ اياز جي ڇپيل سنڌي شعري مجموعن مان لِسانياتي لحاظ کان معلومات (ڊيٽا) گڏ ڪئي وئي آهي ۽ حاصل ڪيل معلوماتي مواد جو خاصيتي يا معياري تجزيو (Qualitative Analysis)ڪري نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن.

اڀياسَ جو عارضي مفروضو هيٺين تحقيقي سوالن جي جوابن تي ٻڌل هو.

## تحقيقي سوالَ :

- شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ جي لِساني اسلوب جا مُک لاڙا ڪهڙا آهن؟
- ڇا شيخ اياز جي شاعري لِساني يڪسانيت سان نِج سنڌي اسلوب واري آهي؟ يا ان ۾ جاگرافيائي لهجن، سماجي آراڊاين ۽ سماجي-سياسي حالتن وغيره جي حوالي کان ڪي فرقَ موجود آهن ؟
- شيخ اياز جي ذاتي فطري لهجي، يعني: اترادي سنڌيءَ جون سندس شاعريءَ ۾ ڪهڙيون لِسانياتي خاصيتون موجود آهن ؟

## تجزياتي حقيقتون (Findings):

معياري تجزيي مان ٻہ نُڪتا واضح طور سامهون آيا؛ هڪ تہ ڇاڻايل شاعريءَ جو لِساني اسلوب گهڻ آراڊو آهي، جنهن ۾ زماني يا سماجي-سياسي حالتن آڌار ارتقا ملي ٿي، ۽ ٻيو تہ ان ۾ شعوري طور اختيار ڪيل مختلف سنڌي محاوراتي اندازَ يا لهجا موجود آهن. هيٺ اهڙين حقيقتن جي ٻن حصن ۾ وضاحت ڪجي ٿي؛ 1. گهڻ آراڊو لِساني اسلوب ۽ منجهس ارتقا 2. اُترادي شڪارپوري انداز.

## گهڻ آراڊو لِساني اسلوب ۽ منجهس ارتقا:

معلوماتي مواد جي معياري يا خاصيتي تجزيي مان پڌرو ٿيو تہ سنڌي سماج ۾ ڇالو انفرادي لِساني رَوَيي[9] مطابق، ان سماج جي فرد جي حيثيت ۾ شيخ اياز بہ انفرادي لِساني رَوَيو رکي ٿو. هن جو مجموعي لِساني اسلوب گهڻ آراڊو آهي، جيڪو گهڻي ڀاڱي ديسي توڙي اڌاريل لفظن جي چونڊَ، عدد ۽ استعمال جي مختلف طريقن تي ٻڌل آهي. ڏسجي ٿو تہ سندس سنڌي شاعريءَ ۾ صنف آڌار لِسانياتي تفريق (Linguistic variation) هئڻ سان گڏ سماجي-لسانياتي ماڻن يعني، جاگرافيائي محاورا، سماجي آراڊايون (Sociolects)، ۽ سماجي-لسانياتي حالتن جي لحاظ کان بہ فرقَ آيل آهن.

سندس شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ فني توڙي لِساني روايتن جي مدنظر ٻوليءَ ۾ فرق آهي. خاص ڪري مختلف ٻولين مان اڌاريل لفظن (Borrowed words) کي سندن ٻوليءَ جو پسمنظر رکندڙ صنفن ۾ استعمال ڪرڻ کي ترجيح ڏني وئي آهي. محاوراتي خاصيتن جي حوالي کان ڏٺوسين، ته اڌاريل لفظن کي گرامر جي لحاظ کان گهٽي پاڳي معياري يا وچولي سنڌيءَ واري طريقي سان اختيار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ديسي لفظي ذخيري جي لحاظ کان شاعر جي مجموعي اسلوب ۾ گهٽين جاين تي لاڙِي، ٿري ۽ اُترادي سنڌيءَ جو استعمال به ملي ٿو.

سارو صوبو گهر،
اتر وانگر شاعري
لاڙ، وچولو، ٿَر. [10]

ساڳي نموني مختلف جاين تي مختلف سماجي آراڏاين جهڙوڪ: ادبي سنڌي، شهري سنڌي، ٻهراڙيءَ جي سنڌي، شڪارپوري سنڌي ۽ اندبين سنڌي وغيره جا انداز به اختيار ڪيل آهن. هيٺ ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

فارسيءَ آميز ادبي سنڌي:

دلِ افسرده جون تمنائون، هوُ سراپا بهار ڇا ڄاڻي!
جو گهٽائن جي روحَ تي گذريو، پندِ پرهيزگار ڇا ڄاڻي،
آرزوي ثباتِ ساحل کي، موجِ بي ڪنار ڇا ڄاڻي. [11]

ڪلاسيڪي سنڌي انداز:

واجهه نہ وجهه تون وڏَ ڏي، رتُ وهندي بہ رِڙهہُ
پوئين ويلَ بہ وڙهہُ، ويريءَ ساڻ وجود جي. [12]

هندي لفظن سان اندبين سنڌي انداز:

وري ڪا ياد لائي آ،
هيلَ گهٽا پڇمَ کان آئي
۽ پوءِ ساري جڳَ تي ڇانئي [13]

هندي لفظن سان شهري ڪلاس سنڌي:

ڪنهن سان پريت لڳائي پڳلي،
جو اڄ راس نہ آئي پڳلي[14]

انگريزي لفظن سان پڙهيل شهري ڪلاس سنڌي:

هن ڏني ڪلياڻ ڪيمپ، ۽ ڏني لينن گراڊ
ڪيترو تو جيئن هُئي، او ماءِ گاڏ![15]

اهڙيءَ طرح منجهس سياسي ۽ سماجي حالتن يا زماني آڌار بہ لِساني فرق آيل آهي. مختلف وقتن تي ديسي ۽ اڌاريل لفظن جي کپت ۾ عددي فرق يا ڪمي پيشي نظر اچي ٿي. سندس ڇپيل ابتدائي سنڌي شعري مجموعن ۾ هنديءَ جي پيٽ ۾ فارسي لفظي اڌارڻ وڌيڪ ٿيل آهي. بعد ۾ هُنَ ترقي پسند ادبي تحريڪ جي اثر هيٺ ڪلاسيڪي سنڌي اسلوب اختيار ڪيو، جنهن ۾ (خاص ڪري فارسي) اڌاريل لفظن جو استعمال گهٽ ڪيائين. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جي ابتدائي عرصي ۾ وري هن هندستان کان آيل اردودان اديبن جي صحبت ۾ اردو شاعري ڪرڻ ڏي لاڙو رکيو. سندس تنهن وقت جي سنڌي شاعريءَ ۾ بہ اردو-هندي اڌاريل لفظن جي استعمال جو تناسب وڌيل ملي ٿو. پوءِ ون يونٽ جي قيام ۽ ٻين ناگوار سياسي-سماجي حالتن جي ردعمل ۾ پيدا ٿيل سنڌي قومپرستيءَ جي جذبي ۽ ترقي پسند ادبي تحريڪ جي اثر هيٺ هُن فارسي ۽ هندي/ اردو وغيره مان اڌاريل لفظن جي استعمال کي گهٽائي ٻيهر نِج سنڌي اسلوب جو ڏَگ ورتو. وائس چانسلر رهڻ واري وقت ۾ وري هن جو تخليقي عمل ئي ماٺ ۾ رهيو. ائين سماجي لسانياتي حالتن جي پسمنظر، هُنَ جي اسلوب کي پئي هٿ وس ڪيو.[16]

شيخ اياز جي سنڌي شاعراڻي اسلوب جو گهڻ آراڌو هئڻ سندس اعلي لِساني قابليت کي ظاهر ڪري ٿو. اهو ان ڳالهہ جو پڻ دليل آهي، تہ شاعرَ سنڌي ٻوليءَ جي جامعيت کي اختيار ڪرڻ لاءِ شعوري طور ايئن ڪيو آهي، جنهن جو مقصد لِساني اسلوب کي گهڻ آراڌو بنائڻ سان گڏ سندس اظهارِ خيال ۽ لفظي ذخيري ۾ وسعت پيدا ڪرڻ آهي. هن جي راءِ ۾:

سنڌي آ سَوَ رنگ، ان کي سيئربين جيئن ڏِس.[17]

هو هڪ هنڌ ٻڌائي ٿو تہ هُن "اڪن نيرا ڦليا" وارا بيتَ ٿر جي پسمنظر سان لکيا آهن، باقي سمنڊ، جبلن، اتر، وچولي ۽ لاڙ جي پسمنظر سان بيت ايندڙ ڪتاب "جهڙ نيٽان نہ لهي" ۾ ڏنا ويندا.[18]

## اُترادي شڪارپوري انداز

موادي تجزيي مان اهو پڻ پڌرو آهي، تہ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ڪن جاين تي اترادي محاوري توڙي شڪارپوري سنڌي آراڏائيءَ جي جهلَڪَ نمايان آهي. اهو ان لحاظ ڪان فطري آهي، جو سنڌس سماجي-لسانياتي پسمنظر جو وڏو حصو شڪارپور ۽ سکر شهرن سان وابستہ آهي. ڪيس بهتر تعليم، گهڻ ٻوليائپ، سُر پسندي، شعروادب سان لڳاءُ ۽ مطالعي جي شوق جهڙا زيور بنيادي طور تنهن وقت جي شڪارپوري سنڌي سماج جا ڏنل دانُ آهن. شڪارپور هُن جي سرشت ۾ سمايل آهي. سندس سنڌي شاعريءَ ۾ بجاءِ شڪارپور جي رستن، گهٽين ۽ هنڌن جو ذڪر ملي ٿو. جهڙوڪ؛ بيگاري واهہ، ڪوسي سيئنما، لکي در، ڪاري نهائين، گهنتا گهر، هري ولڀ سينما رستو وغيره.

اترادي لهجي جي حوالي ڪان چاٽايل شاعريءَ ۾ هيٺيون لِسانياتي خاصيتون موجود آهن؛

/ _آن/ پڇاڙيءَ سان جمع ترڪيب، اسم تصغير جو استعمال، مخصوص اترادي يا شڪارپوري لفظيات جو استعمال، اترادي انداز سان پدائتي بناوت يا ضميري پڇاڙين جو استعمال ۽ متحرڪ الآخر خاصيت جو استعمال وغيره.

- /_آن/ پڇاڙيءَ سان جمع ترڪيب؛

هاءِ لُڏن ٿيون لامان ڪونہ جهلينم
ڪيسين پچران، ڪيسين ڪامان، ڪونہ جهلينم [19]

مٿين شعر ۾ ”لامان“ لفظ اترادي محاوري موجب /اون/ بجاءِ /آن/ پڇاڙيءَ سان جمع ترڪيب ۾ قافيي لاءِ استعمال ٿيو آهي.

- اسم تصغير جو استعمال:

دارؤن پي دبڙاٽ چا لاءِ چوريءَ ڪي ڪيڊيئہ ؟ [20]
ٻيليئڙو ٻوليو
چُپ ساڏيندئو ڪيتري
مُنُڙا تہ ڪوليو. [21]

- ضميري پڇاڙين واري يا پدائتي بناوت:

چو لُٽائينس ٿو، ايئن ڪُٽائينس ٿو. [22]

مٿئين مصرع ۾ فعل ٽڙن؛ ”لُٽا“ ، ”ڪُٽا“ ڪي اترادي انداز سان پدائتي بناوت ۾ اختيار ڪيو ويو آهي.

چيو اٿي مانس پر خدارا ڪڏهن ته ايندين ڪڏهن ته ايندين ! (23)

ضميري پڇاڙين وارا قافيا پڻ گهٽين جاين تي استعمال ڪيا ويا آهن جهڙوڪ؛ اڙايوس، ڏنوس، چئجوس وغيره.

- اترادي يا شڪارپوري لفظيات جو استعمال: جهڙوڪ؛ ني (نه)، گهل گهل، اَلِ، بِلو ڪرڻ، آن (آهين) وغيره.

چڏ اهي ڳالهيون ! آءُ ني ناصحا ! (24)

شڪارپوري سماجي آراڏائيءَ جي خاصيت مطابق ”ني“ حرفَ جو استعمال ٿيل آهي.

اڳ به صورت گرو هن جيئن ڏني ٿَوَ ڪائي؟ (25)

مٿئين مصرع ۾ اٿَوَ جي جاءِ تي ٿَوَ جي استعمال بابت خود شاعر جي وضاحت موجب، اتر ۾ اٿَوَ کي ٿَوَ به چوندا آهن.

چو ڙي زاهدَ! هيءَ گهلِ گهلِ !<br>
رات ڏنو هو مانءِ، نه اَلِ ! (26)

اجان ته هانوُ هيڪلو<br>
اوهان به گر ڪيو بلو . (27)

تون ڪير؟ پٽائي آن ؟<br>
تون اڄ به تنبورو آن، تون اڄ به ته وائي آن . (28)

## حاصل مطلب (Conclusion)

هن اڀياس ۾ اسان موادي تجزيي جي طريقي ڪار سان شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ، خاص ڪري منجهس اترادي انداز جو جائزو ورتو، جنهن مان واضح ٿيو، ته شيخ اياز جي وڏي عرصي (لڳ ڀڳ چاليهہَ سالَ) تي مشتمل، ضخيم سنڌي شاعريءَ جو مجموعي لِساني اسلوب گهڻ آراڏو آهي. هن جي ٻولي سنڌي سماج جي ٻولي آهي، جنهن ۾ مختلف جاگرافيائي محاورن، سماجي آراڏاين جي آڏار تفريق ملي ٿي، ۽ ان ۾ برصغير جي سياسي-سماجي توڙي سنڌ جي سماجي-لسانياتي حالتن آڏار ارتقا موجود آهي. نوٽ ڪيو ويو ته شاعر پاران مختلف

لحاضن ڪان گهڻ آراڌي اسلوب اختيار ڪرڻ جو مقصد خيالن جي اظهار ۽ لفظي ذخيري ۾ وسعت پيدا ڪرڻ آهي.

اياز جي سماجي-لسانياتي پسمنظر جو وڏو حصو شڪارپور ۽ سکر سان وابسته هئڻ ڪري سندس سنڌي شاعريءَ جي ڪن نمونن ۾ فطري طور اترادي شڪارپوري انداز پڻ مخصوص خاصيتن سان نمايان طور موجود آهي. اترادي شڪارپوري انداز جون اهي خاصيتون ٻين فَرقن جيان گهڻي ڀاڱي لغوي حوالي ڪان ۽ ديسي لفظي ذخيري تائين محدود آهن. منجهس گرامر جو فرق نه هئڻ برابر آهي. اهو پڻ نوٽ ڪيو ويو ته ڪجهه مخصوص اترادي لفظيات قافيي وغيره لاءِ پڻ استعمال ڪئي وئي آهي.

شاعر جي پنهنجي اسلوب بابت سندس مختلف ڪتابن جي مهاڳن ۾ اظهاريل سندس راين ۽ موادي تجزئي مان اهو پڻ اخذ ٿئي ٿو ته سندس گهڻ آراڌي لِساني اسلوبَ ۾ ٻين فَرقن ڪي اختيار ڪرڻ ۾ گهڻي قدر سندس شعوري ڪوشش جو دخل آهي، جڏهن ته اترادي شڪارپوري انداز فطري طرح موجود آهي. اهڙيءَ ريت انهيءَ اڳوڻي راءِ ڪي رد ملي ٿو ته ڪو شيخ اياز جي شاعري نِج سنڌي اسلوب واري آهي.

بهرحال سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو گهڻ آراڌو استعمال يا اهڙي لِسانياتي گهڻ رنگائي سنڌي ادبي تاريخ جي ڪنهن ٻئي سنڌي شاعر وٽ ورلي ملي ٿي. سچل سرمست ۽ ٻين جي مثالن ۾ گهڻ لِسانيت ته ملي ٿي، پر هڪ ئي ٻوليءَ (سنڌي) جي گهڻ رنگائي شيخ اياز جو خاصو آهي. سندس شاعراڻو اسلوب مجموعي طور سنڌي ٻوليءَ جو رنگين گلدستو آهي، جنهن ۾ اترادي ۽ شڪارپوري گل پنهنجي مخصوص صورت ۽ خوشبوءِ سان موجود آهي.

## حوالا


1. سنديلو عبدالڪريم. 1997. شيخ اياز ۽ سندس شعر جو لغوي پهلو. پرک. VII. 13-133.
2. ٻُگهيو، ايم قاسم. 2001. ٻوليءَ ۾ ٻيهار آءٌ نه اچڻو آهيان. سوديس مسافر منهنجو جو ڙي. 97-111. خيرپور. شيخ اياز چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي.
3. سومرو ادل. 2003. شيخ اياز سنڌي ٻوليءَ ڪي نئون جنم ڏيندڙ شاعر. مهڪ چنبيليءَ ول جي. 58-74. خيرپور. شاه عبداللطيف يونيورسٽي.
4. شهباز قمر. 2001. اياز لفظن جو جادوگر. سو ديس مسافر منهنجوڙي. 56-91. خيرپور. شيخ اياز چيئر.

5. بلوچ برڪت.1998. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ صرفي بناوٽون. شاعريءَ جي خوابن جي خوشبو. 99-111. خيرپور. شيخ اياز چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي.
6. ڪلوَڙ عبدالوحيد. 2022. شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ جي سماجي_لسانيات. حيدرآباد. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
7. شيخ اياز، 1999ع. مينهن ڪٽيون. ڪنديارو. روشني پبليڪيشن. ص. 69.
8. ڪلوَڙ عبدالوحيد. 2022. شيخ اياز جي شاعريءَ جو سماجي_لسانياتي اڀياس. حيدرآباد. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
9. Bughio.M. Qasim. 2001. Sociolinguistics of Sindhi. Germany. Lincom. Europa.
10. شيخ اياز، 1996. سانجهي سمونڊ سپون. حيدرآباد. نيوفيلڊس پبليڪيشن. ص.137
11. ساڳيو.
12. شيخ اياز، 1975. 1986. [1996]. سانجهي سمونڊ سپون. حيدرآباد. نيوفيلڊس پبليڪيشن.
13. شيخ اياز. [1999]. هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن. حيدرآباد. نيوفيلڊس پبليڪيشن. ص.140
14. شيخ اياز. 1998.1985. پن ڇڻ پڇاڻان. نيو فيلڊس. حيدرآباد. ص. 169
15. شيخ اياز.1993. سورَجَ مُکيءَ سانجهہَ. حيدرآباد. نيوفيلڊس پبليڪيشن.
16. شيخ اياز. 1996. ڪتين ڪر موڙيا جڏهن. ڀاڱو III. سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي. ص. 20.
17. شيخ اياز.1993. سورَجَ مُکيءَ سانجهہَ. حيدرآباد. نيوفيلڊس پبليڪيشن. ص. 222.
18. شيخ اياز. 1991. چنڊ ڳليون. حيدرآباد. نيو فيلڊس پبليڪيشن. ص. 127.
19. شيخ اياز، 1985. [1998]. پَن ڇَڻ پڇاڻان. حيدرآباد. نيوفيلڊس پبليڪيشن. ص. 46.
20. ساڳيو. ص. 185.
21. شيخ اياز. (1992). ننڊَ وليون. حيدرآباد. نيوفيلڊس پبليڪيشن. ص. 74.
22. شيخ اياز.1993. سورَجَ مُکيءَ سانجهہَ. حيدرآباد. نيوفيلڊس پبليڪيشن. ص. 160.
23. شيخ اياز. 1996. ڪتين ڪر موڙيا جڏهن. ڀاڱو III. سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي. ص. 29.
24. ساڳيو، ص 222
25. شيخ اياز. 1991. چنڊ ڳليون. حيدرآباد. نيو فيلڊس پبليڪيشن. ص. 127.
26. شيخ اياز. 1955. وڄيون وسڻ آيون. حيدرآباد. نيو فيلڊس پبليڪيشن. ص. 185.
27. ساڳيو.
28. شيخ اياز. (1992). ننڊَ وليون. حيدرآباد. نيوفيلڊس پبليڪيشن. ص. 74.

حزب الله آء سومرو

# سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهڙو لفظ معياري آهي: 'مان يا آءٌ/آئون'؟

# Which in Sindhi Language is Standard Word? 'Aaun' Or 'Maan'


**Abstract**

Language has many dialects. A dialect is a specific way of speaking of the specific region and central dialect is supposed to be the standard dialect of language. Sindhi language possesses various dialects, i.e. Laari, Siraiki, Utradhi, Thari , Wicholi /Sahiti , Kohistani, Lasim Dhatti, etc.

The English word 'I' is spoken in two different dialectical variations; 'Maan' and 'Aanu' in Sindhi. The word 'Maan' is derived from Persian word 'من' (Mun) which is spoken in the northern and central regions due to Arghun, Turkhan and Moughal's rule for a long time, whereas, the Arabs ruled Laar and Thar regions for long period , So 'انا' (Anna) is an Arabic word in origin and was used profusely (commonly) "آءٌ/آئون" (Aanu).

As far as this research proclaims /testifies that 'Maan' is standard word due to two reasons:

(1) Local languages were spoken in parallel, i.e. Urdu, Seraiki and Panjabi contain the word 'میں' (main). In Persian 'من' (Mun), In Baluochi 'ما' (Maa) and in Sindhi 'مان' (Maan). Whereas, the word 'انا' (Anna) belongs to Arabic and Hebrew languages and due to effect of them, the English word 'I' has almost the same pronunciation as 'انا' (Anna) and so the word آءٌ/آئون' (Aanu) has been coined from 'انا' (Anna) in Sindhi language. In the light of such evidences, the word 'مان' (Maan) is local_ cum_ standard one.

(2) The standard dialect is spoken in Naushehro Feroze , Moro , and Khairpur except Naro. Therefore, 'آءٌ/آئون' (Aanu) is a local word of

Thar and Laar but '**مان**' (Maan) is a standard word used or spoken in the above mentioned central region.

**Keywords:** Standard word, Sindhi Language, ‘Aaun’, ‘Maan’, I, Sindhi, Persian, Siraiki, Punjabi, Central

ٻولي اچارن، لفظن ۽ جملن جو مجموعو آهي، جنهن کي گرامري اصولن تحت پرکي ۽ متوازن رکي سگهجي ٿو. ٻوليءَ جون مختلف علائقن ۾ مختلف صورتون ۽ انداز ٿين ٿا، مختلف علائقن ۾ مختلف لفظ هڪ معنيٰ ۾ به ٿين ٿا. ان فرق وارن لفظن جي ٻوليءَ کي ’لهجو‘ (**Dialect**) چئبو آهي.

ڀيرومل مهرچند لهجي جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو: ”ڀاشا معنيٰ ٻولي (**Language**) ۽ اپڀاشا معني ٻوليءَ جو ننڍو لهجو (**Dialect**) اهو تفاوت اهڙو آهي، جهڙو جبل ۽ ٽڪريءَ جي وچ ۾ تفاوت. چوٽي آهي ته 'ٻارهين ڪوهين، ٻولي ٻي'. اهو پهاڪو دنيا جي سڀني ٻولين سان هڪ جهڙو لاڳو آهي. مثلاً رڳو سکر ضلعي ۾ ئي ڏسجي ٿو ته شڪارپور جي ٻولي هڪڙي، سکر ۽ روهڙيءَ جي ٻي ۽ اٻاوڙي جي وچائين ٿين.“ (1)

لهجي بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو: ”اها ثابت ٿيل حقيقت آهي ته ڪي به ٻه ماڻهو هڪ جهڙو ڳالهائي نه سگهندا آهن، چاهي اهي ساڳئي خطي ۽ ماحول جا چو نه هجن. مثال طور، ڪو لاڙڪاڻي جو رهاڪو حيدرآبادين جي محفل ۾ ويهندو ته جيتوڻيڪ ان جي ٻولي به ساڳئي سنڌي آهي پر اچار جي طريقي(**Accent**) ۽ جهيلار(**Intonation**) مان ڀنهي يعني لاڙڪاڻي جي رهاڪو ۽ حيدرآباد جي رهاڪو جي ٻوليءَ ۾ ٻڌندڙ يليءَ يت فرق محسوس ڪري سگهندا.... اهڙا ننڍا ننڍا فرق فردن کي گروهن تائين پهچي عادت بڻجي وڃن ٿا، تان جو لسانياتي نقطه نگاهه کان انهيءَ گروهه جوهڪ خاص نالو مقرر ٿي وڃي ٿو، زبان (ڀاشا) جي اهڙن گروهن کي لهجا يا اپڀاشا (**Dialect**)چئبو آهي.“ (2)

سنڌي ٻوليءَ جا وڏا لهجا هي آهن: اترادي، وچولو، لاڙي، لاسي ۽ ڪڇي، جڏهن ته ٻين علائقن جا اپلهجا، چاٽايل لهجن جا حصو سڏجن ٿا. انهيءَ لهجي جو هڪ اختلاف سنڌي ٻوليءَ جي هڪ معني رکندڙ ٻن لفظن ’مان‘ ۽ ’آءٌ/آئون‘ ۾ ڏسي سگهجي ٿو، جيڪي انگريزي لفظ ’**I**‘ لاءِ ڪتب اچن ٿا.

## آءُ ۽ مان جا علائقا

ڏٺو وڃي ته اتر ۽ وچولي ۾ 'مان' جو لفظ استعمال ٿئي ٿو، جڏهن ته لاڙ ۾ 'آءٌ' جو لفظ ڪم اچي ٿو.

## آءٌ ۽ مان جو پس منظر

مطالعي ڪان پوءِ چئي سگهجي ٿو، ته سنڌ جي جن علائقن ۾ عربن جي حڪومت يا اثر رهيو آهي، اتي عربيءَ جو اثر ڪجهه وڌيڪ رهيو، جيئن مشهور ماهر لسانيات علي نواز حاجن خان جتوئي لکي ٿو: ”عربن سنڌ جي وچئين حصي ۾ روهڙي ڪان وٺي حيدرآباد تائين پنهنجا الڳ ڳوٺ ۽ شهر ٻڌا، اهو ئي سبب آهي جو وچولي سنڌيءَ تي عربي زبان جو وڌو اثر آهي.“ (3)

حقيقت اها آهي ته مڪمل ٿر ۽ لاڙ تي عربن جو ضابطو رهيو. ان ڪري اتي ’آءٌ‘ جو لفظ استعمال هيئ آهي. سنڌ جي علائقن جي تاريخي مطالعي مان معلوم ٿيو ته عربن ۽ عرب نسل سومرن ڪان اتر سنڌ جو علائقو ڇڏائجي چڪو هئو ۽ تن جي حڪومت گهٽو عرصو ڪجهه قدر وچولي، لاڙ ۽ ٿر تي رهي آهي. عربن جي گاديءَ جو هنڌ ’منصوره‘ به لاڙ ۾ هئو، ان ڪري ان علائقي ۾ عربي لفظ ’انا‘ جهڙو سنڌي لفظ ’آءٌ‘/ ’آئون‘ جڙيو. جيئن ته وچولي، اتر ۽ ڪاڇي جا علائقا ايران ۽ افغانستان يا انهن جي اثر هيٺ بلوچن ۽ پٺاڻن جي علائقن جي پرسان آهن. ان ڪري اتي فارسي لفظ ’من‘ سان ملندڙ جلندڙ سنڌي لفظ ’مان‘ رائج رهيو آهي. ان ڪري اهو چوڻ به مناسب ٿيندو ته فارسي، بلوچي، هندي، اردو، سنڌي، سرائيڪي ۽ پنجابيءَ ۾ "I" انگريزي لفظ لاءِ من، ما، مين ۽ مان جهڙا هڪ جهڙا لفظ استعمال ٿين ٿا.

## معياري لفظ

مٿي بحث هيٺ دليلن جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو، ته سنڌي ٻوليءَ جو وچولي وارو لهجو معياري آهي، جنهن ۾ وچولي جو لفظ ’مان‘ معياري لفظ آهي، جنهن لاءِ هيٺيان نڪتا بيان ڪجن ٿا:

1. ’مان‘ لفظ وچولي جو اصل ۽ معياري لفظ معلوم ٿئي ٿو. ان لاءِ دليل اهو آهي ته هتان جي ٻولين هندي، اردو ۽ سرائيڪيءَ ۾ ’مين‘، فارسيءَ ۾ ’من‘، بلوچيءَ ۾ ’ما‘ ۽ سنڌيءَ ۾ ’مان‘ استعمال ٿين ٿا. جڏهن ته عربي يا عبرانيءَ ۾ ’انا‘ ۽ انهيءَ ڪري انگريزيءَ ۾ ’آ‘ (I) ۽ لاڙي لفظ ’آءٌ‘ هڪ جهڙو اچار آهي. وري

عرب، سري لنڪا گهڻو آيا ويا تہ اتي بہ 'انا' وانگر 'اني' ٿا چون. عربيءَ جي 'انا' جهڙو لفظ سنڌيءَ ۾ 'آءٌ' جڙيو آهي. هتان جي ٻولين جا لفظ 'من'، 'مين'، 'ما' ۽ 'مان' ثابت ڪن ٿا تہ وچولي جو اصل لفظ 'مان' آهي، جنهن ڪري اهو وڌيڪ معياري آهي.

2. دراصل، 'آءٌ' جو پورو گردان موجود نہ آهي، پر 'مان' جو پورو گردان موجود آهي، جيئن: مان = منهنجو، منهنجي، منهنجا، منهنجون، مون ڏانهن، مون ڪان، مون سان، مون لاءِ وغيره.

ٻئي پاسي 'آءٌ' جو اهڙو ڪو بہ گردان موجود نہ آهي. 'آءٌ' لفظ ڳالهائيندڙ يا استعمال ڪندڙ بہ 'مان' جا اهي گردان استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن، ان جو اعتراف ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي مضمون 'سنڌي گرامر جا مسئلا' ۾ ڪجهہ هن طرح ڪيو آهي: "لفظ 'مون' ڪي فعل متعديءَ سان ماضيءَ ۾ استعمال ڪبو تہ هيءَ صورت ٿيندي 'مون لکيو' يا 'مون چيو'. هندي ۽ اردوءَ ۾ ترجمو ڪري ڏسو تہ اهو ٿيندو. " ميں نے لکھا " يا " ميں نے کہا " (اهو صرف متعدي فعل سان ٿيندو آهي) اتي جيڪو حرف جر "نے " آهي، اهو ٻين بہ اڪثر آريائي ٻولين ۾ موجود آهي. هاڻي ان ڪي گرامر جي ڪتابن ۾ سمجهائڻ ڪري خود سنڌيءَ جا مختلف لهجا ڳالهائڻ وارا معياري لهجو ڳالهائڻ ۽ لکڻ مهل غلط استعمال ڪندا آهن. سنڌيءَ جي معياري لهجي ۾ ضمير متڪلم واحد 'آءٌ' (جمع اسين) آهي، جيڪو ماضيءَ ۾ متعدي فعل سان 'مون' ٿيو وڃي. جڏهن تہ سنڌيءَ جي اترادي لهجي ۾ ضمير متڪلم 'مان' (جمع اسان) آهي، جيڪو لازمي توڙي متعديءَ ۾ ساڳيو رهندو آهي، هاڻي ڇاڪاڻ جو انهيءَ فرق جي گرامر جا ڪتاب ڇٽو نہ ٿا ڪن، انهيءَ ڪري ڪيترا ماڻهو 'مون' کي 'مان' جو متبادل سمجهي 'آءٌ لکيو' يا 'آءٌ چيو' لکي ۽ چئي ويندا آهن ۽ ان کي غلط ڪو نہ سمجهيو ويندو آهي. ساڳيو فرق 'اسين' ۽ 'اسان' ۾ آهي. ضمير حاضر واحد 'تو' ۽ 'تون' جمع 'توهين' ۽ 'توهان' ۾ آهي. اترادي 'مان'، 'اسان' ۽ 'توهان' لازمي ۽ متعدي فعل سان ٻنهي حالتن ۾ استعمال ٿي سگهن ٿا، پر معياريءَ وارو 'آءٌ' يا 'اسين' ۽ 'توهين' ٻنهي صورتن ۾ استعمال ڪو نہ ٿيندا. 'اسين چيو'، 'توهين لکيو' وغيره غلط ٿيندو. [(4)]

3. هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ آخر اهي مسئلا 'آءٌ' وارن سان ڇو آهن، جيڪي 'مان' وارن سان نہ آهن؟ اهو ان ڪري جو 'آءٌ' جا گردان ڪٽل آهن، جنهن

ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ ’مان‘ پورو گردان رکڻ ڪري، معياري لفظ آهي، جڏهن تہ ’آءٌ‘ گردان پورو نہ رکڻ ڪري ناقص ۽ محدود لهجي جو لفظ تہ آهي پر معياري نہ آهي.

’آءٌ‘ جو ضد بہ ڪونهي، جڏهن تہ مان جو ضد ’تون‘ موجود آهي. جيئن چيو ويندو آهي تہ ’تون مان‘ نہ ڪي ’تون آءٌ‘. ان طرح ’آءٌ‘ ڇوڙ يا استعمال ڪرڻ وارا بہ ’تون‘ جي ضد ۾ ’آءٌ‘ نہ پر ’مان‘ استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن. هڪ پاسي اهو ڏسون ٿا تہ ’تون‘ جا ضد وارا صيغا ’مان‘ ڪٽي ٿو، نہ ڪي ’آءٌ‘.

| لفظ | ضد |
|---|---|
| تون | مان / مون |
| تنهنجو | منهنجو |
| تنهنجي | منهنجي |
| تنهنجا | منهنجا |
| تنهنجيون | منهنجيون |
| تو ڏانهن | مون ڏانهن |
| تو لاءِ | مون لاءِ |
| تو سان | مون سان |
| تو کان | مون کان |

جڏهن تہ، تون، جا ممڪنہ صيغا يا گردان هن طرح هجڻ گهرجن، پر آهن ڪونہ:

| لفظ | ضد |
|---|---|
| تون | آءٌ |
| تنهنجو | آءٌ جو |
| تنهنجي | آءٌ جي |
| تنهنجا | آءٌ جا |
| تنهنجون | آءٌ جون |
| تو ڏانهن | آءٌ ڏانهن |
| تو کان | آءٌ کان |
| تو سان | آءٌ سان |
| تو لاءِ | آءٌ لاءِ |

ان ڪري اهو چوڻ درست ٿيندو ته معياري ٻوليءَ نسبت، ’آءٌ‘ ناقص ۽ محدود لهجي وارو لفظ آهي، جڏهن ته ’مان‘ پورو ۽ معياري لهجي وارو لفظ آهي.

4. اها هڪ حقيقت آهي ته هر ٻوليءَ جو معياري لهجو ڪو به سرحدي لهجو نه، پر مرڪزي علائقي جو لهجو معياري هوندو آهي، ڇو ته سرحدي لهجا ٻين ٻولين جا اثر گهڻا قبول ڪن ٿا جڏهن ته وچولي (وچئين علائقي) جي ٻوليءَ تي ٻين ٻولين جا اثر گهٽ ٿين ٿا، ان ڪري اهو معياري لهجو ليکبو آهي.

معياري لهجي جي جاگرافي ڪهڙي آهي؟

پيرومل مهرچند آڏواڻي معياري وچولي جون حدون هن طرح ٻڌائي ٿو: ”سري ۽ لاڙ جي وچ وارو ڀاڱو ’وچولو‘ سڏجي ٿو، جنهن جون حدون ڪنڊياري ۽ دادو تعلقن جي اتر واري ڀاڱي کان وٺي هيٺ ڪوٽڙي ڊويزن تائين آهن. اهو سنڌ جو وچولو يعني وچ وارو ڀاڱو آهي.“ [5]

ڏٺو وڃي ته ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد وچولو آهن، ته پوءِ وري پيرومل مهرچند آڏواڻي، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي ص:110 تي حيدرآباد کي لاڙ ۾ ڳڻي ٿو. ص:111 تي شاهه جي رسالي کي لاڙي لهجي ۾ ڳڻي ٿو، يعني ڀٽ شاهه متياري به لاڙ ۾ آهي.

ان کان سواءِ خيرپور جي ناري تعلقي کي ڇڏي باقي خيرپور کي ڏٺو وڃي ته اهو نه سري ۾ آهي، نه اتر ۾، جو اترادي سڏجي، نه ٿر ۾ جو ٿري سڏجي، اهو به وچولي ۾ شامل آهي.

خيرپور جو گهڻو حصو ناري تعلقي کان سواءِ پڻ وچولي سان تعلق رکي ٿو. ناميارو ماهر لسانيات ڊاڪٽر هدايت پريم، گريئرسن جي حوالي سان لکي ٿو: ”گريئرسن پنهنجي لاثاني ڪتاب لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا جي جلد اٺين جي پهرئين ڀاڱي ۾ سنڌي ٻوليءِ جو مطالعو ڏنو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جي باري ۾ گريئرسن جي راءِ کي اٽڪل هڪ صديءَ جو عرصو گذري چڪو آهي. گريئرسن جي راءِ ۾ اترادي لهجو ڪو به انفرادي طور وجود نه ٿو رکي، بلڪ وچولي (معياري) جو هڪ نمونو آهي پر پوءِ به خيرپور جو هڪ نمونو ڏنو اٿائين. خيرپوري لهجي جي باري ۾ گريئرسن لکي ٿو، ته:

> **"In the state of Khairpur 1,19000 persons were returned for the purpose of this survey as speaking standard Sindhi. It is the only form of language spoken in state."**[6]

خود ڊاڪٽر هدايت پريم ان ڳالھ جو قائل آهي، تہ ناري ريگستان تي باقي خيرپور جي بدران ٿري لهجي جا گھڻا اثر آهن، لکي ٿو: ”سابق خيرپور رياست جي حدن ۾ رائج لهجي کي خيرپوري لهجو چئي سگھجي ٿو پر سواءِ ريگستاني علائقي جي، جتي ٿري لهجي جا گھڻا اثرات آهن.“ (7)

ڊاڪٽر عطا محمد حامي بہ ناري ريگستان جي ٻوليءَ کي ٿر سان ڳنڍي، باقي خيرپور کي وچولي سان ڳنڍي ٿو، لکي ٿو: ”خيرپور جي گھٽي آباديءِ واري لهجي تي وچولي ۽ سريلي ٻوليءِ جو ۽ سندس ريگستاني علائقي تي ٿريليءِ جو اثر آهي.“ (8)

ان ڪري خيرپور کي وچولي ۾ ڳنڍيندي سندس لهجو پڻ معياري لهجو قرار ڏيڻ گھرجي، پر لاڙي لهجي کي معياري لهجو بنان ڪنهن قاعدي جي قرار ڏنو ويو آهي، اها ڳالھ نامياري ماهر لسانيات پيرومل هن طرح ڪئي آهي: ”سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ٺاهڻ واري ڪميٽي توڙي سرڪاري تعليم کاتي ۾ حيدرآباد جا رهاڪو گھڻا هئا ۽ درسي ڪتابن لکڻ وارن ۾ بہ حيدرآبادي اڪثريت ۾ هئا، تنهن ڪري ئي حيدرآبادي لهجي کي سرڪاري طور اهميت ملي وئي ۽ ان کي معياري لهجو تسليم ڪيو ويو.“ (9)

ڏٺو وڃي تہ سنڌي ٻوليءَ جو لاڙي (حيدرآبادي) لهجو معياري نہ هجڻ گھرجي، پر وچولي جو لهجو معياري هجڻ گھرجي ۽ وچولو، جيڪو خيرپور کان ڪنڌيارو، نواب شاھ ضلعن تائين ڦهليل آهي، ان ۾ ’مان‘ جو لفظ ڳالهايو وڃي ٿو، جنهن ڪري ’مان‘ لفظ معياري آهي.

## لفظن ڏانهن غير سنجيده رويو

ڪن ماڻهن جي ذهنن ۾ اهو ويهاريو ويو آهي تہ ’مان‘ لفظ ۾ وڏائي آهي؛ حالانڪ ’مان ڪرڻ‘ واري اصطلاح سبب، اهي غلط فهميءَ جو شڪار آهن. انهن موجب ’آءٌ‘ لفظ ۾ نماڻائي ۽ عاجزي آهي، جڏهن تہ ٻنهي لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم ساڳيو آهي. پيو تہ ’مان ڪرڻ‘ هڪ اصطلاح آهي ۽ اها ڳالھ عام فهم آهي تہ اصطلاح جي ظاهري معنى نہ هوندي آهي. ٿيون تہ اهو ڪھڙو اصول چئبو تہ جنهن لفظ ۾ عاجزي هجي تہ اهو ٻوليءَ جو معياري لفظ سڏبو؟ ان سلسلي ۾ پٽائيءَ جي شاعريءَ مان ڪجھ بيت دليل طور پيش ڪجن ٿا، جن موجب ’آئون‘ يعني ’آءٌ‘ بہ ’مان‘ وانگر وڏائيءَ لاءِ ڪم اچي ٿو:

’آئون‘ سين ان پار، ڪڏهن تان ڪو نہ ٿيو،
’ان الله وتر يحب الوتر‘، نيئي ٻيائي ٻار،
هيڪڙائي وٺ هار، هنجون جي هئڻ جون.[10]

*

ٻيائي سپرين، پاٽان مون ڪي پل،
’آئون‘ اوريان جهل، توکي رسي ’تو‘، ڏٽي.[11]

*

’آئون‘ اوريان جهل تون، ڇڏيم پاڻ پچار،
شرڪ ساڻ ستار! گهٽا گهاريم ڏينهڙا.[12]

*

مون، تون، آئون، اسين، چارئي چتان لاهہ،
تہ سندي دوزخ باهہ، تو اوڏيائي نہ اچي.[13]

## نتيجو

سنڌي ٻوليءَ جو وچولو لهجو معياري آهي. وچولي جي حوالي سان اختلاف رهيو آهي، جيڪو غير منطقي ۽ اڻ تاريخي آهي. سنڌ جي جاگرافيائي صورت ڏسندي، اهو چئي سگهجي ٿو تہ نوشهرو فيروز، مورو، خيرپور ضلعو (ناري ڪان سواءِ جيڪو ٿر سان نسبت رکي ٿو.) وچولو آهي. اهڙي راءِ سان ڪو اختلاف رکي ٿو تہ خيرپور کي وچولي ۾ نہ ٿو شمار ڪجي تہ ان وٽ ڪو دليل نہ آهي تہ اهو وچولو ڇو نہ آهي؟ هن وقت وري بہ نوشهري ۽ موري کي متفقہ طور وچولو مڃيو وڃي ٿو تہ پوءِ وچولي جي ان علائقي ۾ تہ ’آءٌ‘ نہ ٿو ڳالهايو وڃي، اتي بہ ’مان‘ ڳالهايو وڃي ٿو، تہ ان صورت ۾ بہ ’آءٌ‘ کي معياري لفظ چوڻ بي اصولي ٿيندي، ان ڪري ’مان‘ لفظ کي معياري تسليم ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙي معياري لفظ کي ادبي توڙي درسي ڪتابن ۾ ڪم آڻجي.

## حوالا:


1. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند: ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2015ع - ص 85
2. الانا، غلام علي ڊاڪٽر: ’سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو،1995ع - ص 3

3. جتوئي، علي نواز حاجن خان: ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘، 1968ع - ص 156
4. ملاح، مختيار احمد(مرتب): ’ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون v‘، سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، 2011ع - ص 224- 225
5. آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند: ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2015ع - ص 103
6. تحقيقي جرنل ڪلاچي: شاهه لطيف چيئر، 1999/4ع، ص 123
7. ايضاً
8. حامي، عطا محمد: ’خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1994ع- ص 265
9. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند: ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2015ع - ص 87
10. شاهواڻي، غلام محمد(مرتب): شاهه جو رسالو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع سر آسا داستان:1، بيت:2
11. ساڳيو، بيت:3
12. ساڳيو، بيت:5
13. قاضي، علامه آءِ آءِ (مرتب): ’شاهه جو رسالو‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1993ع سر آسا داستان:4 بيت:20

امبر سومرو/ ڊاڪٽر امير علي شاهه

# سنڌي ٻوليءَ ۾ احترام جو اظهار: سماجي لسانيات جي تناظر ۾ هڪ تحقيقي اڀياس

# Expressions of Respect and Politeness in the Sindhi Language: A Semantic, Pragmatic, and Sociolinguistic Study

**Abstract**

The current research is an exploration into the semiotic aspects of the linguistic expressions that serve to express honor, respect, and politeness in the Sindhi language. The research focuses on the ways these linguistic expressions mirror the culture, the social relations, and the communication practices of the Sindhi speaking population. Being one of the culturally diverse languages, Sindhi utilizes numerous linguistic tools like honorifics, respectful pronouns, titles, polite constructions, indirect speech acts, greetings, and culturally specific terms of address for the expression of deference and politeness.

This research explores the semantic aspects of the expressions used to show respect and politeness in different communication contexts including communication within families, educational establishments, at workplace, in religious settings, and in public discourse. Drawing on examples of spoken and written Sindhi, this research aims to determine main semantic constructions that encode respectful messages in the language. It proves that the meaning of honorific expressions is broader than the meaning of their lexical units and is closely related to pragmatic intentions, cultural tradition, and social convention. The study draws attention to the importance of using politeness strategies for the purpose of building friendly relations, promoting harmony, and protecting cultural identity.

Moreover, the research examines the impact of modernization, urbanization, globalization, and new means of communication on traditional patterns of respectful language behavior. Though certain social and technological developments have resulted in emergence of new ways of communicating, this research shows that respect and politeness continue to be the main features of the linguistic behavior

of Sindhi speakers although they take new forms of manifestation. This research makes an important contribution into semantics, sociolinguistics, pragmatics, and the study of Sindhi language.

**Keywords**: Sindhi Language, Semantics, Politeness, Honorific Expressions, Respect, Sociolinguistics, Cultural Values, Pragmatics, Social Hierarchy, Linguistic Etiquette.

سنڌي ٻولي، تاريخي علمي ۽ ثقافتي لحاظ کان نهايت شاهوڪار ٻولي آهي. هن ٻوليءَ جي لغوي سرشتي، نحوي جوڙجڪ ۽ معنوي نظام ۾ سماجي قدرن، ثقافتي روايتن ۽ انساني لاڳاپن جي گهري عڪاسي ملي ٿي. خاص طور تي عزت، ادب ۽ احترام جو اظهار سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي خصوصيتن مان هڪ آهي. سنڌي معاشري ۾ ٻولي صرف رابطي جو ذريعو نه، پر سماجي حيثيت، ثقافتي سڃاڻپ ۽ گڏيل سمجهه جي لاڳاپن جي تعمير جو هڪ اهم وسيلو پڻ آهي. جڏهن ڪو فرد پنهنجي ڳالهه ٻولهه ۾ مناسب ضمير، اعزازي لقب، دعائيه جملا يا نرم لهجو اختيار ڪري ٿو، تڏهن هو نه صرف مخاطب جي عزت ڪري ٿو، پر پنهنجي سماجي تربيت ۽ ثقافتي وابستگيءَ جو به اظهار ڪري ٿو.

لسانيات جي جديد مطالعي ۾ عزت ۽ ادب جي اظهار کي **"Politeness Theory"** ۽ **"Honorific Semantics"** جي دائري ۾ پرکيو ويندو آهي. براون ۽ ليونسن (1987ع) پنهنجي مشهور نظريي ۾ وضاحت ڪن ٿا ته، هر سماج ۾ فردن وٽ هڪ سماجي "چهرو **(Face)**" هوندو آهي، جنهن جي حفاظت لاءِ ٻوليءَ ۾ مختلف حڪمت عمليون اختيار ڪيون وينديون آهن **(Brown & Levinson, 1987, p. 61)**. سنڌي ٻوليءَ ۾ "توهان"، "اوهان"، "سائين"، "قبلا"، "محترم" ۽ اهڙن ٻين لفظن جو استعمال انهيءَ سماجي چهري جي احترام ۽ حفاظت جو واضح مثال آهي.

معنويات **(Semantics)** ٻوليءَ جي انهن معنائن جو مطالعو آهي، جيڪي لفظن، جملن ۽ اظهار جي مختلف صورتن وسيلي منتقل ٿين ٿيون. عزت ۽ ادب جا معنوي نمونا سماجي معنيٰ **(Social Meaning)** ۽ واپرائياتي معنيٰ **(Pragmatic Meaning)** سان گهرو تعلق رکن ٿا. ليچ (2014ع) مطابق، ادب جا اصول ٻوليءَ جي استعمال کي سماجي طور مناسب ۽ قابلِ قبول بڻائن ٿا **(Leech, 2014, p. 19)**. سنڌي ٻوليءَ ۾ احترام جو اظهار صرف لغوي چونڊ تائين محدود نه آهي، پر اهو نحوي ڍانچي، صوتياتي لهجي ۽ واپرائياتي حڪمت عملين ۾ پڻ نمايان ٿئي ٿو.

سنڌي سماج روايتي طور تي بزرگن، استادن، والدين، مهمانن ۽ روحاني شخصيتن جي احترام کي بنيادي سماجي قدر سمجهي ٿو. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت جي اظهار لاءِ خاص لساني وسيلا موجود آهن. مثال طور، وڏن سان مخاطب ٿيڻ وقت "تون" بدران "توهان" يا "اوهان" جو استعمال ڪيو ويندو آهي. اهڙي طرح نالن سان گڏ "سائين"، "محترم"، "جناب" ۽ "قبلا" جهڙا لقب استعمال ڪيا ويندا آهن. الانا (2005ع) سنڌي ٻوليءَ جي سماجي ۽ ثقافتي مطالعي ۾ بيان ڪيو آهي ته، سنڌي گفتگو ۾ احترام آميز لفظن جو استعمال سماجي درجابندي ۽ ثقافتي شعور جو مظهر آهي.(Allana, 2005, p. 214)

ٻوليءَ ۾ عزت ۽ ادب جا معنوي نمونا صرف لساني صورتون نه آهن، پر اهي سماجي رابطن کي منظم ڪرڻ جو اهم ذريعو پڻ آهن. هومز (2013) مطابق، ادب تي ٻڌل لساني حڪمت عمليون سماجي هم آهنگي، تعاون ۽ باهمي احترام کي فروغ ڏين ٿيون (Holmes, 2013, p. 286).سنڌي معاشري ۾ نرم لهجي، اڻسڌي درخواستن ۽ دعائيه جملن جو استعمال انهيءَ سماجي هم آهنگيءَ کي برقرار رکڻ جو اهم ذريعو آهي.

جديد سماجي لسانيات ۾ عزت ۽ ادب جي اظهار کي طاقت (Power)، مفاصلي (Distance) ۽ سماجي تعلق (Solidarity) سان پڻ ڳنڍيو وڃي ٿو. واردهو (2015ع) بيان ڪري ٿو ته، مخاطب جي عمر، سماجي حيثيت ۽ لاڳاپي جي نوعيت ٻوليءَ جي چونڊ تي سڌو اثر انداز ٿيندي آهي .(Wardhaugh & Fuller, 2015, p. 274) سنڌي ٻوليءَ ۾ به استاد، والدين يا بزرگن سان ڳالهائڻ وقت استعمال ٿيندڙ ٻولي، دوستن يا همعمر ماڻهن سان گفتگو کان نمايان طور مختلف هوندي آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب جا معنوي نمونا مختلف لساني سطحن تي ظاهر ٿين ٿا. ضميرن جي چونڊ، اعزازي لقبن جو استعمال، دعائيه اظهار، اڻسڌي حڪم ۽ نوڙت، ۽ معذرت وارن جملن جي صورت ۾ احترام کي لساني شڪل ڏني ويندي آهي. مثال طور، "مهرباني ڪري ويهو" ۽ "جيڪڏهن اوهان مناسب سمجهو" جهڙا جملا نه صرف درخواست ڪن ٿا، پر مخاطب جي عزت کي به برقرار رکن ٿا. يولي (2020ع) مطابق، اهڙا اظهار گفتگو ۾ سماجي مفاصلي کي مناسب انداز ۾ منظم ڪن ٿا (Yule, 2020, p. 151).

ڊجيٽل دور ۾، سماجي ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ رابطن سنڌي ٻوليءَ جي روايتي ادب آميز نمونن تي ڪجهه اثر ضرور وڌو آهي. مختصر پيغامن، ايموجيز ۽ غير رسمي

اسلوب جي واڌ باوجود، رسمي ۽ نيم رسمي موقعن تي عزت ۽ ادب جا روايتي نمونا اڃا تائين وڏي اهميت رکن ٿا. ڪرسٽل (2011ع) بيان ڪري ٿو ته، ڊجيٽل رابطي ٻوليءَ جي صورتن ۾ ڪي تبديل ضرور ڪري ٿو، پر بنيادي سماجي قدر گهٽ ڪري برقرار رهندا آهن.(Crystal, 2011, p. 78)

هن تحقيق جو بنيادي مقصد سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت ۽ ادب جي اظهار جا معنوي نمونا سڃاڻڻ، انهن جي لساني جوڙجڪ ۾ سمجهڻ ۽ انهن جي سماجي ۽ ثقافتي اهميت کي اجاگر ڪرڻ آهي. هي مطالعو خاص طور تي ضميرن، اعزازي لقبن، دعائيه اظهار، نرم حڪمن ۽ اڻسڌي گفتگو جي معنوي پهلوئن تي روشني وجهي ٿو. ان سان گڏ جديد دور ۾ انهن نمونن ۾ ايندڙ تبديلين جو جائزو پڻ پيش ڪيو ويندو.

هي تحقيق سماجي لسانيات، معنويات ۽ سنڌي لسانيات جي مطالعي ۾ اهم واڌارو آڻيندي. ان ذريعي نه صرف سنڌي ٻوليءَ جي معنوي دولت کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي، پر اهو پڻ واضح ٿيندو ته، ٻولي ڪيئن سماجي قدرن، ثقافتي روايتن ۽ انساني لاڳاپن کي محفوظ ۽ منتقل ڪري ٿي. اهڙي ريت، هي مطالعو سنڌي ٻوليءَ جي تهذيبي عظمت ۽ علمي اهميت کي وڌيڪ نمايان بڻائيندو.

## تحقيقي مسئلو: (Research Problem)

سنڌي ٻولي عزت، ادب ۽ احترام جي اظهار سان ڀرپور هڪ اهڙي ٻولي آهي، جيڪا نه صرف رابطي جو وسيلو آهي پر سماجي قدرن، ثقافتي روايتن ۽ انساني رشتن جي عڪاسي پڻ ڪري ٿي. سنڌي معاشري ۾ ڳالهه ٻولهه دوران مختلف لساني صورتون جهڙوڪ ضميرن جو انتخاب، اعزازي لقبن جو استعمال، دعائيه جملا، نوڙت وارو نرم لهجو ۽ اڻسڌي اظهار جا طريقا عزت ۽ ادب کي ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا. پر ان جي باوجود، سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت ۽ ادب جي اظهار جا معنوي نمونا سائنسي ۽ منظم انداز ۾ گهٽ تحقيق ٿيل آهن.

موجوده دور ۾ سماجي تبديليون، شهري زندگيءَ جو واڌارو، تعليمي ترقي ۽ خاص طور تي ڊجيٽل ميڊيا جي اثر سبب سنڌي ٻوليءَ جي روايتي ادب آميز اسلوب ۾ تبديليون اچي رهيون آهن. نوجوان نسل جي ٻوليءَ ۾ غير رسمي اظهار، مختصر جملن ۽ نون لساني رجحانن جي واڌ سبب روايتي عزت ۽ احترام جا طريقا آهستي آهستي تبديل ٿي رهيا آهن. اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته، ڇا اهي تبديليون سنڌي ٻوليءَ جي ثقافتي سڃاڻپ تي اثرانداز ٿي رهيون آهن يا نه؟

ان ڪري هن تحقيق جو بنيادي مسئلو اهو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت ۽ ادب جي اظهار جا ڪهڙا معنوي نمونا موجود آهن، اهي مختلف سماجي حالتن ۾ ڪيئن استعمال ٿين ٿا، ۽ جديد دور جي تبديلي انهن روايتي لساني طريقن تي ڪهڙو اثر وڌو آهي؟ گڏوگڏ اهو بہ جائزو وٺڻ ضروري آهي تہ ڇا اهي روايتي ادب آميز نمونا اڃا تائين ساڳي اهميت رکن ٿا يا آهستي آهستي تبديل ٿي رهيا آهن.

هيءَ تحقيق ان علمي خال (research gap) کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي معنوي ۽ سماجي پهلوئن ۾ موجود آهي، ۽ ان ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي ادب، ثقافت ۽ سماجي لسانيات کي وڌيڪ بهتر انداز ۾ سمجهڻ ۾ مدد ملندي.

## تحقيق جا سوال: (Research Questions)

هيٺ ڏنل سوال هن تحقيق جي بنيادي رخ کي واضح ڪن ٿا:

1. سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت ۽ ادب جي اظهار لاءِ ڪهڙا اهم معنوي نمونا استعمال ٿين ٿا؟
2. سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميرن، اعزازي لقبن، دُعائيہ جملن ۽ نرم لهجي جو استعمال عزت ۽ ادب کي ڪيئن ظاهر ڪري ٿو؟
3. مختلف سماجي حالتن (خاندان، تعليم، سماج ۽ پيشيوراڻا ماحول) ۾ ادب ۽ احترام جا لساني نمونا ڪيئن تبديل ٿين ٿا؟
4. سنڌي سماج ۾ ٻوليءَ جي استعمال ۽ سماجي درجابندي (social hierarchy) جي وچ ۾ ڪهڙو لاڳاپو موجود آهي؟
5. جديد دور، شهري زندگي ۽ ڊجيٽل ميڊيا سنڌي ٻوليءَ ۾ روايتي ادب آميز اظهار تي ڪهڙو اثر وڌو آهي؟
6. ڇا سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت ۽ ادب جا روايتي معنوي نمونا اڃا تائين ساڳي اهميت رکن ٿا يا انهن ۾ تبديلي اچي رهي آهي؟
7. سنڌي ٻوليءَ ۾ احترام آميز اظهار جا لساني طريقا ثقافتي سڃاڻپ کي ڪيئن برقرار رکن ٿا؟
8. سنڌي ٻوليءَ ۾ اڻسِڌي اظهار (indirect expression) ادب ۽ احترام جي اظهار ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري ٿو؟
9. ڇا نوجوان نسل جي ٻوليءَ ۾ عزت ۽ ادب جي اظهار جا طريقا روايتي نمونن کان مختلف ٿي رهيا آهن؟

10. سنڌي ٻوليءَ جي معنوي نظام ۾ عزت ۽ ادب جي اظهار جي مجموعي اهميت ڇا آهي؟

## مفروضا: (Hypotheses)

هن تحقيق جي بنياد تي هيٺيان مفروضا قائم ڪيا ويا آهن:

1. سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت ۽ ادب جي اظهار لاءِ واضح ۽ منظم معنوي نمونا موجود آهن، جيڪي سماجي قدرن جي عڪاسي ڪن ٿا.
2. ضميرن (توهان، اوهان)، اعزازي لقبن (سائين، محترم، قبلا) ۽ دُعائيہ جملن جو استعمال سنڌي ٻوليءَ ۾ احترام جي اظهار ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.
3. مختلف سماجي حالتن ۾ عزت ۽ ادب جي اظهار جا لساني طريقا تبديل ٿين ٿا، يعني رسمي ۽ غير رسمي حالتن ۾ ٻوليءَ جو استعمال مختلف هوندو آهي.
4. سنڌي سماج ۾ ٻوليءَ جو استعمال سماجي درجابندي (social hierarchy) سان سڌي طرح لاڳاپيل آهي، جنهن ذريعي عزت ۽ احترام جو اظهار ڪيو وڃي ٿو.
5. جديد دور، شهري زندگي ۽ ڊجيٽل ميڊيا سنڌي ٻوليءَ ۾ روايتي ادب آميز اظهار تي جزوي اثر وجهي رهيا آهن.
6. نوجوان نسل جي ٻوليءَ ۾ احترام جا روايتي نمونا آهستي آهستي تبديل ٿي رهيا آهن ۽ غير رسمي اسلوب وڌي رهيو آهي.
7. سنڌي ٻوليءَ ۾ اڻسِڌي اظهار (indirect expression) عزت ۽ ادب کي برقرار رکڻ لاءِ هڪ اهم لساني حڪمت عملي طور استعمال ٿئي ٿو.
8. سنڌي ٻوليءَ جا احترام آميز معنوي نمونا سماجي هم آهنگي ۽ ثقافتي تسلسل کي برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

## اڳ ٿيل تحقيق تي هڪ نظر: Literature Review

سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت ۽ ادب جي اظهار جا معنوي نمونا لسانيات، خاص طور تي سماجي لسانيات (Sociolinguistics) ۽ معنويات (Semantics) جي اهم موضوعن مان هڪ آهن. هن شعبي ۾ تحقيق ڏيکاري ٿي ته ٻولي صرف لفظن جو مجموعو نہ آهي، پر اها سماجي قدرن، ثقافتي روايتن ۽ طاقت جي رشتن جي عڪاسي پڻ ڪري ٿي.(Wardhaugh & Fuller, 2015, p. 275)

براون ۽ ليونسن (1987) جو Politeness Theory هن ميدان ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. انهن مطابق هر فرد وٽ ”face“ (سماجي سڃاڻپ) هوندي آهي، جنهن کي

بچائڻ لاءِ ٻوليءَ ۾ مختلف حڪمت عمليون استعمال ڪيون ويندي‌ون آهن (Brown & Levinson, 1987, p. 61). سنڌي ٻوليءَ ۾ "تون" بدران "توهان" يا "اوهان" جو استعمال ان نظريي جو عملي مثال آهي، جيڪو مخاطب جي عزت ۽ سماجي فاصلي کي برقرار رکي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان الانا (2005ع) لکي ٿو ته، سنڌي معاشري ۾ عزت ۽ احترام لاءِ مخصوص لفظي ۽ لساني ڍانچا موجود آهن، جيڪي سماجي درجابندي کي ظاهر ڪن ٿا (Allana, 2005, p. 214). هو وڌيڪ لکي ٿو ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ اعزازي لقبن جو استعمال صرف لساني نه پر ثقافتي عمل آهي.

ساڳي طرح، ڊاڪٽر بلوچ (1990ع) لکي ٿو ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب آميز اظهار صوفياڻا ۽ مذهبي روايتن سان به جڙيل آهي، جتي 'قبلا'، 'سائين' ۽ دُعائيہ جملن جو استعمال عام رهيو آهي (Baloch, 1990, p. 132).

ليچ (2014ع) پنهنجي ڪتاب Pragmatics of Politeness ۾ بيان ڪري ٿو ته، احترام جا اصول ٻوليءَ کي سماجي طور قابلِ قبول بڻائن ٿا، ۽ هر ٻولي پنهنجي ثقافتي نظام مطابق احترام جا الڳ طريقا پيدا ڪري ٿي (Leech, 2014, p. 19). سنڌي ٻوليءَ ۾ نرم لهجو، اڻسِڌي اظهار ۽ دُعائيہ جملن جو استعمال انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت آهي.

هومز (2013ع) مطابق، سماجي لسانيات ۾ ادب جو تعلق طاقت (power)، سماجي فاصلي (distance) ۽ همدردي (solidarity) سان هوندو آهي (Holmes, 2013, p. 286). سنڌي سماج ۾ استاد، والدين ۽ بزرگن سان ڳالهائڻ وقت ٻوليءَ جو رسمي انداز انهي نظريي کي واضح ڪري ٿو.

واردهو ۽ فلر (2015ع) بيان ڪن ٿا ته، ٻولي سماجي سڃاڻپ جو اهم ذريعو آهي، ۽ ماڻهو پنهنجي سماجي حيثيت مطابق ٻوليءَ جي چونڊ ڪن ٿا (Wardhaugh & Fuller, 2015, p. 274). سنڌي ٻوليءَ ۾ به رسمي ۽ غير رسمي لفظن، گُفتن ۽ جملن جو فرق واضح طور نظر اچي ٿو.

يولي (2020) مطابق، ٻوليءَ ۾ اڻسِڌي اظهار (indirectness) ادب جي اهم حڪمت عملين مان هڪ آهي، جيڪا مخاطب جي عزت برقرار رکڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿي (Yule, 2020, p. 151). سنڌي ٻوليءَ ۾ 'جيڪڏهن اوهان مناسب سمجهو' جهڙا جملا ان جو مثال آهن.

ڊجيٽل دور ۾ ڪرسٽل (2011ع) بيان ڪري ٿو ته، انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا ٻوليءَ جي ساخت کي تبديل ڪري رهيا آهن، پر بنيادي سماجي قدر گهٽ ڪري برقرار آهن (Crystal, 2011, p. 78).سنڌي ٻوليءَ ۾ به آن لائن رابطن ۾ غير رسمي اسلوب وڌيو آهي، پر رسمي موقعن تي ادب آميز ٻولي اڃا تائين موجود آهي.

## نظرياتي فريم ورڪ: (Theoretical Framework)

هيءَ تحقيق سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت، احترام ۽ ادب جي اظهار جي معنوي نمونن (Semantic Patterns of Honor, Respect and Politeness)جي جائزي لاءِ ٽن بنيادي لساني نظرين تي ٻڌل آهي. اهي نظريا ٻوليءَ جي معنيٰ يات(Semantics) ، واپرائيات (Pragmatics) ۽ سماجي لسانيات (Sociolinguistics) جي حوالي سان عزت ۽ احترام جي اظهار کي سمجهڻ ۾ اهم رهنمائي فراهم ڪن ٿا. انهن نظرين جي مدد سان اهو معلوم ڪري سگهجي ٿو ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن، ضميرن، خطابن، جملن ۽ لهجن جي چونڊ رڳو لساني عمل نه، پر سماجي، ثقافتي ۽ اخلاقي قدرن جي نمائندگي پڻ ڪري ٿي.

## نهٺائيءَ وارو نظريو (Politeness Theory)

براون ۽ ليونسن (Brown & Levinson, 1987) جو نهٺائيءَ وارو نظريو (Politeness Theory) هن تحقيق جو بنيادي نظرياتي بنياد آهي. هن نظريي موجب هر انسان وٽ هڪ سماجي حيثيت يا سماجي چهرو (Face) هوندو آهي، جنهن کي گفتگو دوران محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. هن چهري "Face" جا ٻه بنيادي پهلو بيان ڪيا آهن:

- مثبت چهرو :(Positive Face) هر ماڻهو اها خواهش رکي ٿو ته، ٻين وٽ سندس عزت، قبوليت، ساراهه ۽ اهميت برقرار رهي.
- منفي چهرو :(Negative Face) هر ماڻهو چاهي ٿو ته، سندس آزادي، ذاتي اختيار ۽ خودمختياريءَ ۾ بنا ضرورت مداخلت نه ڪئي وڃي.

گفتگو دوران جڏهن ڪو ماڻهو اهڙا لفظ يا جملا استعمال ڪري ٿو، جيڪي سامهون واري شخص جي عزت، وقار ۽ آزاديءَ جو خيال رکن ٿا، تڏهن اهو عمل چهرو بچائڻ واري حڪمت عملي (Face-saving Strategy) سڏجي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هي حڪمت عملي نهايت نمايان صورت ۾ موجود آهي. مثال طور:

- 'تون'، غير رسمي ضمير / Low Politeness) گهٽ ادب وارو لفظ
- 'توهان' يا 'اوهان'، رسمي ۽ احترام وارو ضمير / High Politeness) اعليٰ درجي جي احترام ڀريو لفظ

اهڙيءَ طرح: "ويهه". "مهرباني ڪري ويهو". "مهرباني ڪري اوهان تشريف رکو".

اهي ٽيئي جملا ساڳيو مطلب رکن ٿا، پر انهن جي ادبي درجي (Degree of Politeness) ۾ نمايان فرق آهي. آخري جملو مخاطب جي عزت ۽ وقار کي وڏيڪ اهميت ڏئي ٿو، تنهن ڪري اهو چهرو بچائڻ واري حڪمت عملي (Face-saving Strategy)جو بهترين مثال آهي.

سنڌي سماج ۾ وڏي عمر وارن، استادن، والدين، مهمانن ۽ معزز شخصيتن سان احترام واري ٻولي استعمال ڪرڻ هن نظريي جي عملي صورت آهي.

## سماجي لسانيات جو نظريو(Sociolinguistic Theory)

جينٽ هولمز (Janet Holmes, 2013) ۽ رونالڊ واردهاف (Ronald Wardhaugh & Janet Fuller, 2015) موجب ٻولي صرف اظهار جو وسيلو نه، پر سماجي نظام جو عڪس پڻ آهي .سماجي لسانيات اهو اڀياس ڪري ٿي ته، سماجي عنصر ٻوليءَ جي استعمال کي ڪيئن متاثر ڪن ٿا.

هن نظريي مطابق هيٺيان عنصر ٻوليءَ جي چونڊ تي سڌو اثر وجهن ٿا:

- عمر (Age)
- جنس (Gender)
- سماجي حيثيت (Social Status)
- مالي حيثيت (Financial Status)
- سياسي حيثيت (Political Status)
- جسماني حالت (Physical Condition)
- رشتو (Relationship)
- تعليم، ڄاڻ يا ڏاهپ (Education, Knowledge or Wisdom)
- پيشو (Occupation)
- ثقافت (Culture)

- مذهبي ۽ خانداني روايتون (Religious and Family Traditions) وغيره.

سنڌي سماج ۾ مختلف ماڻهن لاءِ مختلف احترام وارا خطاب استعمال ڪيا وڃن ٿا، جهڙوڪ:

- استاد لاءِ "سائين"
- عورت لاءِ "ادي، امان"
- مذهبي عالم لاءِ "قبلا"
- پير لاءِ "سائين قبلا"
- بزرگ لاءِ "ادا"، "امڙ"، "بابا"، "چاچا" وغيره.

اهي لفظ رڳو خطاب نه، پر سماجي درجابندي (Social Hierarchy)، ثقافتي روايتن ۽ سماجي قدرن جا اهڃاڻ آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻولي سماجي سڃاڻپ (Social Identity) ۽ سماجي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

## واپرائيات جو نظريو: (Pragmatic Theory)

جيفري ليچ (Geoffrey Leech, 2014) ۽ جارج يولي (George Yule, 2020) موجب ٻوليءَ جي معنيٰ صرف لفظن جي لغوي مفهوم سان طئي نٿي ٿئي، پر اها ڳالهائيندڙ جي ارادي، گفتگو جي صورتحال، سماجي ماحول ۽ ٻڌندڙ جي سمجهه سان گڏ ٺهي ٿي. هن علم کي واپرائيات (Pragmatics) چيو وڃي ٿو.

واپرائيات موجب ادب ۽ احترام گهڻو ڪري اڻسڌي اظهار (Indirect Speech) ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته اڻسڌو انداز مخاطب تي دٻاءُ گهٽ وجهي ٿو ۽ سماجي هم آهنگي قائم رکي ٿو.

مثال طور؛ سڌو اظهار: ”در بند ڪر“.

ادب وارو اظهار: "مهرباني ڪري در بند ڪندا؟" يا "جيڪڏهن اوهان مناسب سمجهو ته در بند ڪري ڇڏيندا".

ساڳيءَ طرح؛ "ويهه". "مهرباني ڪري ويهو". يا "جيڪڏهن اوهان مناسب سمجهو ته تشريف رکو".

انهن جملن جو بنيادي مقصد هڪ ئي آهي، پر واپرائياتي لحاظ کان انهن ۾ ادب، احترام، نرم لهجي ۽ سماجي شائستگيءَ جا مختلف درجا موجود آهن.

ليچ پنهنجي نهٺائيءَ واري اصول (Politeness Principle) ۾ ٻڌائي ٿو ته، ڳالهائيندڙ کي اهڙي ٻولي اختيار ڪرڻ گهرجي، جيڪا مخاطب لاءِ عزت، سهولت

۽ قبوليت پيدا ڪري. سنڌي ٻوليءَ ۾ "مهرباني ڪري"، "جي اجازت هجي"، "تڪليف ٿيندي؟"، "عرض آهي"، "معاف ڪجو" جهڙا اظهار ان اصول جا نمايان مثال آهن.

انهي نظرياتي فريم ورڪ (Theoretical Framework) جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت، احترام ۽ ادب جا معنوي نمونا رڳو لفظي يا لغوي معنيٰ (Lexical Meaning) تائين محدود نہ آهن، بلڪ اهي سماجي، ثقافتي ۽ واپرائياتي معنائن سان گهرو تعلق رکن ٿا .ادب ۽ نهٺائيءَ وارو نظريو (Politeness Theory) واضح ڪري ٿو ته، احترام واري ٻولي مخاطب جي سماجي چهري (Face) جي حفاظت ڪري ٿي؛ سماجي لسانيات (Sociolinguistics) ڏيکاري ٿي ته، عزت جا اظهار سماجي درجابندي، عمر، رشتن ۽ ثقافتي قدرن سان وابستہ آهن؛ جڏهن تہ واپرائيات (Pragmatics) ثابت ڪري ٿي ته، احترام جي حقيقي معنيٰ لفظن کان وڌيڪ انهن جي استعمال، گفتگو جي صورتحال ۽ گڏيل سمجهہ (Intersubjectivity) مان پيدا ٿئي ٿي.

انهيءَ بنياد تي هي تحقيق سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت ۽ احترام جي اظهار کي صرف لساني نہ، پر معنويات(Semantic) ، واپرائياتي (Pragmatic) ۽ سماجي-ثقافتي (Socio-cultural)عمل طور سمجهي ٿي، جيڪو سنڌي سماج جي تهذيبي سڃاڻپ، سماجي هم آهنگي ۽ ثقافتي تسلسل کي برقرار رکڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو.

**مواد جا ذريعا:** (Data Sources)

هن تحقيق ۾ مواد هيٺين ذريعن مان گڏ ڪئي وئي آهي:

**(الف) پرائمري ڊيٽا: (Primary Data)**

- روزمره جي گفتگو (daily conversations)
- تعليمي ادارن ۾ استادن ۽ شاگردن جي ڳالهہ ٻولهہ
- سماجي گڏجاڻين ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي
- انٽرويوز (interviews)

**(ب) سيڪنڊري ڊيٽا (Secondary Data)**

- سنڌي لسانيات تي لکيل ڪتاب
- تحقيقي مقالا ۽ مختلف جرنل

- اڳوڻي تحقيقون ۽ ٿيسز
- آن لائين علمي مواد

(1991) Allana مطابق، سنڌي ٻوليءَ جي سماجي استعمال کي سمجهڻ لاءِ سماج مان ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن وٽان حاصل ڪيل ڊيٽا انتهائي اهم آهي (Allana, 1991, p. 45).

## تحقيق جون حدون: (Limitations)

هن تحقيق جون ڪجهه حدون هي آهن:

- ڊيٽا جو دائرو محدود آهي ۽ خاص طور تي امرڪوٽ ضلعي جي تعلقي پٿوري جي شاهه مردان شاهه يونين ڪائونسل ۾ رهندڙ سنڌي ڳالهائيندڙن تائين محدود رکيو ويو آهي.
- جديد ڊجيٽل ڊيٽا (social media corpus) مڪمل طور تي شامل نه ٿي سگهي.
- وقت جي کوٽ سبب وسيع مقداري تجزيو (quantitative analysis) شامل نه ڪيو ويو.

## اخلاقي پهلُو: (Ethical Considerations)

هن تحقيق دوران هيٺيان اخلاقي اصول مدنظر رکيا ويا:

- سيني شرڪت ڪندڙن جي رضامندي (consent) حاصل ڪئي وئي.
- ڪنهن به فرد جي ذاتي سڃاڻپ ظاهر نه ڪئي وئي.
- ڊيٽا کي صرف تعليمي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويو.

## تجزيو ۽ بحث: (Analysis and Discussion)

سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت ۽ ادب جي اظهار جي معنوي نمونن جو تفصيلي تجزيو پيش ڪرڻ لاءِ، گڏ ڪيل مواد (روزمره جي گفتگو، تعليمي ماحول، سماجي رابطن ۽ لکيل متن) جي بنياد تي اهو واضح ٿئي ٿو ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب صرف لفظي سطح تائين محدود نه آهي، پر اهو هڪ گهرو سماجي، ثقافتي ۽ معنوي نظام آهي جيڪو انساني رشتن کي ترتيب ڏئي ٿو.

## ضميرن جو احترام آميز استعمال(Pronominal Variation)

سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميرن جو استعمال ادب ۽ سماجي فاصلي جو اهم ذريعو آهي. ”تون“، ”توهان“ ۽ ”اوهان“ جي وچ ۾ فرق صرف لغوي نه پر سماجي معنيٰ رکي ٿو.

غير رسمي حالتن ۾ ”تون“ استعمال ٿئي ٿو، جڏهن ته رسمي ۽ احترام واري حالتن ۾ ”توهان“ يا ”اوهان“ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اهو رجحان Brown & Levinson (1987)جي face theory سان سڌو لاڳاپو رکي ٿو، جنهن مطابق ماڻهو ٻوليءَ ذريعي مخاطب جي ”positive face“ کي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا (Brown & Levinson, 1987, p. 62).

مثال طور:

- تون ڪٿي وڃين ٿو؟ (غير رسمي)
- توهان ڪٿي وڃو ٿا؟ (رسمي)
- اوهان جو حڪم ڇا آهي؟ (اعليٰ احترام)

انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ته ضميرن جي چونڊ سماجي حيثيت ۽ تعلق تي دارومدار رکي ٿي.

## اعزازي لقبن جو استعمال: (Honorific Titles)

سنڌي ٻوليءَ ۾ اعزازي لقب جهڙوڪ؛ ”سائين“، ”محترم“، ”قبلا“، ”جناب“ وغيره عزت جي اظهار جا اهم وسيلا آهن. Allana (1991) مطابق سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا لقب سماجي درجابندي ۽ ثقافتي ادب کي ظاهر ڪن ٿا.(Allana, 1991, p. 214)

مثال طور:

- سائين استاد صاحب ڪلاس ۾ آيا.
- محترم ڊاڪٽر صاحب جو ليڪچر ٿيو.
- قبلا اوهان جي مهرباني.

اهي لقب صرف لغوي عنصر نه پر سماجي احترام جا اهڃاڻ آهن.

## دُعائيه ۽ خيرآفيت جا اظهار: (Blessing Expressions)

سنڌي ٻوليءَ ۾ دُعائيه جملن جو استعمال ادب جو اهم حصو آهي. ”الله اوهان کي خوش رکي“، ”شال! اوهان سلامت رهو“ جهڙا جملا سماجي همدردي ۽ احترام کي ظاهر ڪن ٿا. Leech (2014) مطابق، اهڙا اظهار خوشگوار گفتاري عمل (convivial speech acts)۾ شامل ٿين ٿا، جيڪي سماجي رشتن کي مضبوط ڪن ٿا (Leech, 2014, p. 19).

## اڻسِڌو اظهار: (Indirectness)

سنڌي ٻوليءَ ۾ سڌي حڪم ڏيڻ بدران نرم ۽ اڻسِڌي انداز اختيار ڪيو وڃي ٿو.

مثال طور:

- مهرباني ڪري دروازو بند ڪريو.
- جيڪڏهن اوهان مناسب سمجهو ته...
- ٿورو وقت ڏيندا؟

(2020) Yule مطابق اڻسِڌو اظهار ادب جي اهم حڪمت عملي آهي، جيڪا مخاطب جي عزت برقرار رکي ٿي.(Yule, 2020, p. 151)

## سماجي درجابندي ۽ ٻولي: (Social Hierarchy and Language)

سنڌي سماج ۾ ٻولي سماجي درجابندي سان سڌو لاڳاپو رکي ٿي. استاد، والدين ۽ بزرگن سان ڳالهائڻ وقت رسمي ٻولي استعمال ڪئي وڃي ٿي.

(2013) Holmes مطابق، ٻولي سماجي طاقت ۽ فاصلي کي ظاهر ڪري ٿي (Holmes, 2013, p. 286).

## جديد دور جا اثر: (Impact of Modernization)

سوشل ميڊيا ۽ ڊجيٽل رابطن سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ غير رسمي اظهار وڌيو آهي، خاص طور تي نوجوان نسل ۾. (2011) Crystal مطابق، ڊجيٽل رابطي ٻوليءَ جي اسلوب کي تبديل ڪري ٿو، پر بنيادي سماجي قدر گهٽ ڪري برقرار رهن ٿا (Crystal, 2011, p. 78).

مثال طور:

- WhatsAppپيغامن ۾ مختصر ۽ غير رسمي ٻولي
- ايموجيز جو استعمال
- سلام جي روايتي صورتن ۾ گهٽتائي

## ثقافتي تسلسل: (Cultural Continuity)

تبديلي باوجود سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب جا بنيادي نمونا اڄا تائين موجود آهن. خاص طور تي رسمي موقعن تي روايتي اسلوب برقرار آهي. Wardhaugh &

(Wardhaugh & Fuller (2015مطابق، ٻولي ثقافتي سڃاڻپ جو اهم جز آهي (Wardhaugh & Fuller, 2015, p. 274).

مجموعي طور تي اهو ظاهر ٿئي ٿو ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت ۽ ادب جا معنوي نمونا هڪ منظم سماجي نظام جي عڪاسي ڪن ٿا. ضميرن، لقبن، دعائن ۽ اڻسڌي اظهار ذريعي سماجي رشتن کي ترتيب ڏنو وڃي ٿو. هي نتيجا Brown & Levinson (1987)جي Politeness Theory ، Leech (2014) جي Pragmatics ۽ Holmes (2013)جي Sociolinguistic Theory سان هم آهنگ آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب صرف لساني قاعدو نه پر هڪ ثقافتي قدر آهي، جيڪو سماج جي هم آهنگي ۽ اخلاقي نظام کي برقرار رکي ٿو. جديد دور جي اثرن باوجود، هي نظام مڪمل طور ختم نه ٿيو آهي، پر نون روپن ۾ موجود آهي.

## 1نتيجو ۽ بحث جو گڏيل تجزيو: (Conclusion and Discussion Synthesis)

هن تحقيق جو بنيادي مقصد سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت، احترام ۽ ادب جي اظهار جي معنوي نمونن (Semantic Patterns of Honor, Respect and Politeness)جو جائزو وٺڻ هو. تحقيق مان واضح ٿيو ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب ۽ احترام جو اظهار رڳو لفظن يا جملن جي چونڊ تائين محدود نه آهي، پر اهو هڪ منظم لساني نظام (Linguistic System) آهي، جيڪو سماجي رشتن، ثقافتي قدرن، اخلاقي اصولن ۽ باهمي انساني لاڳاپن سان گهرو تعلق رکي ٿو. سنڌي ٻولي رابطي جو ذريعو هجڻ سان گڏ سنڌي سماج جي تهذيبي سڃاڻپ، سماجي تنظيم ۽ ثقافتي تسلسل (Cultural Continuity)جي به نمائندگي ڪري ٿي.

تحقيق مان معلوم ٿيو ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب ۽ احترام جي اظهار جا ڪيترائي بنيادي معنويات نمونا (Semantic Patterns) موجود آهن، جن ۾ احترام وارن ضميرن (Honorific Pronouns) جو استعمال، اعزازي لقب(Honorific Titles)، دعائيه ۽ خيرسگاليءَ وارا اظهار (Blessings and Convivial Expressions)، معذرتي اظهار (Apologetic Expressions)، نرم امري جملا (Mitigated Directives)، اڻسڌا گفتاري عمل (Indirect Speech Acts)، ۽ احترام ڀريو لهجو (Respectful Tone)نمايان حيثيت رکن ٿا. اهي سڀ لساني وسيلا گڏجي ادب ۽ احترام جو هڪ نوڙت وارو نظام (Politeness System) جوڙين ٿا، جيڪو سنڌي

سماج ۾ باهمي عزت، سماجي هم آهنگي ۽ اخلاقي روين کي برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

تحقيق جي نتيجن مان اهو پڻ ثابت ٿيو تہ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب جا اهي نمونا ادب ۽ احترام جي نظريي (Politeness Theory)، سماجي لسانيات (Sociolinguistics)، ۽ واپرائيات (Pragmatics) جي بنيادي اصولن سان مڪمل مطابقت رکن ٿا .براون ۽ ليونسن (Brown & Levinson, 1987) جي ادب ۽ احترام واري نظريي موجب گفتگو جو مقصد مخاطب جي سماجي چهري (Face) کي محفوظ رکڻ هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ "توهان "۽ "اوهان "جهڙن ضميرن جي چونڊ، يا "سائين"، "محترم"، "قبلا "۽ "بي بي" جهڙن خطابن جو استعمال، چهرو بچائڻ واري حڪمت عملي (Face-saving Strategy)جا واضح مثال آهن، جيڪي مخاطب جي عزت، وقار ۽ سماجي حيثيت کي تسليم ڪن ٿا.

سماجي لسانيات جي نقطہ نظر کان بہ هي تحقيق ظاهر ڪري ٿي تہ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب ۽ احترام جو اظهار سماجي حالتن کان الڳ نہ آهي. عمر(Age) ، سماجي حيثيت(Social Status)، تعليم(Education)، پيشو(Occupation)، خانداني لاڳاپا (Kinship) ۽ ثقافتي روايتون (Cultural Traditions) ٻوليءَ جي چونڊ تي سڌو اثر وجهن ٿيون. سنڌي سماج ۾ استاد لاءِ "سائين"، عورت لاءِ "بي بي"، مذهبي شخصيت لاءِ "قبلا "يا "سائين قبلا "۽ بزرگن لاءِ احترام وارا خطاب، سماجي درجابندي (Social Hierarchy) ۽ سماجي سڃاڻپ (Social Identity) جا لساني مظاهر آهن.

واپرائيات (Pragmatics) جي حوالي سان تحقيق مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن اظهار جي معنيٰ صرف لفظن جي لغوي مفهوم Lexical) (Meaningمان طئي نہ ٿيندي آهي، پر اها گفتگو جي صورتحال (Context)، ڳالهائيندڙ جي ارادي (Speaker's Intention)، ٻڌندڙ جي سمجهہ ۽ گڏيل سماجي فهم (Intersubjectivity) سان جڙيل ٿي. مثال طور "ويهو "۽ "مهرباني ڪري ويهو" ٻنهي جملن جو بنيادي مقصد ويهڻ جي درخواست آهي، پر ٻئي جملي ۾ ادب، احترام ۽ سماجي شائستگيءَ جي معنيٰ بہ شامل آهي. اهڙيءَ طرح "جيڪڏهن اوهان مناسب سمجهو "...جهڙا اڻسڌا اظهار(Indirect Expressions) مخاطب تي دٻاءُ گهٽ وجهن ٿا ۽ سماجي هم آهنگي کي مضبوط ڪن ٿا.

تحقيق مان اهو پڻ واضح ٿيو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اڻسڌا گفتاري عمل (Indirect Speech Acts) ادب جي اظهار جو هڪ اهم وسيلو آهن. سڌي حڪم ڏيڻ بدران درخواست، صلاح يا التجا جي صورت ۾ ڳالهائڻ، ڳالهائيندڙ جي شائستگي، انڪساري ۽ مخاطب جي عزت جو اظهار ڪري ٿو. اهڙا اظهار نه رڳو اختلاف يا ٽڪراءَ جي امڪان کي گهٽائين ٿا، پر باهمي اعتماد ۽ احترام کي به فروغ ڏين ٿا.

تحقيق جديد سماجي تبديلين تي پڻ روشني وجهي ٿي .جديديت (Modernization)، شهرڪاري (Urbanization)، عالمي رابطن (Globalization) ۽ ڊجيٽل رابطن (Digital Communication) سنڌي ٻوليءَ جي روايتي ادب آميز اظهار تي اثر ضرور وڌو آهي. سماجي ميڊيا(Social Media) ، موبائل رابطن ۽ فوري پيغام رساني (Instant Messaging) سبب مختصر جملن، غير رسمي ٻولي، مخففن (Abbreviations)۽ ايموجين (Emojis) جو استعمال وڌيو آهي، جنهن سان اظهار جا نوان انداز پيدا ٿيا آهن. تنهن هوندي به، تحقيق مان ظاهر ٿيو ته خانداني، تعليمي، مذهبي ۽ سرڪاري موقعن تي روايتي احترام آميز ٻولي اڄ به وڏي اهميت رکي ٿي، جيڪا سنڌي سماج جي ثقافتي تسلسل کي برقرار رکي ٿي.

مجموعي طور هن تحقيق مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت ۽ احترام جو نظام هڪ ئي وقت لساني (Linguistic)، معنوياتي (Semantic)، واپرائياتي (Pragmatic)، سماجي (Social) ۽ ثقافتي (Cultural) سطح تي عمل ڪري ٿو. هي نظام صرف رابطي کي مؤثر بڻائڻ جو ذريعو نه آهي، پر سماجي اخلاقيات، باهمي احترام، ثقافتي سڃاڻپ ۽ انساني لاڳاپن جي استحڪام جو بنيادي وسيلو پڻ آهي. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي هن اهم لساني ۽ ثقافتي پهلوءَ جي تحفظ، دستاويزڪاري ۽ وڌيڪ علمي اڀياس جي ضرورت موجود آهي، جيئن بدلجندڙ سماجي ۽ ڊجيٽل ماحول ۾ به سنڌي ٻوليءَ جي احترام آميز روايتن کي سمجهي، محفوظ ڪري ۽ ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪري سگهجي.

## سفارشون: (Recommendations)

هن تحقيق جي نتيجن، بحث ۽ تجزيي جي بنياد تي هيٺيون سفارشون پيش ڪجن ٿيون، جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت، احترام ۽ ادب جي اظهار جي معنوي نمونن (Semantic Patterns of Honor, Respect and Politeness) جي تحفظ، واڌاري ۽ وڌيڪ علمي اڀياس لاءِ ڪارائتيون ثابت ٿي سگهن ٿيون.

## وڌيڪ علمي تحقيق: (Further Research)

سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب ۽ احترام جي اظهار تي وڌيڪ وسيع، گهڻ رخي ۽ تقابلي تحقيق جي ضرورت آهي. خاص طور تي معنويات (Semantics)، واپرائيات (Pragmatics)، سماجي لسانيات (Sociolinguistics)، گفتاري عملن جي نظريي (Speech Act Theory) ۽ ادب ۽ نهٺائيءَ واري نظريي (Politeness Theory) جي روشنيءَ ۾ مختلف علائقائي لهجن، سماجي طبقن ۽ عمرن جي گروهن جو اڀياس ڪيو وڃي.

## تعليمي نصاب ۾ شموليت: (Curriculum Integration)

اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي سنڌي نصاب ۾ ادب آميز ٻولي، احترام وارا خطاب، ادب ۽ احترام واري ٻولي، سماجي لسانيات، واپرائيات ۽ سنڌي ثقافتي رابطن بابت مناسب مواد شامل ڪيو وڃي، جيئن شاگردن ۾ ٻوليءَ جي سماجي، ثقافتي ۽ اخلاقي پهلوئن بابت شعور پيدا ٿئي.

## استادن جي پيشاور تربيت: (Teacher Professional Development)

استادن لاءِ اهڙا تربيتي پروگرام ترتيب ڏنا وڃن، جن ۾ کين سنڌي ٻوليءَ جي احترام آميز اظهار، سماجي رابطن، گفتاري آداب ۽ مؤثر ٻوليءَ جي تدريس بابت جديد لساني نظرين جي روشنيءَ ۾ تربيت ڏني وڃي، جيئن اهي شاگردن ۾ شائستہ ۽ ذميوار ٻوليءَ جي استعمال کي هٿي ڏئي سگهن.

## نوجوان نسل ۾ لساني ۽ ثقافتي شعور: (Linguistic and Cultural Awareness)

نوجوان نسل کي جديد رابطن جي ذريعن سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي روايتي ادب، ادب ۽ احترام واري ٻوليءَ کان واقف ڪرائڻ لاءِ علمي، ادبي ۽ ثقافتي پروگرام منعقد ڪيا وڃن، جيئن ثقافتي سڃاڻپ (Cultural Identity) ۽ تهذيبي تسلسل (Cultural Continuity) کي مضبوط بڻائي سگهجي.

## ڊجيٽل رابطن ۾ معياري ۽ باادب ٻولي: (Respectful Language in Digital Communication)

سماجي ميڊيا (Social Media)، ڊجيٽل رابطن (Digital Communication) ۽ آن لائين پليٽ فارمن تي سنڌي ٻوليءَ جي صحيح، معياري ۽ احترام آميز استعمال

ڪي فروغ ڏيڻ لاءِ ادارتي ۽ سماجي سطح تي آگاهي مهمون، رهنما اصول ۽ تدريسي مواد تيار ڪيو وڃي، جيئن ڊجيٽل ماحول ۾ به ٻوليءَ جي شائستگي برقرار رهي.

### ثقافتي ورثي جي دستاويزڪاري: (Documentation of Cultural Heritage)

سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود اعزازي لقبن، دعائيہ اظهار، خيرسگاليءَ جي جملن، معذرتي اظهار، احترام وارن خطابن ۽ ٻين ادب آميز لساني روايتن کي ثقافتي ورثي (Cultural Heritage)جي حيثيت سان منظم نموني گڏ، محفوظ ۽ دستاويز بند ڪيو وڃي، تہ جيئن ايندڙ نسلن لاءِ هي لساني سرمايو محفوظ رهي.

### لساني پاليسي ۾ شموليت: (Language Policy Development)

سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، واڌاري ۽ معياري استعمال بابت تيار ٿيندڙ لساني پاليسين (Language Policies) ۾ ادب آميز اظهار، سماجي لسانيات، واپرائيات ۽ احترام ڀري ٻوليءَ کي بہ بنيادي جزي طور شامل ڪيو وڃي، جيئن سرڪاري، تعليمي ۽ سماجي ادارن ۾ احترام واري ٻوليءَ جي استعمال کي هٿي ملي.

### بين الاقوامي تحقيق ۽ تقابلي اڀياس:
### (International and Comparative Research)

سنڌي ٻوليءَ جي احترام آميز اظهار جي نظام جو تقابلي اڀياس ٻين ڏکڻ ايشيائي ۽ عالمي ٻولين سان ڪيو وڃي ۽ ان بابت تحقيق کي بين الاقوامي معيار (International Standards)موجب تيار ڪري عالمي علمي جرنلن، ڪانفرنسن ۽ تحقيقي فورمن تي پيش ڪيو وڃي، جيئن سنڌي ٻوليءَ جي لساني ۽ ثقافتي خصوصيتن کي عالمي سطح تي مناسب سڃاڻپ ملي.

### سنڌي ڪارپس ۽ لساني وسيلا:
### (Sindhi Corpus and Linguistic Resources)

سنڌي ٻوليءَ جي ادب آميز اظهارن، احترام وارن لفظن، گفتاري نمونن ۽ مختلف سماجي حالتن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ تي ٻڌل هڪ سنڌي لساني ڪارپس (Sindhi Linguistic Corpus) ۽ ڊجيٽل لغت (Digital Lexicon) تيار ڪئي وڃي، جيڪا مستقبل جي لساني، معنوي ۽ ڪمپيوٽري لسانيات Computational) (Linguisticsجي تحقيق لاءِ بنيادي ماخذ بڻجي سگهي.

## روزمره جي گفتگو ۾ احترام جي واڌاري لاءِ عملي قدم:
## (Promotion of Politeness in Everyday Communication)

سرڪاري ادارن، تعليمي مرڪزن، ميڊيا، ۽ سماجي تنظيمن کي گهرجي ته، هو سنڌي ٻوليءَ ۾ احترام، شائستگي ۽ مثبت گفتاري روين کي فروغ ڏيڻ لاءِ مهمون هلائين، ڇاڪاڻ ته ادب آميز ٻولي صرف لساني خوبي نه، پر سماجي هم آهنگي، اخلاقي تربيت ۽ ثقافتي استحڪام جو اهم ذريعو پڻ آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ عزت، احترام ۽ ادب جا معنوي نمونا سنڌي سماج جي تهذيبي سڃاڻپ، اخلاقي قدرن ۽ سماجي هم آهنگيءَ جا بنيادي عنصر آهن. تنهن ڪري انهن جي معنويات (Semantics)، واپرائياتي (Pragmatics)، ۽ سماجي لسانياتي (Sociolinguistics) رخن تي وڌيڪ منظم تحقيق، تدريس، دستاويزڪاري ۽ پاليسي سازي وقت جي اهم ضرورت آهي، جيئن هي قيمتي لساني ۽ ثقافتي ورثو بدلجندڙ دور ۾ به زنده، مؤثر ۽ محفوظ رهي.

## حوالا: (References)


1. الانا، غلام علي. سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، (2005).
2. بلوچ، نبي بخش خان. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ. پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، (1990).
3. Brown, P., & Levinson, S. C. Politeness: Some universals in language usage. Cambridge University Press, (1987).
4. Crystal, D. Internet linguistics: A student guide. Routledge, (2011).
5. Holmes, J. An introduction to sociolinguistics (4th ed.). Routledge, (2013).
6. Leech, G. N. The pragmatics of politeness. Oxford University Press, (2014).
7. Wardhaugh, R., & Fuller, J. M. An introduction to sociolinguistics (7th ed.). Wiley-Blackwell, (2015).
8. Yule, G. The study of language (7th ed.). Cambridge University Press, (2020).

مولابخش پوهيو

# سنڌي ٻوليءَ ۾ لسانياتي تبديلين جا سبب: تحقيقي جائزو

# The Reasons of Linguistic Variations in Sindhi Language: Research Analysis

**Abstract**

Linguistic change in the Sindhi language is a natural and continuous process that reflects its evolution as a living and dynamic system. This study explores the major internal and external factors responsible for linguistic variation in Sindhi, including phonological, lexical, grammatical, social, historical, cultural, and technological influences. Internal mechanisms such as the principle of least effort, analogy, and phonetic simplification contribute to gradual structural modifications within the language. External forces, including political dominance, migration, geographical separation, and social transformation, play a decisive role in shaping vocabulary, syntax, and usage patterns.

Historical phases, particularly the Islamic and British colonial periods, significantly impacted Sindhi by introducing Arabic, Persian, and English lexical items, as well as influencing its script and institutional vocabulary. In the modern era, globalization, digitalization, media expansion, and technological innovation have further accelerated linguistic change through borrowing, code-mixing, and the emergence of new lexical items. Social factors such as education, gender roles, occupational shifts, and generational differences also contribute to language variation and standardization processes.

The study concludes that linguistic change should not be viewed as degradation but as a natural evolution that ensures adaptability and survival. While these changes enrich the Sindhi lexicon and expand expressive capacity, they also highlight the need to preserve its core linguistic identity and classical vocabulary for future generations.

**Keywords:** Sindhi language, linguistic change, language evolution, sociolinguistics, language contact, borrowing, code-switching, lexical diffusion, globalization, digitalization, cultural change, historical linguistics, language variation, dialects, language modernization.

ٻولي انساني سماج جو بنيادي ۽ اهم رابطي جو ذريعو آهي، جيڪا نہ رڳو خيالن جي اظهار جو وسيلو بڻجي ٿي، پر قومن جي ثقافت، تاريخ ۽ سڃاڻپ جي بہ عڪاسي ڪري ٿي. جديد لسانياتي نظرين موجب ٻولي ڪا جامد يا بيٺل شيءِ ناهي، بلڪ هڪ زنده، متحرڪ ۽ ارتقائي نظام آهي، جيڪو وقت سان گڏ مسلسل تبديل ٿيندو رهي ٿو.

”ٻولي ڪڏهن بہ هڪ هنڌ بيهي نٿي سگهي، ان ۾ هڪ اڻچاتل وهڪرو هوندو آهي، جيڪو ان کي مسلسل تبديليءَ جي عمل مان گذاري ٿو.“ (1)

لسانياتي تبديلي هڪ فطري عمل آهي، جيڪو نسل در نسل منتقل ٿيندو رهي ٿو. هي تبديليون رڳو لفظن تائين محدود ناهن، پر صوتياتي، صرفي، نحوي ۽ معنوي سطحن تي بہ ظاهر ٿين ٿيون. ڪنهن بہ دور ۾ پراڻيون ۽ نيون لساني صورتون گڏوگڏ موجود رهن ٿيون، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو، تہ ٻوليءَ ۾ ”درست“ ۽ ”غلط“ کان وڌيڪ اهميت حقيقي استعمال کي حاصل آهي.

”ٻوليءَ جو گرامر ماڻهن جي مرضيءَ جي تابع هوندو آهي. جڏهن اڪثريت ڪنهن تبديليءَ کي اپنائي ٿي، تہ اها ’غلطي‘ بجاءِ ’نئون قاعدو‘ بڻجي وڃي ٿي.“ (2)

ٻوليءَ ۾ تبديليءَ جا ڪيترائي سبب آهن، جن مان سڀ کان اهم ٻولين جو باهمي رابطو آهي. اهڙي رابطي جي نتيجي ۾ لفظ، محاورا ۽ گرامري صورتون هڪ ٻوليءَ کان ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ٿين ٿيون. سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي، فارسي، اردو ۽ انگريزي لفظن جو شامل ٿيڻ ان جو واضح مثال آهي. ان سان گڏ علائقائي فرق سبب مختلف لهجا، جهڙوڪ لاڙي، ٿري، اترادي ۽ ڪوهستاني، بہ وجود ۾ آيا آهن.

”ٻولين جو پاڻ ۾ ميلاپ لساني واڌ ويجهہ لاءِ ضروري آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ دخيل لفظن جي شموليت ان جي لغت کي وسيع ڪيو آهي.“ (3)

سماجي، سياسي ۽ ثقافتي حالتون پڻ ٻوليءَ تي گهرو اثر ڇڏين ٿيون. مختلف دورن ۾ حڪمرانن جي ٻولين، سنڌيءَ ۾ نوان لفظ ۽ اصطلاح شامل ڪيا.

”ٻولي سماجي ادارن جي تبديليءَ سان پنهنجو ڪارج مٽائي ٿي. جڏهن سماج جو سياسي نظام بدلجي ٿو، تہ ٻوليءَ جو اصطلاحي نظام بہ بدلجي وڃي ٿو.“ (4)

جديد دور ۾ ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل ميڊيا ٻوليءَ جي تبديليءَ جي رفتار کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو آهي، جنهن سبب روزمره استعمال ۾ نوان لفظ ۽ مختصر اظهار عام ٿي ويا آهن. ان کان علاوه لڏپلاڻ، تعليم، سماجي درجابندي ۽ شهري ۽

ڳوٺاڻن ماحولن جو فرق بہ ٻوليءَ جي ڍانچي ۽ استعمال کي متاثر ڪن ٿا. سوشل ميڊيا جي اثر هيٺ ڪوڊ سوئچنگ ۽ ڪوڊ مڪسنگ جهڙا رجحان پڻ تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن.

”ابلاغ جي تيز وسيلن سبب ٻوليءَ جي تبديليءَ جي رفتار **(Rate of Change)** وڌي وڃي ٿي، جنهن سان نوان لهجا تيزي سان مقبول ٿين ٿا.“ (5)

سنڌي ٻولي بہ انهن عالمي لساني اصولن جي تابع آهي ۽ پنهنجي تاريخي ارتقا ۾ ڪيترن ئي مرحلن مان گذري چڪي آهي. ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ انگريزن جي دورن سنڌي ٻوليءَ تي پنهنجا اثر ڇڏيا، پر ان باوجود هن پنهنجي بنيادي ساخت کي برقرار رکيو آهي، جيڪو ان جي زنده ۽ ارتقائي فطرت جو ثبوت آهي.

”سنڌي ٻوليءَ جي گرامري ساخت ايتري مضبوط آهي، جو هزارين سالن جي ٻاهرين اثرن باوجود هن پنهنجو اصل وجود (سنسڪرت يا دراوڙي بنياد) محفوظ رکيو آهي.“ (6)

## ٻوليءَ ۾ تبديلين جو ڦهلاءُ:

لسانياتي تبديلي اڪثر ڪنهن هڪ فرد يا ننڍي گروه کان شروع ٿيندي آهي، پر ان جو وسيع ڦهلاءُ تڏهن ممڪن ٿيندو آهي جڏهن سماج جا اثرائتا طبقا جهڙوڪ ميڊيا، فنڪار، استاد ۽ تعليم يافتہ نوجوان ان نئين لساني صورت کي قبول ڪن ٿا. لسانيات ۾ هن عمل کي لغوي پکڙجڻ چيو ويندو آهي.

”ٻوليءَ ۾ تبديلي تڏهن معياري بڻجي ٿي، جڏهن سماج جو بااثر يا مٿيون طبقو ان کي پنهنجي روزاني گفتگو ۾ شامل ڪري ٿو. هن عمل کي هو **"Change from Above"** سڏي ٿو.“ (7)

ٻولين جي باهمي رابطي دوران گهڻو ڪري اها ٻولي وڌيڪ اثرانداز ٿيندي آهي، جيڪا معاشي، سياسي يا ثقافتي لحاظ کان مضبوط هوندي آهي. اهڙي حالت ۾ ماڻهو آهستي آهستي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي جاءِ تي طاقتور ٻوليءَ جا لفظ، لهجا يا بناوٽون اختيار ڪرڻ لڳندا آهن، جنهن کي لساني غلبو سڏيو وڃي ٿو.

”ٻولي هڪ زنده نامياتي مادي وانگر آهي، جيڪا ماحول جي اثر هيٺ پنهنجا لهجا مٽائي ٿي.“ (8)

جڏهن نوان لفظ، اصطلاح يا لهجا انهن بااثر ذريعن وسيلي عام ٿين ٿا، تہ اهي تدريجي طور سڄي سماج جي روزمره ٻوليءَ جو حصو بڻجي وڃن ٿا. جديد دور ۾

انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا هن عمل کي انتهائي تيز ڪري ڇڏيو آهي، جتي ڪا به نئين لساني صورت تمام ٿوري وقت ۾ وڏي پيماني تي پکڙجي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح لساني تبديلي نه رڳو تيز ٿيندي آهي، پر ان جو دائرو به وسيع ٿي وڃي ٿو.

## ٻوليءَ ۾ لسانياتي تبديلي جو تصور

لسانيات جي ماهرن موجب دنيا جي ڪا به زنده ٻولي تبديليءَ کان پاڪ ناهي؛ جيڪڏهن ڪا ٻولي تبديل ٿيڻ ڇڏي ڏئي ته اها مرده ٻولي بڻجي وڃي ٿي.

”ٻوليءَ ۾ تبديلي هڪ فطري ۽ اڻٽر عمل آهي. جيڪڏهن ٻولي پاڻ کي نئين دور جي گهرجن مطابق نه بدلائيندي ته اها مدي خارج ٿي ويندي.“ (9)

جيئن لاطيني ۽ سنسڪرت جا مثال ظاهر ڪن ٿا. ان ڪري ٻوليءَ ۾ تبديلي هڪ فطري ۽ لازمي عمل آهي، جيڪو نسل در نسل منتقل ٿيندو رهي ٿو، ۽ هن عمل کي لساني ارتقا چيو ويندو آهي.

”ٻولي سماج کان ٻاهر ڪا شيءِ ناهي. سماج ۾ ايندڙ هر سياسي، اقتصادي ۽ سماجي تبديلي ٻوليءَ جي لغت ۽ ساخت کي متاثر ڪري ٿي.“ (10)

سنڌي ٻولي پڻ پنهنجي تاريخي سفر دوران ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ انگريزن جي دورن کان گذرندي مختلف لساني مرحلن مان ترقي ڪندي موجوده صورت تائين پهتي آهي. ادبي ٻوليءَ جي اها خوبي به هوندي آهي ته هو پنهنجا لفظ ٻين ٻولين کي ڏيندي آهي ۽ ضرورت موجب ٻين ٻولين جي لفظن کي وياڪرڻي اصولن موجب پنهنجو به ڪندي آهي.

”سنڌي ٻوليءَ هر دور جي حڪمران ٻوليءَ کان لفظ اڌارا ورتا، پر انهن کي پنهنجي مقامي صرفي ۽ نحوي (Morpho-syntactic) سانچي ۾ ڍالي پنهنجو ڪيو.“ (11)

سنڌي ٻوليءَ ۾ لسانياتي تبديلين مان مراد اهي فطري، سماجي ۽ تاريخي تبديليون آهن، جيڪي وقت سان گڏ ٻوليءَ جي مختلف سطحن ۾ ظاهر ٿين ٿيون. هڪ قديم ۽ ارتقائي ٻولي هجڻ جي حيثيت سان، اهي تبديليون سنڌيءَ جي جوڙجڪ جو لازمي حصو رهيون آهن.

صوتياتي سطح تي ڪيترن لفظن جي ادائگي وقت سان وڌيڪ سادي ۽ نرم ٿي وئي آهي، جنهن سان ڳالهائڻ ۾ آساني پيدا ٿي آهي. لفظي سطح تي سنڌي ٻولي عربي،

فارسي، اردو ۽ انگريزيءَ مان لفظ اختيار ڪري پنهنجو ذخيرو وسيع ڪيو آهي، جڏهن ته ڪجهه پراڻا لفظ استعمال مان نڪري ويا يا محدود دائري تائين رهجي ويا آهن. ساڳئي وقت جديد دور جي ضرورتن مطابق نوان اصطلاح به شامل ٿيا آهن.

"ٻولي سماجي ضرورتن ۽ لهواري لڳڻ سبب وقت سان گڏ پنهنجو لغت ۽ صوتياتي نظام بدلائي ٿي." (12)

وياڪرڻي سطح تي پڻ سادگي جو رجحان نمايان آهي، خاص طور تي ضميرن ۽ فعلن جي استعمال ۾. هي تبديلي شهري لهجن ۾ وڌيڪ واضح نظر اچي ٿي، جتي پيچيده بناوتن جي جاءِ تي سادن ۽ سڌن طريقن کي ترجيح ڏني وڃي ٿي. لکت جي ميدان ۾ به قديم صورتخطين کان موجوده عربي سنڌي رسم الخط تائين پهچڻ سان اظهار ۽ معيار ۾ نمايان بهتري آئي آهي.

انهن تبديلين جي اهميت ان ڪري به آهي، جو اهي ٻوليءَ کي نون سماجي، ثقافتي ۽ سائنسي حالتن سان هم آهنگ رکن ٿيون. جيڪڏهن ٻولي تبديليءَ کي قبول نه ڪري ته اها وقت سان گڏ غير مؤثر ٿي سگهي ٿي.

"ٻوليءَ ۾ تبديلي بگاڙ ناهي پر اها ان جي بقا جي علامت آهي. جيڪا ٻولي پنهنجي ساخت کي لچڪدار (Flexible) نٿي رکي، اها مرده ٻولي (Dead Language) بڻجي وڃي ٿي." (13)

مختصر طور، سنڌي ٻولي هڪ زنده ۽ متحرڪ نظام آهي، جيڪا پنهنجي تاريخي سڃاڻپ کي برقرار رکندي، جديد تبديلين سان همگام ٿيندي رهي ٿي.

## لسانياتي تبديلين جا ڪارڻ:

لسانيات جي اصولن موجب ٻوليءَ ۾ تبديليون بنيادي طور ٻن قسمن جي ڪارڻن جي نتيجي ۾ پيدا ٿين ٿيون: هڪ اندروني ڪارڻ ۽ ٻيو ٻاهريون ڪارڻ. اندروني ڪارڻ ٻوليءَ جي پنهنجي جوڙجڪ، نظام ۽ فطري ارتقا سان لاڳاپيل هوندا آهن، جڏهن ته ٻاهريون ڪارڻ سماجي، ثقافتي ۽ تاريخي حالتن جي اثر هيٺ وجود ۾ ايندا آهن.

اندروني ڪارڻن ۾ صوتياتي تبديليون، صرفي ۽ نحوي ڍانچي ۾ سادگي، ۽ تشبيهه جهڙا عمل شامل آهن. اهي تبديليون ٻوليءَ جي اندروني نظام کي وڌيڪ منظم ۽ هم آهنگ بڻائڻ سان گڏ ڳالهائڻ ۾ سهولت پيدا ڪن ٿيون، ۽ فطري ارتقائي عمل جو حصو هونديون آهن.

”ٻوليءَ ۾ تبديلي رڳو ٻاهرين اثرن سان نہ، پر ذهن جي اندروني ساخت (Universal Grammar) ذريعي ٿئي ٿي. ٻار ۾ ٻولي سکڻ جي فطري صلاحيت هوندي آهي، پر سماجي ماحول ان ۾ تبديليون آڻي ٿو.“ (14)

ٻاهرين ڪارڻن ۾ ٻولين جو باهمي رابطو، سماجي ۽ ثقافتي تبديليون، ٽيڪنالاجي جي ترقي ۽ لڏپلاڻ جهڙا عنصر شامل آهن. اهي عنصر ٻوليءَ جي لفظي ذخيري، لهجن ۽ استعمال جي طريقن تي نمايان اثر وجهن ٿا ۽ نون لساني رجحانن کي جنم ڏين ٿا.

انهيءَ ريت، لسانياتي تبديلي هڪ گهڻ رخي ۽ متحرڪ عمل آهي، جيڪو ٻوليءَ جي اندروني ۽ ٻاهرين حالتن جي گڏيل اثر سان وجود ۾ اچي ٿو.

## اندروني ڪارڻ:

اندروني ڪارڻ اهي آهن، جيڪي ٻوليءَ جي پنهنجي نظام ۾ فطري ارتقائي عمل مان پيدا ٿين ٿا ۽ ان جي سادگي، توازن ۽ رواني کي برقرار رکڻ ۾ مدد ڏين ٿا. انهن ۾ هڪ اهم عنصر گهٽ ڪوشش جو اصول آهي، جنهن تحت ڳالهائيندڙ ڏکين آوازن کي آسان بڻائي ادا ڪن ٿا، نتيجي طور لفظن جي صوتي صورت ۾ تبديلي اچي ٿي.

”ٻولي تڏهن بدلبي آهي، جڏهن ان جي آواز جي نظام (Phonology) ۾ توازن بگڙجي ٿو. ٻولي پاڻ کي واپس توازن ۾ آڻڻ لاءِ نوان آواز پيدا ڪري ٿي.“ (15)

ان سان گڏ تشبيهہ وارو عمل بہ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، جنهن ۾ لفظن يا بناوٽن کي موجوده وياڪرڻي قانونن موجب هم آهنگ بڻايو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح زنجير واري تبديلي بہ هڪ نمايان محرڪ آهي، جتي هڪ صوتياتي تبديلي ٻين آوازن تي اثرانداز ٿي سڄي نظام جي توازن کي تبديل ڪري ٿي.

اهڙي ريت، اندروني ڪارڻ ٻوليءَ جي جوڙجڪ اندر ٿيندڙ منظم تبديليون آهن، جيڪي ان جي فطري ترقيءَ جو حصو بڻجن ٿيون.

## گهٽ ۾ گهٽ ڪوشش جو اصول:

انساني ڳالهائڻ جي عمل ۾ هڪ اهم رجحان اهو آهي تہ ڳالهائيندڙ ادائگي دوران توانائي ۽ محنت کي گهٽ ۾ گهٽ رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. لسانيات ۾ هن رجحان کي گهٽ ۾ گهٽ ڪوشش جو اصول چيو ويندو آهي. هن اصول تحت ڏکين يا

پيچيده آوازن کي وقت سان سادن ۽ نرم آوازن ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي، جنهن سان ڳالهائڻ وڌيڪ آسان ۽ رواني سان ممڪن ٿئي ٿو.

هن عمل جي نتيجي ۾ لفظن جي صوتياتي بناوت ۾ تدريجي تبديلي اچي ٿي؛ ڪي لفظ مختصر ٿي وڃن ٿا، جڏهن ته ڪجهه آوازن جو ختم ٿيڻ يا سادي صورت اختيار ڪرڻ عام ڳالهه بڻجي وڃي ٿي. مثال طور: سنڌي ٻوليءَ ۾ پيچيده صوتي صورتن جي سادگي يا لفظن جي ادائگيءَ ۾ تبديلي هن اصول جي واضح عڪاسي ڪري ٿي.

”ٻوليءَ جي ارتقا جو بنياد گهٽ ڪوشش واري قانون (Law of Least Effort) تي آهي. ماڻهو آوازن کي گسائي اهڙو روپ ڏين ٿا ،جيڪو زبان لاءِ سولو هجي.“ (16)

مسلسل رابطي سبب هڪ ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ ٻي ٻوليءَ جي اچارن کي ڪٽڻ لڳندا آهن، جنهن سان ٻوليءَ جي اصل لهجي ۾ تبديلي اچي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح، گهٽ ۾ گهٽ ڪوشش جو اصول ٻوليءَ ۾ صوتياتي تبديليءَ جو هڪ اهم محرڪ آهي، جيڪو ٻوليءَ جي فطري ارتقا ۽ روانيءَ کي برقرار رکڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو.

## وياڪرڻي سادگي:

جيڪڏهن رابطو گهڻي وقت تائين رهي، ته هڪ ٻوليءَ جو وياڪرڻ، ٻي ٻوليءَ کان متاثر ٿيڻ لڳندو آهي. جنهن سبب جي ڪري لفظن جي ترتيب بدلجي سگهي ٿي يا نيون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون شامل ٿي سگهن ٿيون.

## ٻاهريان ڪارڻ

ٻاهريان ڪارڻ اهي آهن، جيڪي سماجي، سياسي ۽ تاريخي حالتن جي اثر هيٺ پيدا ٿين ٿا ۽ ٻوليءَ جي ڍانچي ۽ استعمال تي نمايان اثر ڇڏين ٿا. سماجي ۽ سياسي تبديليون ٻوليءَ ۾ نون لفظن، اصطلاحن ۽ لهجن جي واڌ جو سبب بڻجن ٿيون.

”ٻولي سماجي ادارن جي تبديليءَ جو عڪس هوندي آهي. سياسي غلبو نه رڳو لغت، پر ٻوليءَ جي سڄي نظام کي پنهنجي اثر هيٺ آڻي ٿو.“ (17)

ٻولين جو باهمي رابطو ان ڪارڻ مان هڪ اهم عنصر آهي، جنهن جي نتيجي ۾ مختلف قومن جي ميل ميلاپ سان لفظ ۽ اظهار هڪ ٻوليءَ کان ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ٿين ٿا. ان کان علاوه سياسي يا سماجي غلبو به ٻوليءَ تي اثرانداز ٿئي ٿو، جتي

ماڻهو طاقتور يا بالادست طبقن جي ٻوليءَ جا لفظ ۽ اصطلاح اختيار ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا.

”ٻوليءَ ۾ تبديلي تڏهن اچي ٿي، جڏهن سماجي رابطا وڌن ٿا. جنهن گروه جو اثر وڌيڪ هوندو، ان جي ٻولي ٻين تي اثر انداز ٿي کين بدلائي ڇڏيندي.“ (18)

نوآبادياتي اثر به هن سلسلي ۾ اهم حيثيت رکن ٿا. ڇاڪاڻ ته اهي تعليم، انتظامي ۽ قانوني نظامن وسيلي مقامي ٻولين جي فطري وهڪري ۽ ترقيءَ کي متاثر ڪن ٿا.

اهڙيءَ طرح، ٻاهريان ڪارڻ ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تبديليءَ جا اهم محرڪ آهن، جيڪي سماجي حالتن سان گڏ تبديل ٿيندا رهن ٿا.

## سياسي ۽ معاشي سبب:

ٻوليءَ جي تبديليءَ ۾ سياسي ۽ معاشي طاقت اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. تاريخي طور تي طاقتور قومن يا حڪمرانن جي ٻولي مقامي ٻولين تي گهرو اثر ڇڏيندي رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ غالب ٻوليءَ جا لفظ، اصطلاح ۽ اظهار مقامي ٻولين ۾ شامل ٿيندا وڃن ٿا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن گرامري بناوتن تي به اثرانداز ٿين ٿا.

”معاشي ۽ سياسي طور تي غالب قوم جي ٻولي، مادري ٻوليءَ جي لغت (Vocabulary) کي پنهنجي اثر هيٺ آڻي، ان ۾ ’ڪوڊ سوئچنگ‘ کي جنم ڏئي ٿي.“ (19)

سنڌي ٻولي ان عمل جو واضح مثال پيش ڪري ٿي. عربن جي دور کانپوءِ سنڌيءَ ۾ عربي لفظن جو وڏو ذخيرو شامل ٿيو، جڏهن ته فارسي ۽ پوءِ انگريزي دور ۾ انهن ٻولين جا اصطلاح به سنڌي ٻوليءَ جي سرشتي جو حصو بڻجي ويا. اڄ به سرڪاري، تعليمي ۽ قانوني شعبن ۾ انگريزيءَ جو اثر نمايان طور موجود آهي.

سماجي سطح تي به ماڻهو اڪثر تعليمي حيثيت يا ترقيءَ سان وابستگي ظاهر ڪرڻ لاءِ غالب ٻوليءَ جا عنصر پنهنجي روزمره گفتگو ۾ اختيار ڪندا آهن. ان عمل سان نه رڳو لفظي ذخيرو تبديل ٿئي ٿو، پر ٻوليءَ جي لهجي ۽ اسلوب تي به اثر پوي ٿو.

اهڙيءَ طرح، سياسي ۽ معاشي مامرا ٻوليءَ ۾ لسانياتي تبديلين جو هڪ اهم ٻاهريان ڪارڻ آهن، جيڪي سماجي حيثيت ۽ طاقت جي ڍانچي سان گهري طرح جڙيل آهن.

## لڏپلاڻ:

لڏپلاڻ ٻوليءَ ۾ لسانياتي تبديليءَ جو هڪ اهم ٻاهريون ڪارڻ آهي، جنهن جي نتيجي ۾ مختلف ٻولين ۽ لهجن جو باهمي رابطو وڌي وڃي ٿو. لڏپلاڻ جي نتيجي ۾ جڏهن ٻه مختلف لساني گروهه پاڻ ۾ ملن ٿا، ته اتي ٻولين جو ميلاپ جنم وٺي ٿو، جيڪو ٻوليءَ جي اصل روپ کي تبديل ڪري ڇڏي ٿو.

"شهري علائقن (ڪراچي ۽ حيدرآباد) ۾ لڏپلاڻ جي ڪري سنڌي ڳالهائيندڙن جو واسطو اردو ۽ انگريزيءَ سان وڌي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ لساني تفاوت پيدا ٿئي ٿو ۽ ٻولي پنهنجي خالص صورت وڃائي ويهي ٿي." (20)

جڏهن ماڻهو ٻهراڙين مان شهرن ڏانهن منتقل ٿين ٿا، ته اهي نون سماجي ۽ لساني ماحولن سان واسطو رکن ٿا، جنهن سان مقامي لهجا ۽ ٻوليءَ جو استعمال متاثر ٿئي ٿو.

شهري مرڪزن، جهڙوڪ: ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مختلف ٻولين جي ميلاپ سبب لسانياتي تبديليون وڏيڪ تيزيءَ سان ظاهر ٿين ٿيون. اهڙي ماحول ۾ نوجوان نسل گهڻو ڪري اردو يا انگريزيءَ کي ترجيح ڏئي ٿو، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي روايتي صورتن جو استعمال گهٽجڻ لڳي ٿو. شهرن ۾ ٻوليءَ جو استعمال جديد ضرورتن ۽ سماجي مرتبي سان جڙيل هوندو آهي، جڏهن ته ڳوٺاڻي علائقن ۾ اها ثقافتي بقا جو ذريعو هوندي آهي.

"سنڌي نوجوان شهرن ۾ ٻه- ٻوليائي اختيار ڪن ٿا، جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جا گرامر ۽ لفظي ترڪيبون متاثر ٿين ٿيون، جڏهن ته ڳوٺن ۾ ٻولي اڃا تائين خالص رهي ٿي." (21)

ان جي ابتڙ، ڳوٺاڻن علائقن ۾ ٻولي نسبتاً پنهنجي روايتي ۽ مقامي رنگ ۾ برقرار رهي ٿي، تنهن ڪري شهري سنڌي ۾ جديد، مخلوط ۽ اصطلاحي رجحان نمايان نظر اچن ٿا، جڏهن ته ڳوٺاڻي سنڌي لوڪ خصوصيتن کي وڌيڪ محفوظ رکي ٿي.

"لڏپلاڻ ۽ ٻولين جي ميلاپ جي ڪري لفظن جو ذخيرو بدلجي وڃي ٿو. شهرن ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن جي ٻوليءَ ۾ نوان اصطلاح شامل ٿي ويندا آهن، جيڪي ڳوٺاڻي سنڌيءَ کان مختلف هوندا آهن." (22)

اهڙي طرح، لڏپلاڻ ۾ مختلف لساني گروهن جي ميل جول جي نتيجي ۾ هڪ مخلوط يا گڏيل ٻولي بہ وجود ۾ اچي سگهي ٿي، جيڪا مختلف ٻولين جي اثرن جو مجموعو هوندي آهي.

## جاگرافيائي وِڇوٽي:

جاگرافيائي وِڇوٽي لسانياتي تبديليءَ جو هڪ اهم ٻاهريون ڪارڻ آهي، جنهن ۾ هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندڙ آبادي، جڏهن مختلف علائقن ۾ ورهائجي وڃي ٿي ۽ سندن باهمي رابطو محدود ٿي وڃي ٿو، تہ وقت سان گڏ لهجن، اچارن ۽ لفظن ۾ تدريجي فرق پيدا ٿيڻ لڳي ٿو. هي فرق اڳتي هلي ايترو وڌي سگهي ٿو جو هڪ ئي ٻوليءَ مان الڳ لهجا يا نيون لساني صورتون وجود ۾ اچي سگهن ٿيون.

”جاگرافيائي وِڇوٽيءَ سبب وچولي جي سنڌي، لاڙي ۽ سريلي ڪان صوتي لحاظ کان مختلف آهي. هن موجب، جاگرافيائي فاصلا ٻوليءَ ۾ مقامي رنگ پيدا ڪن ٿا.“ (23)

سنڌ جي جاگرافيائي تنوع سبب لاڙ، اتر، وچولي، ٿر ۽ ڪوهستان جهڙن علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن ۾ صوتي خصوصيتن ترقي ڪئي آهي. هر علائقي ۾ مقامي ماحول، ثقافتي روايتون ۽ سماجي حالتون ٻوليءَ جي لفظي استعمال ۽ اچارن تي پنهنجو اثر ڇڏين ٿيون.

جڏهن مختلف علائقن جا ماڻهو هڪ ٻئي سان رابطو ڪن ٿا يا لڏپلاڻ ذريعي گڏ ٿين ٿا، تہ انهن جي لهجن جو ميل ميلاپ ٿئي ٿو، جنهن سان ٻوليءَ ۾ نيون لساني صورتون پيدا ٿين ٿيون. اهڙيءَ طرح جاگرافيائي وِڇوٽي ۽ سماجي رابطي جي گڏيل اثر سان لسانياتي تبديليءَ جو عمل جاري رهي ٿو.

## سماجي تبديلي:

سماجي تبديلي ٻوليءَ ۾ لسانياتي تبديليءَ جو هڪ اهم ٻاهريون ڪارڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻولي ۽ سماج هڪٻئي سان گهرو لاڳاپو رکن ٿا. سماج ۾ ايندڙ هر تبديلي، چاهي اها ثقافتي هجي، معاشي هجي يا سياسي سڌي يا اڻ سڌي طرح ٻوليءَ جي استعمال ۽ ڍانچي تي اثر وجهي ٿي.

”1947ع کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪي سياسي ۽ سماجي تبديليون آيون، انهن سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ کي مزاحمتي ۽ جديد اصطلاح ڏنا. هن موجب، ٻولي سماج جي سياسي شعور جو آئينو هوندي آهي.“ (24)

لسانيات ۾ ٻوليءَ جو سماجي رتبو بہ اهم حيثيت رکي ٿو، ڇو تہ ماڻهو گهڻو ڪري اهڙي ٻولي يا لهجي کي اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جيڪو سماج ۾ معتبر، بااثر يا ترقي يافتہ سمجهيو وڃي. ان عمل جي نتيجي ۾ ٻوليءَ جا استعمالي نمونا مختلف سماجي طبقن جي لحاظ کان تبديل ٿيندا رهن ٿا.

”سماجي طبقا ٻوليءَ جي تبديليءَ جا محرڪ هوندا آهن. هو دليل ڏئي ٿو، تہ جڏهن ڪو طبقو سماجي يا معاشي برتري حاصل ڪندو آهي، تہ ٻيا ماڻهو انهن جي ڳالهائڻ جي انداز کي نقل ڪرڻ لڳندا آهن، جنهن سان ٻولي بدلجي ويندي آهي.“ (25)

سماجي سڌارن، تحريڪن ۽ نون فڪري رجحانن جي اثر هيٺ ٻوليءَ ۾ نوان لفظ ۽ اصطلاح شامل ٿين ٿا، جيڪي نون سماجي تصورن ۽ حالتن جي ترجماني ڪن ٿا. مثال طور، تاريخي ۽ سياسي تبديلين ڪانپوءِ سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي لغت ۾ بہ نمايان واڌارو ۽ نوان معنوي رخ پيدا ٿيا.

سماج جا مختلف طبقا ٻوليءَ کي مختلف انداز ۾ استعمال ڪن ٿا. مٿئين طبقي ۾ معياري يا رسمي ٻوليءَ جو رجحان وڌيڪ هوندو آهي، جڏهن تہ ٻين طبقن ۾ عامياڻي يا غير رسمي اظهار وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهڙي طرح شهري ماحول ۾ سنڌي ٻوليءَ سان گڏ انگريزي ۽ اردو لفظن جو استعمال سماجي حيثيت يا جديديت جي علامت طور بہ اختيار ڪيو وڃي ٿو، جنهن جو اثر خالص سنڌي لفظن جي استعمال تي پوي ٿو. سماج ۾ ٻولي رڳو رابطي جو ذريعو ناهي، پر اها سماجي حيثيت جي علامت پڻ آهي. ماڻهو اڪثر پنهنجي ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ شامل ڪندا آهن جيڪي کين ترقي يافتہ ظاهر ڪن.

”سماجي ساخت ۾ تبديلي اچڻ سان ٻوليءَ جا رسمي ۽ غير رسمي آداب بہ بدلجي ويندا آهن. مثال طور، سنڌي سماج ۾ مان ۽ اسين يا توهان ۽ تون جو استعمال سماجي لاڳاپن جي تبديليءَ سان گڏ نوان رخ اختيار ڪري چڪو آهي.“ (26)

مختصر طور، سماجي تبديليون ٻوليءَ جي رخ، لهجي ۽ استعمال کي متعين ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ ٻولي سماج جي سوچ، قدرن ۽ زندگيءَ جي طرز جي عڪاسي ڪري ٿي.

## سماجي ۽ لساني رابطو:

ٻولين جي تبديليءَ ۾ سماجي ۽ لساني رابطو هڪ بنيادي ۽ اهم ڪارڻ آهي. جڏهن مختلف قومون تجارت، لڏپلاڻ يا تاريخي حالتن جهڙوڪ: جنگين جي

نتيجي ۾ هڪبئي سان رابطي ۾ اچن ٿيون، تہ انهن جي ٻولين وچ ۾ لفظي، صوتياتي ۽ نحوي اثر پذيري پيدا ٿئي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي، فارسي ۽ انگريزي لفظن جي شموليت هن عمل جو واضح مثال آهي. جڏهن ٻہ مختلف ٻوليون پاڻ ۾ ملن ٿيون، تہ اهي هڪبئي کي لفظي ذخيرو ڏين ٿيون. سنڌي ٻوليءَ تي عربي ۽ فارسي جا اثر ان جو نتيجو آهن.

”سنڌي هڪ سنسڪرتي بنياد رکندڙ ٻولي هجڻ باوجود، صدين جي سماجي ۽ سياسي رابطي سبب عربي ۽ فارسي لفظن کي اهڙي طرح جذب ڪيو آهي جو اهي هاڻي سنڌيءَ جو پنهنجو حصو لڳن ٿا.“ (27)

اهڙي رابطي دوران ماڻهو نہ رڳو نوان لفظ اختيار ڪن ٿا، پر پنهنجين لساني عادتن سان گڏ نيون لساني خصوصيتون بہ منتقل ڪن ٿا. خاص طور تي روزگار، تعليم ۽ شهري زندگيءَ جي ڪري، جڏهن ماڻهو هڪ علائقي کان ٻئي علائقي ڏانهن منتقل ٿين ٿا، تہ مختلف لهجن جو ميل ميلاپ ٿئي ٿو، جنهن سان ٻوليءَ جي استعمال ۾ نوان رجحان پيدا ٿين ٿا.

”سنڌ جي مختلف حصن مان ماڻهن جي لڏپلاڻ ۽ سماجي رابطي جي ڪري، وچولي جو لهجو هڪ معياري صورت اختيار ڪري ويو. هو دليل ڏئي ٿو تہ رابطو ئي اهو عمل آهي، جيڪو لهجن جي متاسثا ڪري ٻوليءَ جو هڪ گڏيل روپ مضبوط ڪري ٿو.“ (28)

انهيءَ عمل جي نتيجي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻوليءَ جو هڪ معياري يا گڏيل روپ وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿو، جڏهن تہ ڪجهہ مقامي لفظ ۽ لهجا آهستي آهستي گهٽ استعمال ٿيڻ لڳن ٿا. اهڙيءَ طرح سماجي ۽ لساني رابطو ٻوليءَ جي ارتقا ۽ تبديليءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

## سماجي ۽ تعليمي ضرورتون:

جڏهن ڪنهن ٻوليءَ کي تعليم ۽ روزگار جي ٻولي بڻايو ويندو آهي، تہ اها بااثر ٻولي بڻجي ويندي آهي ۽ مقامي ٻوليون ان جا لفظ اختيار ڪرڻ لڳنديون آهن.

”پاڪستان ۾ انگريزي طاقت جي ٻولي آهي. هو دليل ڏئي ٿو تہ سنڌي نوجوانن پاران انگريزي لفظن جو استعمال رڳو ضرورت ناهي، پر اهو هڪ سماجي سرمائي طور استعمال ٿئي ٿو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي روايتي لغت کي تبديل ڪري رهيو آهي.“ (29)

تعليم ۽ روزگار جي شعبن ۾ انگريزي ۽ اردو ٻولين جي وڌندڙ اثر سبب سنڌي ڳالهائيندڙن، خاص طور تي نوجوان نسل ۾، انهن ٻولين جا لفظ ۽ اصطلاح استعمال ڪرڻ جو رجحان وڌي ويو آهي. لسانيات ۾ هن عمل کي وقار واري لهجي جو اثر چيو ويندو آهي، جنهن تحت سماجي طور بااثر يا معتبر سمجهي ويندڙ ٻوليءَ جا عنصر ٻين ٻولين ۾ داخل ٿين ٿا.

”جڏهن عالمي ٻوليون (جهڙوڪ انگريزي) تعليمي نظام تي حاوي ٿين ٿيون، ته مقامي ٻوليون پنهنجو اصطلاحي تحفظ وڃائي ويهن ٿيون. سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليمي ۽ فني اصطلاحن جي جاءِ تي انگريزي لفظن جو اچڻ ان ئي لساني سامراجيت جو نتيجو آهي.“ (30)

تعليمي سطح جي واڌاري سان گڏ ٻوليءَ جي استعمال ۾ به تبديلي اچي ٿي، جتي ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ کي وڌيڪ منظم، رسمي ۽ معياري انداز ۾ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. نصاب، تعليمي ادارا ۽ ميڊيا به هن رجحان کي مضبوط بڻائين ٿا، جنهن سان اظهار ۾ هڪجهڙائي پيدا ٿئي ٿي.

انهيءَ عمل جي نتيجي ۾ مختلف علائقائي لهجن جا مخصوص لفظ ۽ اظهار آهستي آهستي گهٽ استعمال ٿيڻ لڳن ٿا، جڏهن ته هڪ گڏيل معياري ٻولي جو رجحان وڌي ٿو. نتيجي طور سنڌي ٻوليءَ جي لفظي ذخيري ۽ اظهار جي انداز ۾ تبديلي اچي ٿي، جتي مقامي يا روايتي لفظن جي جاءِ تي وقار رکندڙ يا معياري سمجهيل ٻولين جا لفظ وڌيڪ استعمال ٿيڻ لڳن ٿا.

## نوجوان ۽ پراڻو نسل:

لسانياتي تبديليءَ ۾ نسلن جي فرق جو اهم ڪردار هوندو آهي، جنهن سبب نوجوان ۽ بزرگ نسل جي ٻوليءَ جي استعمال ۾ واضح تفاوت نظر اچي ٿو. هر نسل پنهنجي سماجي حالتن، تعليم ۽ رابطي جي ذريعن مطابق ٻوليءَ کي مختلف انداز ۾ استعمال ڪري ٿو.

نئون نسل پنهنجي سماجي سڃاڻپ ۽ جديديت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ نوان لفظ ۽ اصطلاح به اختيار ڪري ٿو، جيڪي گهڻو ڪري روايتي لغوي نظام کان مختلف هوندا آهن. نتيجي طور، نوجوان نسل جي ٻولي وڌيڪ جديد ۽ وقت سان هم آهنگ بڻجي رهي آهي، جڏهن ته ڪڏهن اها روايتي لغوي وسعت ۽ ادبي اظهار جي لحاظ کان محدود پڻ محسوس ٿئي ٿي.

”نوجوان نسل ٻوليءَ ۾ مجدت پسند (Innovator) هوندو آهي. هو نوان لفظ ۽ اچار متعارف ڪرائي ٿو، جڏهن ته بزرگ نسل ٻوليءَ جي محافظ (Preserver) جو ڪردار ادا ڪري ٿو. اها ڇڪتاڻ ئي ٻوليءَ کي زنده رکي ٿي.“ (31)

پراڻو نسل عام طور تي روايتي سنڌي لغت، پهاڪن، محاورن ۽ اصطلاحي اظهار کي ترجيح ڏئي ٿو، جنهن سان ٻوليءَ جي ثقافتي تسلسل ۽ اصليت برقرار رهي ٿي. ان جي ابتڙ، نوجوان نسل جديد رابطي جي ذريعن، خاص طور تي سوشل ميڊيا جي اثر هيٺ، مختصر اظهار، انگريزي لفظن ۽ مخلوط ٻولي ڏانهن وڌيڪ مائل آهي.

”نوجوان نسل اڪثر ڪري غير رسمي ۽ مخلوط ٻولي اختيار ڪندو آهي، ته جيئن هو پنهنجي گروپ ۾ هڪجهڙائي محسوس ڪن. اهو ئي سبب آهي ته شهري سنڌي نوجوانن جو لهجو ڳوٺاڻن بزرگن جي لهجي کان معنوي ۽ صوتي لحاظ کان مختلف ٿي ويو آهي.“ (32)

نوجوان نسل ٻوليءَ کي پنهنجي جديد سڃاڻپ جو ذريعو بڻائي ٿو، جنهن سبب اها پراڻي نسل کان مختلف ٿي وڃي ٿي.

## نوان طبقا ۽ پيشا:

لسانياتي تبديليءَ ۾ سماجي ڍانچي ۽ پيشاورانه نظام جي ارتقا اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. جڏهن سماج ۾ نوان ڪاروبار، صنعتون يا پيشا وجود ۾ اچن ٿا، ته انهن سان گڏ نوان لفظ، اصطلاح ۽ اظهار به ٻوليءَ جو حصو بڻجن ٿا.

”سنڌي ٻوليءَ ۾ ملاحن، هارين ۽ مالوندن لاءِ هزارين مخصوص لفظ موجود آهن، پر جيئن ته سماج هاڻي صنعتي ۽ تجارتي ٿي رهيو آهي، تنهن ڪري اهي لفظ متروڪ ٿي رهيا آهن ۽ انهن جي جاءِ تي آفيس ۽ ٽيڪنالاجي جا نوان اصطلاح شامل ٿي رهيا آهن.“ (33)

سنڌي سماج ماضيءَ ۾ گهڻو ڪري زرعي نوعيت جو هو، جنهن سبب پورهيت، مالوند زندگي ۽ ڳوٺاڻن سرگرمين سان لاڳاپيل لفظ وڏي مقدار ۾ استعمال ٿيندا هئا، پر موجوده دور ۾ شهري زندگي، آفيس ڪلچر، صنعتن ۽ ٽيڪنالاجي جي واڌاري سان گڏ نوان لساني اصطلاح تيزيءَ سان عام ٿي رهيا آهن.

انهيءَ تبديليءَ جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو لفظي ذخيرو وقت جي ضرورتن مطابق وسيع ۽ متحرڪ ٿي رهيو آهي، جنهن سان اها نون سماجي ۽ معاشي حالتن سان وڌيڪ هم آهنگ بڻجي رهي آهي.

## سماجي رتبو ۽ ٻوليءَ جو استعمال:

لسانيات ۾ سماجي رتبو هڪ اهم عنصر آهي، جنهن تحت سماج ۾ ڪجهه ٻولين، لهجن يا ڳالهائڻ جي اندازن کي وڌيڪ معتبر يا اعليٰ حيثيت حاصل هوندي آهي. اهڙي صورتحال ۾ ماڻهو اڪثر سماجي قبوليت، سڃاڻپ يا برتري حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ ۽ اظهار شامل ڪندا آهن، جيڪي بااثر يا مٿئين سماجي طبقي سان لاڳاپيل هجن.

”جڏهن ٻه لساني گروهه پاڻ ۾ ملن ٿا، ته هو هڪ مخلوط گرامر تيار ڪن ٿا. جيڪڏهن اهو نظام نئين نسل تائين منتقل ٿي وڃي، ته اهو ٻڻجي وڃي ٿو. سنڌ جي ساحلي علائقن ۽ ڪراچي جهڙن شهرن ۾ سنڌي، مڪراني ۽ گجراتي جي ميلاپ مان اهڙيون صورتون اڀريون آهن.“ (34)

انگريزي ٻوليءَ جي وڌندڙ اثر سبب سنڌي ڳالهائڻ ۾ گڏيل لفظن جو رجحان نمايان طور تي وڌيو آهي، جنهن ۾ ڳالهائيندڙ هڪ ئي جملي اندر سنڌي ۽ انگريزي لفظ گڏ استعمال ڪن ٿا. اهو رجحان سماجي تبديلي، لسانياتي رابطي ۽ وقار واري ٻوليءَ جي اثر جو واضح مثال آهي.

”سنڌي ڳالهائيندڙن ۾ اردو ۽ انگريزيءَ جي لفظن جو استعمال هڪ گڏيل شناخت جو نتيجو آهي. هن موجب، اڄ جي شهري سنڌي گڏيل لساني ماحول جو شڪار آهي، جنهن ڪري جملن جي بناوت پڻ متاثر ٿي رهي آهي.“ (35)

## عورتن جو ٻوليءَ تي اثر:

لسانياتي تبديليءَ ۾ سماجي گروهن جو ڪردار اهم حيثيت رکي ٿو، جن ۾ عورتون هڪ نمايان عنصر طور شامل آهن. جڏهن عورتن جي تعليم، روزگار ۽ سماجي سرگرمين ۾ شموليت وڌي ٿي، ته ٻوليءَ جي استعمال ۾ به نوان رجحان پيدا ٿين ٿا، جيڪي اظهار کي وڌيڪ مهذب، منظم ۽ معنوي لحاظ کان وسيع بڻائين ٿا.

”تحقيق ثابت ڪيو آهي، ته عورتون عام طور تي معياري ۽ مهذب لهجن کي، مردن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اپنائينديون آهن، جنهن ڪري ٻوليءَ ۾ سڌارو ۽ نفاست اچي ٿي.“ (36)

اهڙي سماجي شموليت جي نتيجي ۾ ڪيترائي لفظ ۽ اصطلاح، جيڪي اڳ ۾ صرف گهريلو يا غير رسمي استعمال تائين محدود هئا، آهستي آهستي رسمي ۽ معياري

ٻوليءَ جو حصو بڻجن ٿا. هي عمل ٻوليءَ جي سماجي ارتقا ۽ اظهار جي دائري جي وسعت کي ظاهر ڪري ٿو.

### ثقافتي تبديليون:

لسانياتي تبديليءَ ۾ ثقافتي تبديليون هڪ بنيادي ۽ اهم ذريعو آهن، ڇاڪاڻ ته سماج ۾ قدرن، روايتن ۽ رسمن جي تبديلي سڌي طرح ٻوليءَ جي لفظي ۽ معنوي نظام تي اثرانداز ٿئي ٿي. جڏهن ڪنهن سماج ۾ ثقافتي قدر تبديل ٿين ٿا، ته انهن سان لاڳاپيل ڪيترائي لفظ ۽ اصطلاح يا ته استعمال مان نڪري وڃن ٿا يا نون معنائن ۾ استعمال ٿيڻ لڳن ٿا.

”ٻوليءَ جو لغوي ذخيرو (Vocabulary) سماج جي ثقافتي انڊيڪس وانگر هوندو آهي. جڏهن سماج ۾ نوان اوزار، ڪپڙا يا لباس اچن ٿا، ته ٻولي فوري طور تي تبديل ٿي نوان لفظ جذب ڪري ٿي.“ (37)

ثقافتي رابطن جي نتيجي ۾ لغت ۾ تبديلي سڀ کان تيزيءَ سان ظاهر ٿئي ٿي. ڪاڌ خوراڪ، لباس، رهڻي ڪهڻي ۽ روزمره زندگيءَ سان لاڳاپيل نون تصورن لاءِ اڪثر ٻين ٻولين مان لفظ سڌي طرح اختيار ڪيا ويندا آهن. مثال طور، برطانوي اثر هيٺ ’ٽيبل‘، ’ڪرسي‘، ’ڪوٽ‘ ۽ ’پينٽ‘ جهڙا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿيا. ساڳئي وقت عربي ۽ فارسيءَ مان مذهبي، قانوني ۽ علمي اصطلاح، جڏهن ته انگريزيءَ مان جديد تعليمي ۽ ٽيڪنالاجي لفظ سنڌيءَ جو حصو بڻيا آهن.

جڏهن مختلف تهذيبون پاڻ ۾ ملن ٿيون، ته انهن جي ٻولين وچ ۾ به لفظي ۽ معنوي تبادلو (ڏيڻ وٺڻ) ٿئي ٿو. نئين ثقافتي شين يا تصورن لاءِ اڪثر ساڳيو غير ملڪي لفظ اختيار ڪيو ويندو آهي، جيڪو وقت سان گڏ مقامي ٻوليءَ ۾ رچجي وڃي ٿو. گهڻ ثقافتي سماجن ۾ ڪوڊ مڪسنگ جو رجحان به عام ٿي وڃي ٿو، جيڪو ٻوليءَ جي گرامر ۽ استعمالي ڍانچي تي اثر وجهي سگهي ٿو.

”ٻن ٻولين جو گاڏڙ ساڏڙ استعمال (جهڙوڪ سنڌي-انگريزي) تهذيبن جي ميلاپ جو نتيجو آهي، جنهن کي جديد دور ۾ هڪ الڳ لساني سڃاڻپ طور مڃيو وڃي ٿو.“ (38)

ڪڏهن ڪڏهن ثقافت جي اثر سبب ان جي ٻوليءَ جا لفظ جديديت يا سماجي برتري جي علامت طور استعمال ٿيڻ لڳن ٿا، جنهن سان مقامي لفظن جو استعمال محدود ٿي سگهي ٿو.

”سنڌي سماج ۾ گڏيل خانداني نظام جي رسمن جي ڪري رشتن لاءِ جيڪي مخصوص ۽ گهرا لفظ هئا، اهي هاڻي انڪل (Uncle) يا آنٽي (Aunty) جهڙن عام انگريزي لفظن سان مٽجي رهيا آهن. اها تبديلي ٻوليءَ جي سماجي ۽ ثقافتي گهرائيءَ کي گهٽائي ٿي.“ (39)

ثقافتي ميل ميلاپ ٻوليءَ کي وڌيڪ لچڪدار ۽ وسيع بڻائي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ نوان لفظ، اظهار ۽ معنوي رخ پيدا ٿين ٿا.

”سنڌي ثقافت ۾ جڏهن وڏيرڪي يا جاگيرداري نظام ڪانپوءِ شهري ۽ تعليمي نظام جو اثر وڌيو، ته ٻوليءَ مان پراڻا تعظيمي اصطلاح ختم ٿي نوان رسمي لفظ داخل ٿيا.“ (40)

اهڙيءَ طرح ثقافتي تبديليون ٻوليءَ جي ارتقا جو هڪ مسلسل عمل آهن، جيڪي ان جي لفظي ذخيري ۽ اظهار جي دائري کي وقت سان گڏ وڌائينديون رهن ٿيون.

## ٻولين جو ميلاپ ۽ رابطو:

لسانيات ۾ ٻولين جو باهمي رابطو ٻوليءَ جي تبديليءَ جو هڪ اهم خارجي ڪارڻ سمجهيو ويندو آهي. جڏهن مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ قومون واپار، روزگار يا سماجي ضرورتن سبب هڪٻئي سان رابطي ۾ اچن ٿيون، ته انهن جي لفظي ذخيري، نحوي بناوت ۽ اسلوبي نظام تي اثر پوي ٿو.

جيڪڏهن ٻن مختلف ٻولين جا ڳالهائيندڙ ماڻهن وٽ گڏيل رابطي جي ڪا معياري ٻولي موجود نه هجي، ته هو هڪ سادي ۽ عارضي رابطي واري ٻولي ٺاهين ٿا، جنهن کي **Pidgin** چيو ويندو آهي. جيڪڏهن اهڙي ٻولي وقت سان گڏ نئين نسل جي مادري ٻولي بڻجي وڃي، ته ان کي **Creole** چيو ويندو آهي.

”معنيٰ ۾ تبديلي لفظن جي نفسيات سان جڙيل هوندي آهي. جڏهن سماج جو رويو ڪنهن شيءِ بابت بدلجي ٿو، ته ان شيءِ لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ جي معنيٰ به پاڻمرادو بدلجي وڃي ٿي.“ (41)

لساني رابطي جي نتيجي ۾ ٻوليءَ ۾ نوان لفظ، اصطلاح ۽ اظهار شامل ٿين ٿا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن جملن جي ترتيب ۽ گرامري ڍانچي ۾ به تبديليون ظاهر ٿين ٿيون. هي عمل ٻوليءَ جي ارتقا ۽ وسعت جو فطري حصو آهي، جيڪو ان کي نون سماجي ۽ ثقافتي حالتن سان هم آهنگ بڻائي ٿو.

گهڻ لساني ماحول ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙو مخلوط لهجو وجود ۾ اچي ٿو، جنهن ۾ مختلف ٻولين جا لفظ ۽ اسلوبي خاصيتون گڏ استعمال ٿين ٿيون. اڄ جي شهري سنڌ ۾ سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ جو گڏيل استعمال ان رجحان جو واضح مثال آهي.

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ اردو، سرائيڪي، بلوچي ۽ ٻين ٻولين سان مسلسل رابطي سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي اڌار جو عمل تيزيءَ سان وڌيو آهي، جنهن سان روزمره گفتگو ۾ نوان لفظ ۽ اصطلاح شامل ٿي رهيا آهن.

”سنڌي ٻوليءَ جي لغت ۾ عربي، فارسي ۽ هاڻي انگريزي لفظن جو اچڻ ان جي ارتقا جو هڪ فطري رستو آهي، جنهن سان اها پنهنجي معنوي ضرورتن کي پورو ڪري ٿي.“ (42)

ان کان علاوه، جڏهن ماڻهو هڪ کان وڌيڪ ٻوليون گڏ استعمال ڪن ٿا، ته گفتگو دوران هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ڏانهن منتقل ٿيڻ يا ٻنهي کي گڏ استعمال ڪرڻ جو عمل سڏجي ٿو. جديد دور ۾ سوشل ميڊيا ۽ عالمي رابطن جي ڪري اهو رجحان وڌيڪ نمايان ٿي ويو آهي، جيڪو ٻولين جي باهمي اثر ۽ ميلاپ کي واضح ڪري ٿو.

## تاريخي تبديليون:

لسانياتي تبديليءَ ۾ تاريخي واقعا انتهائي اهم ۽ فيصلائتو ڪردار ادا ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته سياسي ۽ انتظامي تبديليون سڌي طرح ٻوليءَ جي استعمال، حيثيت ۽ ڍانچي تي اثرانداز ٿين ٿيون. جڏهن ڪنهن علائقي تي نوان حڪمران يا انتظامي نظام لاڳو ٿين ٿا، ته ٻولي به سرڪاري، تعليمي ۽ قانوني سطح تي نون اثرن کي قبول ڪرڻ تي مجبور ٿئي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ مذهبي اصطلاح (عربي مان) ۽ سياسي اصطلاح (انگريزي مان) رڳو لفظن جو اڌار ناهن، پر اهي نظرياتي منتقلي آهن.

”انهن اصطلاحن سنڌي ماڻهن جي سوچڻ جي انداز ۽ سماجي شعور کي نوان رخ ڏنا آهن.“ (43)

سنڌ جي تاريخي پسمنظر ۾ عربن، ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ انگريزن جي دورن سنڌي ٻوليءَ تي گهرو اثر ڇڏيو آهي. انهن دورن ۾ انتظامي، مذهبي ۽ ثقافتي ضرورتن تحت عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين جا ڪيترائي لفظ سنڌي لغت ۾ شامل ٿيا، جنهن سان ٻوليءَ جو لفظي ذخيرو وسيع ۽ متنوع ٿيو.

”سنڌي ٻوليءَ ۾ فلسفيانه ۽ علمي اصطلاحن جي شموليت ثابت ڪري ٿي، ته اها هڪ ترقي يافته ٻولي آهي. هو دليل ڏئي ٿو ته فارسيءَ جي اثر هيٺ صوفيانه اصطلاحن ۽ انگريزيءَ جي اثر هيٺ سائنسي ۽ قانوني اصطلاحن سنڌي ٻوليءَ کي جديد دنيا جي علمي وهڪري ۾ شامل ڪيو آهي.“ (44)

لسانياتي لحاظ کان اهڙا تاريخي موڙ ٻوليءَ جي صرف لفظي ذخيري کي نه، پر ان جي اظهار، اصطلاحي نظام ۽ لکت جي صورت کي به متاثر ڪن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ۾ اهڙا ڪيترائي مرحلا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن ان جي مجموعي نظام کي نئين رخ ڏنو.

”جڏهن خيال هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ٿين ٿا، ته اها ٻولي نوان جنم وٺندي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ عالمي فڪر جي منتقلي ان جي اسلوب کي وڌيڪ پختو ۽ فڪري طور مضبوط بڻايو آهي.“ (45)

سن 712ع ۾ محمد بن قاسم جي آمد کان پوءِ سنڌ جي سياسي ۽ مذهبي نظام ۾ تبديلي آئي، جنهن جو اثر ٻوليءَ تي به پيو. ان دور ۾ عربي رسم الخط جي اثر هيٺ لکت جي نئين روايت پيدا ٿي، ۽ مذهبي، قانوني ۽ انتظامي اصطلاح سنڌي ٻوليءَ جو حصو بڻيا.

بعد ۾ سومرن، سمن ۽ ٽالپرن جي دور ۾ فارسي ٻولي سرڪاري ۽ ادبي حيثيت اختيار ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي ادب ۾ نوان اسلوبي ۽ صنفي رجحان پيدا ٿيا. جهڙوڪ: غزل ۽ مثنوي، گڏوگڏ فارسي لفظ ۽ اصطلاح به وسيع پيماني تي استعمال ٿيڻ لڳا.

1843ع ۾ انگريزن جي قبضي کان پوءِ سنڌي ٻولي جديد تعليمي ۽ انتظامي نظام سان جڙجي وئي. ان دور ۾ ريل، آفيس، ڪورٽ، اسپتال ۽ پوليس جهڙا ڪيترائي انگريزي لفظ سنڌي لغت ۾ شامل ٿيا، جيڪي نون ادارن ۽ تصورن جي نمائندگي ڪن ٿا.

”1853ع ۾ انگريزن پاران سنڌي الفابيٽ کي هڪ باقاعده صورت ڏيڻ ۽ ان کي سرڪاري ٻولي قرار ڏيڻ، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جو سڀ کان وڏو لساني موڙ (Linguistic Turning Point) هو، جنهن سنڌيءَ کي جديد دور سان هم آهنگ ڪيو.“ (46)

1853ع ۾ انگريز سرڪار جي سرپرستي هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي موجوده 52 اکرن واري معياري الف-بي کي حتمي شڪل ڏني وئي، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جو لکت وارو نظام منظم ٿيو ۽ ان جي ادبي ۽ تعليمي ترقيءَ لاءِ مضبوط بنياد فراهم ٿيو.

## رسمون ۽ رواج:

لسانياتي تبديليءَ تي سماجي رسم و رواج جو گهرو اثر پوي ٿو، ڇاڪاڻ ته ٻولي سماجي زندگيءَ جي عڪاسي ڪندي آهي. جڏهن شادي مرادي، خوشي ۽ غمي جهڙين رسمن ۾ تبديليون اچن ٿيون يا نوان سماجي رجحان اختيار ڪيا وڃن ٿا، ته انهن سان لاڳاپيل روايتي لفظ، لوڪ اظهار ۽ ثقافتي اصطلاح به آهستي آهستي گهٽ استعمال ٿيڻ لڳن ٿا.

اهي لساني عنصر، جيڪي ڪنهن دور ۾ سنڌي ثقافتي سڃاڻپ جو اهم حصو هئا، جديد طرزِ زندگي ۽ بدلجندڙ سماجي حالتن سبب محدود ٿي رهيا آهن. ان جي نتيجي ۾ ٻوليءَ جو روايتي ثقافتي رنگ تبديل ٿي رهيو آهي ۽ ان جي جاءِ تي نوان، وڌيڪ جديد ۽ شهري اظهار جا انداز سامهون اچي رهيا آهن.

## لوڪ ادب:

لسانياتي تبديليءَ ۾ لوڪ ادب ۽ فنونِ لطيفه جو اهم ڪردار آهي، ڇاڪاڻ ته اهي سماج جي ثقافتي سوچ ۽ اظهار جا زنده وسيلا هوندا آهن. ثقافتي رابطن جي نتيجي ۾ لوڪ ڪهاڻين، شاعريءَ جي مختلف صنفن، جهڙوڪ: غزل ۽ نظم، ۽ موسيقيءَ سان لاڳاپيل اصطلاحن ۾ به وقت سان گڏ تبديليون پيدا ٿين ٿيون.

سنڌي ادب ۾ فارسي ادبي روايتن جو اثر ثقافتي ۽ لسانياتي رابطي جو واضح مثال آهي، جنهن جي نتيجي ۾ نيون ادبي صنفون متعارف ٿيون ۽ ٻوليءَ جي اسلوبي ۽ اصطلاحي وسعت ۾ نمايان اضافو ٿيو. اهڙيءَ طرح لوڪ ادب ۽ فنونِ لطيفه ٻوليءَ جي ارتقا، وسعت ۽ تبديليءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

## لغوي ۽ معنوي تبديليون:

لسانياتي تبديليءَ ۾ لفظن جي لغوي ۽ معنوي سطح تي تبديليون هڪ اهم رخ آهن. وقت سان گڏ لفظن جي معنيٰ ۾ وسعت يا تنگي اچي سگهي ٿي؛ ڪڏهن ڪو مخصوص لفظ وڌيڪ وسيع مفهوم اختيار ڪري وٺي ٿو، جڏهن ته ڪڏهن عام لفظ ڪنهن خاص ۽ محدود معنيٰ تائين محدود ٿي وڃي ٿو.

سماجي ۽ اخلاقي قدرن جي اثر هيٺ ٻوليءَ ۾ نرم ۽ متبادل اظهار جو رجحان پڻ پيدا ٿئي ٿو، جنهن ۾ اٺوٺندڙ يا سخت لفظن جي جاءِ تي وڌيڪ مهذب ۽ نرم اصطلاح استعمال ڪيا وڃن ٿا. هي عمل ٻوليءَ جي اظهار کي وڌيڪ شائسته ۽ سماجي لحاظ کان قابلِ قبول بڻائي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي لغت ۾ تبديلي ان جي زنده هجڻ جي نشاني آهي.

”جيتوڻيڪ اسان جا قديم زرعي لفظ (جھڙوڪ مال جي بيمارين يا ڪيت جي اوزارن جا نالا) گھٽجي رهيا آهن، پر ان جي جاءِ تي بئنڪنگ، ميڊيا ۽ سائنس جا نوان سنڌي اصطلاح ٻوليءَ کي وسعت ڏئي رهيا آهن.“ (47)

لسانياتي تبديليءَ جو هڪ اهم رخ لغوي تبديلي به آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جو لفظي ذخيرو وقت سان گڏ بدلجندو رهي ٿو. هن عمل دوران لفظن جون معنائون وسعت اختيار ڪن ٿيون يا انهن جو استعمال نون سماجي ۽ فڪري حوالن ۾ ٿيڻ لڳي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن مخصوص مفهوم لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ عام يا نون معنائن ۾ به استعمال ٿيڻ لڳن ٿا.

سماجي ۽ معاشي حالتن جي تبديليءَ سبب خاص طور تي زرعي، مالوند ۽ روايتي پيشائن سان لاڳاپيل ڪيترائي قديم سنڌي لفظ آهستي آهستي استعمال مان نڪري رهيا آهن. ان جي ابتڙ، جديد شهري زندگي، ٽيڪنالاجي ۽ نون پيشاورانه شعبن سان لاڳاپيل لفظ تيزيءَ سان ٻوليءَ جو حصو بڻجي رهيا آهن.

اهڙي طرح لغت جو متجڻ ٻوليءَ جي ارتقا جو هڪ فطري عمل آهي، جيڪو سماجي ضرورتن مطابق ٻوليءَ کي مسلسل نون حالتن سان هم آهنگ بڻائيندو رهي ٿو.

## خيالن ۽ اصطلاحن جي منتقلي:

لسانياتي رابطي جي عمل ۾ رڳو لفظن جو اڌارُ نه ٿيندو آهي، پر خيالن، تصورن ۽ اصطلاحن جي به منتقلي ٿئي ٿي. جڏهن هڪ ٻوليءَ جي ثقافتي يا علمي نظام مان نوان فڪري رجحان ٻي ٻوليءَ ۾ داخل ٿين ٿا، ته انهن سان گڏ لاڳاپيل علمي اصطلاح به اختيار ڪيا وڃن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ مذهبي، سياسي ۽ فلسفيانه خيالن جي اثر هيٺ عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين جا ڪيترائي علمي ۽ فڪري اصطلاح شامل ٿيا، جيڪي وقت سان

گڏ ٻوليءَ جي مستقل حصي طور قبول ڪيا ويا. ان عمل جي نتيجي ۾ ٻولي نہ رڳو لفظي سطح تي، پر فڪري ۽ اصطلاحي سطح تي بہ ترقي ڪندي رهي ٿي.

## ترجمو ٿيل اصطلاح:

لسانياتي تبديليءَ جي هڪ اهم صورت ترجمو ٿيل اصطلاح بہ آهي، جنهن ۾ ڪنهن ٻي ٻوليءَ مان لفظ سڌو اڌار نہ ورتو ويندو آهي، پر ان جي مفهوم يا معنوي ڍانچي کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري نئون اصطلاح ٺاهيو ويندو آهي. لسانيات ۾ هن عمل کي **Calquing** چيو ويجي ٿو.

هن طريقي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا اصطلاح وجود ۾ آيا آهن، جيڪي ٻين ٻولين جي فڪري يا معنوي بناوت جو ترجمو آهن. اهڙي تبديلي، ٻوليءَ جي اظهار جي صلاحيت کي وڌائي ٿي ۽ نون تصورن کي مقامي ٻوليءَ ۾ وڌيڪ واضح ۽ آسان بڻائي سمجهڻ ۽ استعمال ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

## ادب جو ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ ڪردار:

لسانياتي نقطہ نظر کان ادب ڪنهن بہ ٻوليءَ جي تحفظ، معياربندي ۽ ارتقا ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو. جيتوڻيڪ روزمره ڳالهہ ٻولهہ ۾ ٻولي مسلسل تبديليءَ مان گذري ٿي، پر سنڌي ادب جهڙوڪ: افسانو، ناول، شاعري ۽ تحقيقي لکڻيون ٻوليءَ جي لغوي ۽ ثقافتي ورثي کي محفوظ رکڻ جو اهم ذريعو آهي.

”جيتوڻيڪ سماجي تبديلين سبب ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ عام واهپي مان نڪري ويندا آهن، پر شاہ لطيف جهڙن شاعرن ۽ جديد اديبن جي لکڻين سبب اهي لفظ اڄ بہ اسان جي شعور ۾ زنده آهن.“ (48)

ادبي تخليقون نہ رڳو پراڻن لفظن ۽ اصطلاحن کي زنده رکن ٿيون، پر نون فڪري، سماجي ۽ سائنسي تصورن لاءِ بہ مناسب سنڌي متبادل مهيا ڪن ٿيون. اديب پنهنجي تخليقي صلاحيتن ذريعي نوان لفظ ۽ اصطلاح جوڙي ٻوليءَ جي اظهار جي وسعت، لچڪ ۽ فني خوبصورتي کي برقرار رکن ٿا.

”ادب ٻوليءَ جي اظهار ۾ لچڪ پيدا ڪري ٿو. اديب پاران استعارن ۽ تشبيهن جو استعمال ٻوليءَ جي معنوي گهرائيءَ کي وڌائي ٿو، جنهن سان ٻولي جديد فڪري ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لائق بڻجي ٿي.“ (49)

انهيءَ عمل سان سنڌي ٻولي پنهنجي ادبي سڃاڻپ، معيار ۽ وقار کي محفوظ رکندي مسلسل ترقي ڪندي رهي ٿي.

## نيون ايجادون ۽ ٽيڪنالاجي:

جڏهن ڪا نئين شيءِ ايجاد ٿئي ٿي يا نوان تصور وجود ۾ اچن ٿا، ته ٻوليءَ ۾ انهن لاءِ نوان لفظ ۽ اصطلاح شامل ڪيا وڃن ٿا. جديد دور ۾ ٽيڪنالاجي ۽ معلوماتي انقلاب ٻولين لاءِ نوان لساني چئلينج پيدا ڪيا آهن، جن جي نتيجي ۾ ٻوليون يا ته نوان لفظ تخليق ڪن ٿيون يا ٻين ٻولين مان لفظ سڌي طرح اختيار ڪن ٿيون.

”ميڊيا ۽ انٽرنيٽ جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جو هڪ گڏيل ۽ فهم جوڳو روپ سامهون آيو آهي، جيڪو مختلف لهجن جي وچ ۾ فاصلي کي ختم ڪري ٿو. هو لکي ٿو:“ (50)

موجوده دور ۾ انٽرنيٽ، سوشل ميڊيا ۽ موبائل ٽيڪنالاجي سنڌي ٻوليءَ جي لغت، لکت ۽ اظهار جي انداز تي گهرو اثر وڌو آهي. ڪمپيوٽر، ڊائون لوڊ، ميسيج جهڙا لفظ هاڻي روزمره سنڌي استعمال جو حصو بڻجي چڪا آهن. ٽيڪنالاجي نه رڳو نوان لفظ مهيا ڪري ٿي، پر ڳالهائڻ ۽ لکڻ جي انداز کي به مختصر ۽ تيز بڻائي ٿي.

ڊجيٽل ميڊيا جي واڌاري سبب سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ جو گڏيل استعمال وڌي رهيو آهي، جنهن سان مخلوط ٻوليءَ جو رجحان پيدا ٿيو آهي. فيسبوڪ، واٽس اپ ۽ يوٽيوب جهڙن پليٽ فارمن سنڌي لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي انداز کي تيزيءَ سان تبديل ڪيو آهي، جتي شارٽ فارمز ۽ غير رسمي اظهار عام ٿي ويا آهن.

جديد ايجادن جهڙوڪ: ڪمپيوٽر، موبائل ۽ انٽرنيٽ جي آمد سان پراڻي لغت ۾ موجود خال پرڻ لاءِ يا ته نوان لفظ ٺاهيا وڃن ٿا يا ٻين ٻولين جا لفظ اختيار ڪيا وڃن ٿا. انهيءَ عمل سان سنڌي ٻولي مسلسل پنهنجي اظهار جي ضرورتن مطابق پاڻ کي نون حالتن سان هم آهنگ بڻائي رهي آهي.

”جيتوڻيڪ ٽيڪنالاجي، مخلوط ٻوليءَ کي هٿي ڏئي ٿي، پر اها سنڌي ٻوليءَ کي عالمي سطح تي ڳنڍڻ جو ذريعو به آهي.“ (51)

ميڊيا جهڙوڪ: ٽي وي، اخبارون ۽ ريڊيو سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي کي عام ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي، جنهن سان اچارن ۽ اظهار ۾ هڪجهڙائي پيدا ٿي آهي. بهرحال، مختلف ٻولين جي گڏيل استعمال سبب مخلوط لساني رجحان به وڌي رهيو آهي، جيڪو ٻوليءَ جي خالص روايتي لهجن تي جزوي اثر وجهي ٿو.

## ٻوليءَ جي بچاءُ جا قدم:

لسانياتي تبديليءَ جي تيز رفتاريءَ باوجود ٻوليءَ جي اصلي سڃاڻپ، فڪري روح ۽ ثقافتي ورثي کي محفوظ رکڻ لاءِ منظم ۽ عملي قدمن جي ضرورت هوندي آهي. ٻوليءَ جي بقا ۽ تسلسل لاءِ اهڙا قدم ضروري آهن، جيڪي ان کي جديد ضرورتن سان گڏوگڏ روايتي حيثيت بہ برقرار رکڻ ۾ مدد ڏين.

”جڏهن اسان ڪنهن پرڏيهي اصطلاح کي ترجمو ڪري پنهنجي ٻوليءَ ۾ آڻيون ٿا، تہ اهو ٻوليءَ تي بار ناهي بڻجندو، پر ان جي لغوي مالامالي جو سبب بڻجي ٿو. هيءَ تبديلي ٻوليءَ کي جديديت ۽ اصليت جي وچ ۾ هڪ توازن فراهم ڪري ٿي.“ (52)

هن سلسلي ۾ لغت سازي هڪ اهم قدم آهي، جنهن ذريعي قديم، متروڪ ۽ گهٽ استعمال ٿيندڙ لفظن کي گڏ ڪري جديد لغتن ۾ محفوظ ڪيو وڃي ٿو، تہ جيئن اهي ايندڙ نسلن تائين منتقل ٿي سگهن. ساڳئي وقت تعليمي نصاب ۾ خالص سنڌي اصطلاحن جي استعمال کي فروغ ڏيڻ ٻوليءَ جي معيار، تسلسل ۽ استحڪام لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو.

ادبي سرگرميون بہ ٻوليءَ جي تحفظ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون، خاص طور تي ڪلاسيڪل سنڌي ادب سان نئين نسل جو لاڳاپو ٻوليءَ جي ثقافتي ورثي کي زنده رکي ٿو ۽ ان جي فڪري وسعت کي برقرار رکي ٿو. ان کان علاوه ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مؤثر استعمال کي هٿي ڏيڻ. جهڙوڪ: ڪمپيوٽر، موبائل ۽ ڊجيٽل پليٽ فارمن تي سنڌي سپورٽ جي واڌاري ٻوليءَ کي جديد دور جي ضرورتن سان هم آهنگ بڻائي ٿو.

اهڙي طرح اهي سڀ قدم گڏجي سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ، ترقي ۽ مسلسل ارتقا لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿا.

## مستقبل ۾ تبديليون:

لسانياتي ارتقا جي تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل بنيادي طور تي ٻن اهم رجحانن ڊجيٽلائيزيشن ۽ گلوبلائيزيشن جي اثر هيٺ اڳتي وڌڻ جو امڪان رکي ٿو.

ڊجيٽلائيزيشن جي نتيجي ۾ ٻولي جديد ٽيڪنيڪي اصطلاحن سان وڌيڪ مالا مال ٿيندي، جڏهن تہ لکڻ ۽ اظهار جي عمل ۾ آرٽيفيشل انٽيليجنس ۽ ٻين ڊجيٽل اوزارن جو استعمال وڌڻ سان ٻوليءَ جي پيداوار، ترتيب ۽ استعمال جا طريقا پڻ تبديل ٿي سگهن ٿا.

”ٽيڪنالاجي ٻوليءَ کي ماري نہ ٿي، پر ان کي ري-ڊيزائن ڪري ٿي. مستقبل جي ٻولي انٽرنيٽ جي ٻولي هوندي، جتي گرامر کان وڌيڪ ميونيڪيشن کي اهميت ڏبي. سنڌي ٻوليءَ ۾ AI جو استعمال ان جي لغوي ڪوٽ کي پرڻ ۾ مدد ڪندو.“ (53)

ٻئي طرف، گلوبلائيزيشن جي اثر هيٺ عالمي رابطن ۾ واڌ سبب انگريزي ٻوليءَ جو اثر وڌيڪ مضبوط ٿيندو، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ انگريزي لفظن ۽ اصطلاحن جو استعمال وڌڻ جو امڪان آهي. انهيءَ عمل جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ نئون عالمي روپ وجود ۾ اچي سگهي ٿو، جيڪو روايتي ۽ مقامي صورتن کان مختلف هوندو.

## نتيجو:

لسانياتي تبديلي ٻوليءَ جي ارتقا ۽ ان جي زنده هجڻ جي واضح علامت آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻولي مسلسل بدلجندڙ سماجي، ثقافتي ۽ ٽيڪنالاجي ضرورتن سان پاڻ کي هم آهنگ ڪندي رهي ٿي. ثقافتي ۽ لسانياتي رابطا ٻوليءَ کي محدود مقامي دائري مان ڪڍي وڌيڪ وسيع ۽ عالمي حيثيت ڏين ٿا، جنهن سان ان جي اظهار جي صلاحيت ۾ واڌارو اچي ٿو.

ٻين ٻولين سان رابطي جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو لفظي ذخيرو وسيع ۽ متنوع بڻجي ٿو، جڏهن تہ غير متوازن خارجي اثر ڪڏهن ڪڏهن ان جي اصلي سڃاڻپ، وياڪرڻي نظام ۽ روايتي ساخت لاءِ چئلينج پڻ پيدا ڪري سگهن ٿا. تاريخي طور مختلف دورن سنڌي ٻوليءَ کي نہ رڳو متاثر ڪيو آهي، پر ان کي علمي ۽ ادبي سطح تي اڳتي وڌائڻ ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

مجموعي طور، اهي سڀ عنصر گڏجي سنڌي ٻوليءَ کي هڪ متحرڪ، ترقي يافتہ ۽ هم آهنگ نظام بڻائين ٿا، تنهن هوندي بہ خالص سنڌي لغت، روايتي اظهار ۽ ثقافتي ورثي جي حفاظت جي ضرورت هميشہ برقرار رهي ٿي.

لسانيات جي ماهرن موجب تبديلي هڪ فطري ۽ اڻٽر عمل آهي، جيڪو سماجي ضرورتن، سهولت ۽ رابطي جي اثر هيٺ جاري رهي ٿو. ان کي بگاڙ نہ، پر ارتقا سمجهيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ٻولي پنهنجي بقا لاءِ مسلسل نون حالتن سان مطابقت پيدا ڪندي رهي ٿي.

آخر ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود لسانياتي تبديليون ان جي لچڪ، وسعت ۽ تخليقي صلاحيت جو ثبوت آهن، جڏهن تہ ان جي لغوي ۽ ثقافتي ورثي جو تحفظ بہ هڪ اهم علمي ۽ سماجي ذميواري آهي.

## حوالا:


1. Sapir Edward, `Language: An Introduction to the Study of Speech` Harcourt, Brace 1921, P.150
2. Crystal David, `The Stories of English` Overlook Press, 2004, P.14

3. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ' پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 1962، ص.45

4. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج' انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 1978، ص.35

5. Labov William, `Principles of Linguistic Change`(Vol. 1) Blackwell Publishers 1994, P. 52

6. ميمڻ سراج الحق، 'سنڌي ٻولي' عظيم پبلشرز هائوس، حيدرآباد 1964، ص.122

7. Kachru Braj, `The Alchemy of English` University of Illiniois press, 1990, P.92

8. الانا غلام علي ڊاڪٽر، 'سنڌي صورتخطي' سنڌي ي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، 1964، ص.25

9. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج' انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 1978، ص.42

10. ساڳيو، ص.35

11. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ' پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 1962، ص.42

12. Blevins Juliette, `Evolutionary PhonologyL: the emergence of sound patterns` Cambridge university press, 2004, P.45
13. Chomsky Noam, `Language and Mind` Harcourt Brace Jovanovich 1968 P.103

14. الانا غلام علي ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1974 ص.215

15. Jakobson Roman, `Selected Writings of Edward sapir in language, culture, and personality` university of California press, 1949, P.202
16. Trumpp Ernest Dr, `Sindhi Grammar, Preface` Trubner & Co, 1872 P.12

17. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج' انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 1978، ص.36

18. Bloomfield Leonard, `Language` henry holt, 1933, P.346

19. Crystal David, `Language Death` Cambridge University Press 2000, P. 65
20. Rahman Tariq Dr, `Language and Politics in Pakistan` oxford university press, Karachi, 1996, P.108
21. David Khemlani Maya Dr, `Language Shift or Maintenance: The Case of Sindhi Language in Pakistan` john benjamins publishing company, 2017, P.16
22. الانا غلام علي ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ جو لسانياتي اڀياس‘ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2005، ص.164
23. ساڳيو. ص. 180
24. Rahman Tariq Dr, `Language, Ideology and Power` oxford university press, Karachi, 2002 P.108
25. Labov William, `Sociolinguistic Patterns` university of Pennsylvania press, 1972, P.117
26. Trudgill Peter, `Sociolinguistics: An Introduction to Language and Society` penguin books, 1974, P.35
27. Trump Ernest Dr, `Grammar of the Sindhi Language` Trubner & Co, 1872, P.10
28. الانا غلام علي ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ جو لسانياتي اڀياس‘ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2005، ص.150
29. Rahman Tariq Dr, `Language, Ideology and Power` oxford university press, Karachi, 2002 P.45
30. Phillipson Robert, `Linguistic Imperialism` oxford university press, 1992 P.40
31. Labov William, `Principles of Linguistic Change`(Vol. 1) Blackwell Publishers 1994, P.75
32. Trudgill Peter, `Sociolinguistics: An Introduction to Language and Society` penguin books, 1974, P.92
33. الانا غلام علي ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ جو لسانياتي اڀياس‘ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2005، ص.185
34. Weinreich Uriel, `Languages in Contact` linguistic circle of new York, 1953, P.65
35. ٻگهيو محمد قاسم ڊاڪٽر، ’سنڌيءَ جو سماجي لسانياتي اڀياس‘ ’سنڌيءَ جو سماجي لسانياتي اڀياس‘ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 2025، ص.155
36. حسين فهميده ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو‘ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 2012، ص.56

37. Sapir Edward, `Language: An Introduction to the Study of Speech` Harcourt, Brace, 1921, P.113

38. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج' انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1978، ص.142

39. Khubchandani Lachman, `Language in a Plural Society` motilal banarsidass publications, 1988, P.142

40. الانا غلام علي ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1974ص.240

41. Ullmann Stephen, `The Principles of Semantics` Jackson son & co, 1951, P.150

42. Labov William, `Principles of Linguistic Change`(Vol. 1) Blackwell Publishers 1994, P. 25

43. Rahman Tariq Dr, `Language, Ideology and Power` oxford university press, Karachi, 2002 P.188

44. الانا غلام علي ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2005، ص.230

45. Benjamin Walter, `The Task of the Translator` richard weiBbach, 1968, P.75

46. الانا غلام علي ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2005، ص.115

47. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ' پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 1962، ص.22

48. ميمڻ عبدالغفور ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 2017، ص.45

49. ٻگهيو محمد قاسم ڊاڪٽر، 'سنڌيءَ جو سماجي لسانياتي اڀياس' سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ 2025، ص.210

50. حسين فهميده ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو' سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 2012، ص.135

51. ٻگهيو محمد قاسم ڊاڪٽر، 'سنڌيءَ جو سماجي لسانياتي اڀياس' سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 2025، ص.175

52. Crystal David, `Language and the Internet` combridge university press, 2001, P.22

عبدالغفور "مصور حسين"

# شيخ اياز جي پهرين چئن شعري مجموعن ۾ موجود اصطلاحن جو اڀياس

# An Analysis of Idiomatic Expressions in Shaikh Ayaz's Early Four Poetic Collections

**Abstract**

An idiom is a combination of two or more words whose apparent and inner meanings differ. The use of idioms in any sentence enhances its expression, beauty, and impact, allowing deep meanings to be conveyed through concise words. Idioms are considered the ornament and charm of a language, therefore they are not only used in everyday speech but also widely employed in literary works, both poetry and prose.

This study explores the use of idioms in the poetry of Shaikh Ayaz, a prominent and influential Sindhi poet. The research aims to identify which idioms Ayaz has used, how he has used them, and whether he has merely borrowed common idioms from the Sindhi language or created new ones through his poetic imagination. The analysis shows that Ayaz, being a master of the Sindhi language, did not limit himself to existing idioms but also coined many original expressions, metaphors, and combinations. His creative adaptation and innovation of idioms have enriched both the aesthetic and expressive dimensions of Sindhi poetry.

Through his poetic collections Bhounar Bhiri Akaas, Kulhi Patum Keenaro, Ke Jo Beejal Boliyo, and Wijjoon Wasann Aayun. Ayaz has preserved and expanded the idiomatic beauty of Sindhi, ensuring its vitality and growth within literary expression.

This research paper presents a detailed study of the idioms found in the first four poetic collections of Shaikh Ayaz.

**Keywords**: Idiomatic Expressions, Shaikh Ayaz, Early Original Four Collections, Sindhi Poetry, Bhounar Bhiri Akaas, Kulhi Patum Keenaro, Ke Jo Beejal Boliyo, Wijjoon Wasann Aayun

سنڌي شاعريءَ جو جهان انتهائي وسيع آهي. جيئن ڪائنات ۾ سوين هزارين نديا وڏا گرهه آهن، سج ۽ چنڊ آهي، تيئن سنڌي شاعريءَ جي ڪائنات ۾ پڻ هزارين نديا وڏا شاعر آهن، جن مان هر هڪ کي ستارن وانگر پنهنجي پنهنجي سڃاڻپ حاصل آهي. انهن مان ڪنهن کي وهائو تاري جو لقب مليل آهي، ته ڪي وري ٽيڙو ۽ نکٽ جيان آهن. شاهه لطيف کي شاعريءَ جي ان افق تي سج واري حيثيت حاصل آهي، جڏهن ته شيخ اياز کي سنڌي شاعريءَ جي آسمان جو چنڊ چئجي، ته به ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. ٻنهي پنهنجي شاعريءَ وسيلي سنڌي ماڻهن جي زندگيءَ جي هر هڪ رخ جي ڀرپور عڪاسي ڪرڻ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي وسعت ۽ جاوداني بخشي آهي. نه صرف ايترو، پر ٻنهي عظيم شاعرن پنهنجي شعرن وسيلي سنڌي ماڻهن جي رهنمائي ڪئي آهي. بقول محمد ابراهيم جويي ”تاريخي طور تي لطيف ۽ اياز ٻنهي کي سنڌي قوم جي رهبري ڪرڻ جو ڪردار ادا ڪرڻو هو ۽ اهو هنن زبردست طريقي سان ادا به ڪيو.“ (1)

ان ڳالهه بابت ڪي به ٻه رايا ڪو نه آهن ته شيخ اياز جيڪو سنڌي شاعريءَ جو چنڊ آهي، تنهن جون ڪوتائون ڪائنات جي وسعت جيتريون گهريون آهن. فڪري حوالي سان سندس شاعري آفاقي آهي، جنهن ۾ دنيا جي تمام عالمگير فڪرن جي ڀرپور ترجماني آهي . پر هتي ان ڳالهه جي وضاحت پڻ ضروري آهي، ته آفاقي ادب چئجي ڇا کي ٿو؟ ان حوالي سان آغا سليم چواڻي ”جيڪو ادب ڪنهن خاص صورتحال، مقام، واقعي ۽ ماڻهن کان متاثر ٿي جاگرافي حالتن ۽ وقت جي حدبندين مان نڪري دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ ماڻهن کي متاثر ڪري ۽ کين محسوس ٿئي، ته اهو سندن ئي اندر جو آواز ۽ احساسن جو اظهار آهي، ته اهڙي ادب کي آفاقي ادب چيو ويندو آهي. آفاقي ادب جو ٻيو رخ انسان دوستي (humanism) آهي.“(2)

آفاقي ادب جون مٿي بيان ڪيل خوبيون شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ موجود آهن، سندس شاعري ڪنهن به سرحد، جاگرافي، وقت ۽ حالتن جي قيد و بند کان آجي آهي. اها نه فقط سنڌي ماڻهن جي زندگيءَ جي ڀرپور ترجماني ڪري ٿي، پر دور ديسن جي رهواسين جي پيڙائن جا عڪس پڻ ان ۾ ڏسي سگهجن ٿا. سندس شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جا سوين نه، پر هزارين مثال موجود آهن. اياز جي شعر جيترو سنڌ جي ماڻهن کي متاثر ڪيو آهي، اوتروئي ترجمي جي صورت ۾ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙن کي پڻ

متاثر ڪيو آهي ۽ ايندڙ دور ۾ جيئن جيئن سندس شاعريءَ جو ترجمو گهڻين ٻولين ۾ ٿيندو رهندو تيئن سندس چاهيندڙن ۾ واڌارو ٿيندو.

فڪري حوالي سان ته شيخ اياز جو قد بحيثيت گهڻو اوچو آهي ئي، پر فن جي لحاظ کان پڻ اياز هڪ پڪو پختو ۽ قدآوار شاعر آهي ۽ سندس شاعريءَ جو ڳاٽ ڪيرٿر جي پهاڙين وانگر اُڀو آهي. غزل جي صنف هجي توڙي وايون، بيت يا وري گيت ۽ دوها، هر هڪ صنف فڪري توڙي فني خوبين سان مالامال آهي. هن جي شاعريءَ ۾ آيل تشبيهون، استعارا ۽ علامتون وغيره ڪنهن جهرٽي جي پاٽيءَ جيان تازيون توانيون ۽ نڪور آهن. اياز جي شاعريءَ جون ڪيتريون ئي خوبيون آهن، جن مان هڪ اها پڻ آهي، ته هن پنهنجي شاعريءَ ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي نئين سر جيئاريو آهي. اياز جنهن زماني ۾ شاعراڻي اک کولي، تنهن وقت سنڌ ۾ سنڌي زبان کي سرڪاري ۽ دفتري ٻوليءَ جو اعزاز ته حاصل هو، پر ادب ۾ جيڪا ٻولي ڪم آندي ويندي هئي، تنهن تي فارسيءَ جو گهڻو اثر هيو. فارسي ادب ۽ فارسي شاعريءَ ۾ چُڙيل چوڙيل خيالات، موضوع، استعاره، ڪنايا ۽ تشبيهون وغيره سنڌي شاعريءَ ۾ ڪم آنديون وينديون هيون ۽ گل بلبل شمع ۽ پرواني جهڙن گنل پينل ڳالهين کي شعرن ۾ آڻڻ کي اعزاز سمجهيو ويندو هو.

پنهنجي شروعاتي زماني ۾ اياز پڻ فارسي شاعريءَ جي انهن موضوعن ، استعارن ۽ تشبيهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو جنهن جا ڪيترائي مثال اسان کي سندس ڪتاب پؤنر پري آڪاس جي گهڻن غزلن ۾ ملن ٿا، پر ساڳئي ئي ڪتاب ۾ سندس بيت، گيت ۽ گهڻي ڀاڱي وايون ان ڌارئي اثر کان آزاد آهن ۽ انهن صنفن ۾ سنڌ جي مٽيءَ جي مهڪ سمايل آهي. اياز اڳتي هلي پنهنجي شاعريءَ لاءِ فن ۽ فڪر جا نوان گس ۽ چارا ڳولهي ورتا، فقط ايترو ئي نه، پر هن پنهنجي ڪوتائن ذريعي سنڌي ٻوليءَ ۾ نوان رنگ ڀري ان جي حسن ۾ گهڻو واڌارو آڻي ڇڏيو. ناليوارو دانشور ابراهيم جويو اياز جي شاعريءَ جي انهن خوبين بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو ته "اياز جتي پنهنجي يگاني شاعريءَ ۾ ، شاعري ۽ ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي مزاج،روايتن ۽ سياءَ کي نئين سر اُجاريو، اُتي هن سنڌي شاعريءَ ۽ ٻوليءَ کي جدتون ۽ نيون توانايون بخشيون."[(3)]

اياز جي شاعريءَ جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو، ته ڪيس سنڌي ٻوليءَ تي تمام وڏي دسترس حاصل هئي. جيتوڻيڪ سندس زندگيءَ جو گهڻو ٽٽو

حصو شهرن (شڪارپور، سکر ۽ ڪراچي) ۾ گذريو، پر تنهن باوجود سندس شاعراڻي ٻوليءَ تي نہ صرف ٻھراڙيءَ جو رنگ غالب آهي، پر ڪاڇي ڪوهستان، لاڙي توڙي ٿري لهجي جا نقش پڻ سندس شاعريءَ مان لياڪا پائيندي ملن ٿا. اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ نہ صرف سنڌي ٻوليءَ جي مزاج سان ٺهڪندڙ تشبيهون ۽ استعارا ڪم آندا آهن، پر جيئن تہ سندس ڪلام جون پاڙون سنڌي سماج ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ کُتل آهن ان ڪري سندس شاعري سنڌ ۾ رائج پهاڪن، اصطلاحن ۽ چوڻين سان پڻ ڀرپور آهي.هن مقالي ۾ اياز جي پهرئين چئن ڪتابن ڀؤنر ڀري آڪاس، ڪلهي پاتم ڪينرو، ڪي جو ٻيجل ٻوليو ۽ وڄون وسڻ آيون ۾ موجود اصطلاحن يا محاورن جو اڀياس ڪيو ويو آهي.

اصطلاح ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ لفظن جو اهڙو ميڙ آهي، جنهن جي ظاهري ۽ اندروني معنيٰ ۾ فرق هجي. ڪنهن بہ جملي ۾ اصطلاح جي استعمال سان بيان وڌيڪ پُر اثر ۽ دلچسپ بڻجي پوندو آهي ۽ ڳُجهن لفظن ۾ پنهنجي معنیٰ ۽ مطلب کي ظاهر ڪيو ويندو آهي. اصطلاح ٻوليءَ جي سونهن ۽ سينگار سڏيا ويندا آهن، ان ڪري عام رائج ٻوليءَ سان گڏ انهن کي ادبي لکڻين (نثر توڙي نظم) ۾ پڻ ڪم آندو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ اصطلاح وارا لفظ مصدر واري صورت تي ختم ٿيندا آهن. جيئن ”ننبُ حرام ٿيڻ“، ”ڏندين آڱريون اچڻ“ وغيره. پر ياد رکڻ گهرجي تہ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ لفظن جو هر هڪ ميڙ اصطلاح ناهي ٿيندو. جيئن، ”ماني کائڻ“، ”پاڻي پيئڻ“ وغيره. ڇو تہ انهن ٻنهي جي معنيٰ بلڪل واضح ۽ کليل آهي ۽ انهن ۾ ڪو بہ اندروني مطلب لڪل ناهي، انهن کي اصطلاح چئي نہ ٿو سگهجي. ساڳي طرح فارسيءَ ۾ اصطلاح جي پڇاڙي ن سان ٿيندي آهي، جيڪا پڻ مصدر واري حالت آهي. جيئن، ”دندان نمودن“ اردوءَ ۾ اصطلاح جي لاءِ گهڻو تڻو محاوري جو لفظ ڪتب ايندو آهي ۽ ان جي پڇاڙي ”نا “ سان ٿيندي آهي جيئن ”پاني پاني هونا“ وغيره، پر انگريزي ٻوليءَ ۾ **idiom** جي آخر ۾ اهڙو ڪو خاص اکر ڪو نہ ٿو اچي جيڪو اصطلاح جي نشاني هجي.

اصطلاح جي اصليت تائين پهچڻ لاءِ اسين جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي جامع سنڌي لغات جا ورق اٿلايون ٿا، تہ ان جي تشريح يا سمجهاڻي هن طرح ملي ٿي.

”اصطلاحُ جمع اصطلاح (ع): ڪنهن ڏنتي يا فن جو لفظ، ورجيس. ٻوليءَ جي محاوري وارو لفظ. لفظن جو جوڙ.“ (4)

عام طور تي اصطلاح لفظن جي اهڙي ميڙ کي چيو ويندو آهي، جنهن جي ظاهري ۽ ڳُجهي (اصطلاحي) معنيٰ الڳ هجي، پر ڊاڪٽر بلوچ هن لفظ جي اهڙي ڪا به معنيٰ ناهي ڏيکاري. هن اصطلاح جي لاءِ ورجيس ۽ محاوري جو لفظ پڻ ڪتب آندو آهي، تنهن ڪري ورجيس جي معنيٰ کي به ڏسڻ جي ضرورت آهي. ساڳي ئي لغت ۾ ورجيس جي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي.

”ورجيس جمع ورجيسون؛ رسم، رواج، دستور، پَر، هلي چلي، عادت، تهذيب، خيال، فڪر، الڪو، انتظار، هار سينگار جو شوق، ٺاهه ٺوهه جو شوق، سنڀال، حفاظت، جاچ، صرفو. مرجات. اصطلاح (جنهن جي لفظي معنيٰ هڪڙي آهي ۽ روايت موجب ٻي)، جڳت“ (5)

هن سمجهاڻي مطابق ورجيس کي اصطلاح پڻ چيو ويندو آهي،جنهن جي لفظي ۽ روايت موجب معنائن ۾ فرق هوندو آهي.

ان ڪان پوءِ محاوري کي به سمجهڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. جامع سنڌي لغات موجب:

”محاورو جمع محاورا: ع.حور: هن ورائي چيو)، گفتگو، ٻول چال، ڳالهه ٻولهه، سوال جواب. علم نحو موجب اهو جملو جنهن جي لفظي معنيٰ هڪڙي هجي ته ڪنايه معنيٰ ٻي هجي. مثلاً ”اکيون پورڻ، ٻي شرم ٽيڻ، مرڻ“ وغيره. اصطلاح، ورجيس، استعمال، اڀياس، ساڌنا، مشق، آزمودو تجربو“ (6)

ڊاڪٽر صاحب جي هن سمجهاڻيءَ مان خبر پوي ٿي، ته سندس نظر ۾ ورجيس، اصطلاح ۽ محاورا هڪ ئي معنيٰ جي لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ آهن. محاوري جي سمجهاڻي ۾ لکيل معنيٰ ۽ مثال ڏسڻ کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته سندس راءِ موجب لفظن جو اهڙو ميڙ (مڪمل جملو نه) جنهن جي لفظي معنيٰ هڪڙي هجي ۽ اشاري ۾ ٻي، تنهن کي اصطلاح،محاورو يا ورجيس چئجي. اهڙي ئي قسم جي شاهدي اسان کي سنڌي جي ٻئي ناليواري محقق ۽ ٻوليءَ جي ماهر ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي وٽان به ملي ٿي. هو صاحب لکي ٿو:

”اصطلاح معنيٰ صلح ڪرڻ، ڪنهن لفظ جي ٻي معنيٰ مقرر ڪرڻ.“ (7)

ڊاڪٽر سنديلو اڳتي لکي ٿو ته ”اصطلاح کي ورجيس به چوندا آهن.“ هن صاحب اصطلاح ۽ ورجيس جي هڪجهڙائي ته بيان ڪئي آهي، پر محاوري بابت پنهنجو خيال ظاهر ناهي ڪيو. تنهن ڪري هن معاملي جي ڪجهه وڌيڪ اوک

ڊوڪ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، اصطلاح بابت ڪجهه وڏيڪ عالمن جا رايا پڙهئون ٿا. ليکڪ ۽ محقق مختيار ملاح اصطلاح کي وڏيڪ آساني سان بيان ڪندي ان جي معنيٰ هن ريت ڄاڻائي آهي. ”اصطلاح جي معنيٰ ڪنهن لفظ جي ٻي معنيٰ آهي. ورجيس (ٻيٽ) موافقت يا موزونيت. انهن جي ظاهري معنيٰ هڪڙي هوندي آهي، پر ان تي سوچ ويچار ڪرڻ کان پوءِ سندس مفهوم يعني معنيٰ ٻي هوندي آهي. ڪي اصطلاح پهاڪن وانگر پسمنظر به رکندا آهن. سنڌي اصطلاح ۾ مصدر (ڻ اکر) لازمي هوندو آهي. مثال طور: هٺ پير هڻڻ: ڪوشش ڪرڻ ، جاکوڙڻ.“ (8)

مختيار احمد ملاح به اصطلاح ۽ ورجيس جي موافقت ڏيکاري آهي، پر سنڌيلي صاحب وانگر هن محاوري بابت ڪا راءِ ظاهر ناهي ڪئي ۽ نه ئي ذڪر ڪيو اٿس. سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري محقق ڊاڪٽر نور افروز خواجه پنهنجي مضمون ۾ اصطلاح جي تشريح هن طرح پيش ڪئي آهي.

”اصطلاح اهو لفظن جو ميڙ آهي، جنهن کي فاعل ۽ مفعول نه هجي.اصطلاح جي لغوي معنيٰ عربي ۾ عرف ۽ انگريزيءَ ۾ **usage, convention** ۽ سنڌيءَ ۾ ڄاڻ آهي. اصطلاح جي سمجهاڻي هيءَ آهي ته ڪنهن خاص لفظ کي اصل معنيٰ کان الڳ ڪري اهلِ زبان ڪنهن خاص مقصد لاءِ استعمال ڪري ،انهيءَ کي اصطلاح چئجي ٿو.اڪثر اهڙا لفظ محاوري جي صورت اختيار ڪندا آهن.“ (9)

مٿئين راءِ مان معلوم ٿئي ٿو ته محاورو به اصطلاح کي ئي چيو ويندو آهي.اردو ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ، جيڪي مڪمل جملو نه هجن ۽ انهن جي ظاهري ۽ اندروني معنيٰ ۾ فرق هجي، تن کي محاورو ئي چيو ويندو آهي. جڏهن ته انگريزيءَ ۾ ان جي لاءِ **idiom** جو لفظ ڪم ايندو آهي.

اصطلاحن بابت مٿي ڄاڻايل تشريحن ۾ ٿوري گهڻي ڦير ڦار کان سواءِ تقريباً معنيٰ ساڳي آهي.سنڌي ٻوليءَ جي ماهر مرليڌر جيٽلي به اصطلاحن بابت ڪجهه ڪم ڪيو آهي. سندس راءِ مطابق؛ ”اهو مروج استعمال جيڪو بيان ۾ ڪنهن ڪم جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي ۽ اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج مطابق ٻي معنيٰ ڏيندو آهي،انهيءَ کي محاورو يا اصطلاح چئبو آهي.“پاڻي پاڻي ٿيڻ، شرمسار ٿيڻ.“(10)

مٿي ڏنل سڀني تشريحن جي روشنيءَ ۾ اصطلاح جي معنيٰ اها نڪري ٿي ته ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظن جو اهڙو ميڙ، جنهن ۾ فاعل ۽ مفعول نه هجي، جنهن جي ظاهري معنيٰ ۽ اندروني معنيٰ ۾ فرق هجي، تنهن کي اصطلاح چئجي. گهڻن عالمن

جي راءِ موجب محاورو ۽ ورجيس ٻه ساڳئي ئي معنيٰ وارا لفظ آهن.پر سنديلو صاحب ۽ ڪجهه ٻيا عالم محاوري جو ذڪر ئي نه ٿا ڪن. ناليوارو عالم ۽ اديب ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي محاوري کي هڪ لحاظ کان اصطلاح کان الڳ ٿو سمجهي. هو لکي ٿو ”محاورا ٻه چوڻين ۾ ئي شمار ٿين ٿا، جن جي مختصر ترڪيب باعث انهن کي ننڍڙا پهاڪا چئي سگهجي ٿو. محاورن ۾ به ساڳئي ئي طرح لفظن جي ظاهري معنيٰ هڪڙي هوندي آهي ،ليڪن حقيقي معنيٰ ٻي ورتي ويندي آهي. مثلاً گونگي گانءِ، انڌ جو بندو، سهي جي ڪل،ناني ويڙهو وغيره.محاورو ترڪيبي لحاظ کان نه پورو جملو آهي ۽ نه ئي اصطلاحن جيئن مصدر مطابق جملن ۾ ڦيرو ڪائيندو آهي.“[11]

عرساڻيءَ صاحب جي راءِ مطابق محاوري جي ظاهري ۽ اندروني معنيٰ ۾ اصطلاح وانگر فرق نه هوندو آهي، پر ان جي پڇاڙيءَ ۾ مصدر واري حالت نه هوندي آهي. يعني معنوي لحاظ کان اصطلاح ۽ محاوري جو ڪم ساڳيو آهي.

هنن سڀني عالمن جي راين مان هڪ ڳالهه ته واضح ٿئي ٿي، سڀيئي عالم ۽ محقق اصطلاحن بابت هڪ ئي رايو رکن ٿا ، باقي ورجيس ۽ محاورو ٻه اصطلاح جو مترادف آهي، ان ڳالهه تي سندن خيال ورهايل آهن. ڪن ورجيس ۽ اصطلاح کي هم معنيٰ سڏيو آهي، ته ڪي محاوري ۽ اصطلاح کي ساڳئي ئي شيءِ ٿا سمجهن. جنهن مان پتو پوي ٿو ته مٿي ڄاڻايل سڀ محقق اصطلاح جي لفظ کي اوليت ڏين ٿا باقي محاوري ۽ ورجيس بابت سندس راءِ هڪ ٻئي کان ٿوري گهڻي مختلف آهي. منهنجي راءِ مطابق لفظن جي جنهن ميڙ کي اسين انگريزي ۾ **idiom** چئون ٿا، تنهن جو متبادل صرف ”اصطلاح“ ئي آهي. ان جي لاءِ گهڻن عالمن محاوري جو لفظ پڻ ڪتب آندو آهي، جيڪو ان معنيٰ ۾ درست بيهي ٿو، جو اردو ۾ پڻ اهڙن خاص لفظن لاءِ محاوري جو لفظ ئي ڪم ايندو آهي، جڏهن ته اهي ٻئي لفظ وري ان ڪانسواءِ هڪ ٻي معنيٰ ۾ به ڪم اچن ٿا، جيئن اصطلاح ڪنهن خاص فن يا ڌنڌي جي لفظ طور ڪم اچي ٿو. مثال طور اشتراڪي، پرولتاري، بورجوا وغيره جهڙا لفظ روس ۾ پيدا ٿيل پورهيت جدوجهد يا ڪمين سان واڳيل آهن ۽ سنڌ جا اڪثر مارڪسوادي يا پورهيت اڳواڻ انهن لفظن جو استعمال ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح محاورو سنڌيءَ ۾ لهجي جي متبادل يا وري انگريزي لفظ **dialect** طور پڻ ڪم اچي ٿو.

هاڻي اياز جي ڪتاب جا ورق اُٿلائجن، ته جيئن اهو معلوم ٿي سگهي ته هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا اصطلاح ڪم آندا آهن ۽ ڪهڙي ريت ڪم آندا

آهن ؟ ڇا هن اصطلاحن ڪي پنهنجي شاعراڻي تخيل موجب سنواري سڌاري وڌيڪ حسن بخشيو آهي يا وري هن انهن جي اصلي بيهڪ کي برقرار رکيو آهي؟ اهي هن تحقيقي مقالي جا سوال پڻ آهن.

اياز جي پهرئين ڪتاب ڀؤنر ڀري آڪاس جي شروعات بيتن سان ٿيل آهي. اهي بيت پنهنجي هيئت ۽ موضوع جي حوالي سان مڪمل ۽ ڀرپور آهن . انهن بيتن ۾ شاعر جي ٻولي پڻ تحسين لائق آهي. انهن سڀني خوبين سان مالامال سنڌس هڪ بيت هتي ڏجي ٿو.

"منڙو آ هر چيز کان، سنگهارن جو ساهه.
پٽيون پٽن پيٽ سان، ٿين ٻُکن ۾ پاهه
ڏيڪاريان ڪيئن ڏکين کي، چانڊوڪي ۽ چاهه
ڪٿي آهه الله، انسانن جو آسرو."(12)

مٿئين بيت ۾ انسانيت، سماجي اڻ برابري،نا انصافي، سنڌيت ۽ غربت جي ڏکن ۽ پيڙائن جي تصوير سامهون آندي وئي آهي، جنهن ۾ مارو ماڻهن جي بک ۽ بدحاليءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ هڪ سوال پڻ ڪيو ويو آهي، ته جڳ جو خالق ڇا هنن مسڪينن جي حالت نه ٿو ڏسي ۽ انهن جي غربت کي ختم ڇو نه ٿو ڪري؟ ٻوليءَ جي حوالي سان هن بيت جي هر هڪ سٽ ۾ تجنيس وارا لفظ پڻ ڪم آندا ويا آهن جيڪي شعر ۾ موسيقيت ۽ رس چس پيدا ڪن ٿا. جيئن "سنگهارن جو ساهه"، "چانڊوڪي ۽ چاهه" وغيره. پر ان بيت ۾ ٻه اصطلاح پڻ ڪتب آيل آهن . "پيٽ سان پٽيون پٽڻ " ۽ ٻُکن ۾ پاهه ٿيڻ " ٻئي غربت ۽ بک بدحاليءَ جي حالتن جي عڪاسي ڪن ٿا. "پيٽ سان پٽيون پٽڻ" جي معنيٰ آهي "ٻُکون ڏسڻ ، لنگهڻ ڪاٽڻ، گذران ڏکيو ٿيڻ" وغيره. جڏهن ته "بکن ۾ پاهه ٿيڻ" سنڌي ٻوليءَ ۾ "پيٽ سان پٽر پٽڻ " ۽ "پيٽ سان ڪاٺ ٻڌڻ" پڻ ساڳي ئي معنيٰ ۾ ڪم ايندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جا مٿي ذڪر ڪيل اهي اصطلاح سنڌي سماج ۾ غربت ۽ ماڻهن جي بک ۽ بدحاليءَ جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا ۽ "پيٽ" سان لاڳاپيل اهي اصطلاح انساني بک ۽ بدحاليءَ واري تاريخ جي شاهدي ڀرين ٿا، ته انسان اڻ هوند ۽ غربت سبب پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏيڻ ۽ لوڪَ لڄ لقاءُ نه پوڻ خاطر ڪهڙا ڪهڙا نه طريقا اختيار ڪندو هيو. سنڌ سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ صدين کان اهو رواج آهي، ته ماڻهو گهٽي بک واري حالت ۾ پيٽ سان پٽر ٻڌندا هئا. قديم زماني ۾ جڏهن ماڻهن وٽ کاڌو گهٽ هوندو هو، ۽ بک ايتري

هوندي هئي جو پيٽ ۾ سور ٿيندو هو، تڏهن ماڻهو پيٽ تي ڪپڙي يا چمڙي جي پٽي يا پٿر ٻڌندا هئا تہ جيئن پيٽ اندر موجود معدي تي ڪجهہ وزن محسوس ٿئي ۽ بک جو احساس ٿورو گهٽ ٿئي- بک جي ان احساس کي گهٽائڻ لاءِ اهو طريقو پراڻي زماني کان استعمال هيٺ آهي ۽ ڪيترين ئي قومن ۾ عام آهي. روايت آهي تہ جڏهن غزوه خندق ۾ مسلمان سخت بک ۽ تڪليف ۾ هئا، تہ ڪيترن صحابن کي پنهنجن پيٽن سان پٿر ٻڌل هئا، تہ جيئن بک برداشت ڪري سگهن- جڏهن رسول الله ﷺ سان مليا تہ ڏٺائون تہ سندن پيٽ سان بہ پٿر ٻڌل هئا، يعني پاڻ ﷺ بہ وڏيڪ بک سهي رهيا هئا.

شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪي اصطلاح ڪم آندا آهن ، تن مان ڪي اهڙا آهن، جيڪي صدين کان اسان جي ٻولي توڙي سماج ۾ رائج آهن ۽ اڄ سوڌو انهن جي افاديت توڙي استعمال ۾ گهٽتائي ناهي آئي. هڪ اهڙو ئي اصطلاح سندس نظم جي هيٺين ٽڪري ۾ شامل آهي.

”منڙا ماڻهو مرڪڻ وارا
لوڻ ڦٽن تي ٻُرڪڻ وارا
گهڙيءَ گهڙيءَ جن گهايس، وو
سڏ سٽان ٿو تنهنجا سائين.“ (13)

مٿين سٽن ۾ ”ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪڻ “ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ پراڻو ۽ مقبول اصطلاح ڪم آيل آهي.

”ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ“ جو مطلب آهي:گذريل ڏک ياد ڏيارڻ ، ڏک ۾ ڏک ڏيڻ يا وري ڏکايل جو ڏک ويتر وڌائڻ .

هيءُ اصطلاح پراڻي زماني جي علاج واري طريقي ۽ زماني جي ٻئي کي تڪليفون پهچائڻ واري روش جي ترجماني ڪري ٿو. قديم زماني ۾ جڏهن زخمن جو علاج جديد دوائن سان نہ ٿيندو هو، تہ لوڻ (salt) گهڻو ڪري **antiseptic** طور استعمال ٿيندو هو يعني جراثيم مارڻ لاءِ، پر جڏهن لوڻ زخمن تي وجهبو هو، تہ اهو سڙي ۽ ڏاڍو سور ڏيندو هو.

تنهنڪري ماڻهوءَ جي تجربي مان اهو تصور پيدا ٿيو، تہ: لوڻ جو زخمن تي وجهڻ معنيٰ ڏکايل جو سور وڌائڻ“ ۽ اهو بعد ۾ اصطلاح طور ڪنهن بہ جذباتي يا نفسياتي تڪليف کي وڌائڻ لاءِ استعمال ٿيڻ لڳو. يعني ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪڻ معنيٰ ڏکايل جو

ويتر ڏک وڊائڻ. هي اظهار اتي استعمال ٿيندو آهي، جتي ڪو ماڻهو اڳ ئي ڏک، غم يا تڪليف ۾ هجي، ۽ ٻيو ماڻهو اهڙي ڳالھ ڪري يا اهڙو عمل ڪري جيڪو ان جي ڏک کي وڌائي ڇڏي.

يعني،"ٻيهر تڪليف ڏيڻ" يا "ڪنهن جي زخم تي نئون زخم وجهڻ".

اياز فقط عام رواجي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ اصطلاحن کي پنهنجي ڪوتائن ۾ ڪم نہ آندو آهي، پر جيئن تہ هو سنڌي ٻوليءَ جو هڪ پڪو پختو شاعر آهي، تنهن ڪري هن کي هڪ اصطلاح ساز شاعر جي حيثيت پڻ حاصل آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙا ڪيترائي اصطلاح آندا آهن. جيڪي گهڻي ڀاڱي هن جي ئي تخيل جو نتيجو آهن . جيئن هيٺئين نظم ۾ اهڙا ٻہ نوان اصطلاح ڪتب آيل آهن.

"<u>تو گهمان مان ڌار تي تلوار جي،</u>
ان ڌار کان ٿورو پري،
آهي پرينءَ جي لوءِ وو!
"<u>غم نہ آهي، پير جي چِلجي پيا،</u>
هي وقت آ، هي وقت آ،
موٽي نہ ايندو ووءِ، وو!" (14)

نظم جي مٿي ڏنل سٽن ۾ "تلوار جي ڌار تي گهمڻ " جو محاورو ڪم آندو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "هر وقت خطري واري حالت ۾ رهڻ" . جڏهن تہ "پير چِلجي پوڻ/ پير چِلجڻ" جي معنيٰ آهي، "تمام گهڻو پنڌ ڪرڻ، گهڻي تڪليف سهڻ" .اهي اصطلاح جيڪي اياز پنهنجي نظم ۾ ڏنا آهن سي گهڻي ڀاڱي سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ لغت ۾ شامل ڪو نہ آهن. اياز انهن کي پنهنجي نظم ۾ آڻي نہ فقط پنهنجي شاعريءَ جي سونهن ۾ واڌارو ڪيو آهي، پر انهن کي عوامي ٻوليءَ مان ٻاهر آڻي ادبي زبان تائين رسائي انهن کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. ان طرح اياز جي شاعريءَ ۾ اهڙا ڪيترائي اصطلاح ملن ٿا جن کي هن نئين انداز يا نئين معنيٰ سان ڪم آندو آهي. چاندي هڪ ڌاتو آهي، جنهن مان عام طور تي زيور ٺهندا آهن. سون جي ڀيٽ ۾ ان جي قيمت تمام گهٽ آهي پر تنهن هوندي بہ اها هڪ ملهائتي وٿ ضرور آهي ۽ سنڌي توڙي اردو ٻوليءَ ۾ "چاندي ٿيڻ" جو اصطلاح تمام گهڻو فائدو ٿيڻ جي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي. اياز بہ پنهنجي هڪ غزل ۾ ان جو استعمال ڪيو آهي، پر ان کي بنھ نئين معنيٰ ۾ ڪم آندو اٿائين.

سون جهڙي جواني اسان کان وٺي،
وار چاندي ڪيئہ، عُمرِ ايڏي ٺڳي. (15)

”وار چاندي ڪرڻ /ٿيڻ“ يعني ”وار اڇا ڪرڻ /ٿيڻ“ جواني هلي وڃڻ ۽ پوڙهائپ اچڻ جو اُهڃاڻ آهي. اياز ان جو اهڙو تہ سهڻو استعمال ڪيو آهي جو هن اصطلاح آڏو ڪراڙو ٿيڻ ، پوڙهو ٿيڻ ۽ ٻڍو ٿي پوڻ جهڙا لفظ ٻي رنگ ۽ عجيب ٿا لڳن. غزل جي مٿئين بند ۾ شاعر سون ۽ چانديءَ جو جيڪو تضاد پيدا ڪري جواني ۽ پوڙهائپ جي ڀيٽ ڪئي آهي سا پڻ ڪمال جي آهي. هيءُ اصطلاح سنڌي ٻوليءَ ۾ بلڪل نئون آهي ۽ ڪو بہ شڪ ناهي تہ ان جو موجد اياز ئي آهي.

اياز نہ صرف پنهنجي گيتن ، بيتن ۽ واين ۾ محاورن جو خوبصورت استعمال ڪيو آهي، پر گڏوگڏ پنهنجي اوپيرائن ۾ بہ ٻوليءَ جو حسن ٻيڻو ڪندي پنهنجي بيان ۾ خوبصورتي ۽ رس چس پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيترائي اصطلاح ڪم آندا آهن، جنهن جو هڪ مثال هتي ڏجي ٿو:

”هيءَ جندڙي هونءَ نِڪمي آ....
شل جيجل جي ڪنهن ڪار اچي،
شل اُن تي ڪا نہ ميار اچي،
شل تنهنجو وار نہ ٿئي وِنگو،
شل تنهنجو ڏينهن نہ ٿئي ڏنگو.“ (16)

مٿين سٽن ۾ شاعر ”وار ونگو نہ ٿيڻ“ جو اصطلاح ڪم آندو آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي ”ذرو بہ نقصان نہ ٿيڻ، تڪليف نہ اچڻ“. جڏهن تہ انهن سٽن ۾ ڪم آيل ٻيو اصطلاح ”ڏينهن ڏنگو نہ ٿيڻ“ جي معنيٰ ٿيندي ”نصيب خراب نہ ٿيڻ يا ڪا بہ مصيبت نہ اچڻ“ . اهي ٻئي اصطلاح سنڌ جي هر هڪ لهجي ۾ گهڻي ڀاڱي ڳالهايا ويندا آهن ۽ جتي ڪٿي دعا ڏيندي وقت ڪم آندا ويندا آهن. پويون اصطلاح تہ شاهہ لطيف بہ پنهنجي بيتن ۾ ڪم آندو آهي. اياز کي انهن اصطلاحن جي مزاج ۽ بيهڪ جي پليءَ پت خبر هئي، تنهن ڪري اهي اصطلاح ڪم آڻڻ کان اڳ هن بہ پيرا ” شل“ جو لفظ ڪم آندو آهي.

”شل تنهنجو وار نہ ٿئي وِنگو،
شل تنهنجو ڏينهن نہ ٿئي ڏنگو.“

جنهن سان انهن ٻنهي اصطلاحن ۾ جيڪو دعا وارو تاثر آهي سو برقرا رهجي ٿو اچي . هنن ٻنهي سٽن مان شاعر جي ٻولي ۽ شاعريءَ جي فن تي دسترس جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، تہ ڪهڙي نہ ساڳئي ئي موضوع سان واڳيل ٻن جدا جدا اصطلاحن کي هڪ ئي گهاڙيٽي ۾ گهڙي هم قافيا بڻايو آهي. اها اياز جي ٻوليءَ تي گرفت ۽ شاعريءَ جي فن جي پختگي ئي آهي، جو هن اصطلاحن جي لفظن کي پنهنجي شاعريءَ جو قافيو بڻايو آهي، جنهن جو هڪ ٻيو خوبصورت مثال هتي ڏجي ٿو.

" نڪتو آهيان هن ننگريءَ ۾ ، لاهي سر جو سانگو يار.
نانگو آهيان نانگو، يار!" (17)

وائيءَ جي مٿئين بند ۾ " سر جو سانگو لاهڻ" وارو اصطلاح استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو "جان جي پرواهہ نہ ڪرڻ طور ڪم ايندو آهي. هيءُ اصطلاح عام رواجي ڳالهہ ٻولهہ ۾ گهٽو ٽٽو ڪم ايندو آهي ۽ ان کي ادب ۾ پڻ استعمال ڪيو ويندو آهي. خاص طور تي نثري صنف ڪهاڻيءَ ۾ بہ هيءُ ڪم آيو آهي، پر اياز جڏهن ان کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو آهي، تہ ان کي قافيو بڻائي پيش ڪيو آهي، جنهن سان هن محاوري جي حسن ۾ نکار اچي وئي آهي.

"مان ڳوڙها ڳاڙي ڳايان ها.
مان وک وک وار وڇايان ها.
ور واريان هان، گهر گهوريان ها.
مان سهسين سانگ رچايان ها.
روئڻ سان رهن ها جي سپرين، مان نيٽين نير نہ روڪيان ها." (18)

گيت جي مٿي ڏنل سٽن ۾ نہ صرف تجنيس حرفيءَ جو حسن سمايل آهي ، پر انهن سٽن ۾ ڪيترائي اصطلاح پڻ ڪتب آندل آهن، جيئن:

وار وڇائڻ، صدقي ٿيڻ، نياز نوڙت ڪرڻ ، عزت آجيان ڪرڻ،خدمت چاڪري ڪرڻ
گهر گهورڻ سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ
سانگ رچائڻ، ڍونگ ڪرڻ، مڪر ڪرڻ، ڪيل ڪرڻ،

مٿئين شعر ۾ ڏنل اصطلاحن جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿئي ٿو، تہ اياز ڪٿي ڪٿي انهن ۾ هلڪو واڌارو ڪري انهن جي حسن کي ٻيڻو ڪري ڇڏيو آهي. جيئن: وار وڇائڻ مان وک وار وڇائڻ.

۽ ڪٿي وري هن اصطلاحن جي معنائن ۾ واڌارو پڻ ڪيو آهي. جيئن : سانگ رچائڻ ڪي هن " دل پرچائڻ لاءِ مختلف بهانا ۽ ناٽ نخرا ڪرڻ ،حيلا بهانا ڪرڻ" طور ڪم آندو آهي. اسان جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي لغتن ۾ سانگ رچائڻ جي معنى ڏسنداسين تہ گهڻي ڀاڱي اسان کي ان جي معنى ڍونگ ڪرڻ ، مڪر ڪرڻ ، ڊرامو ۽ ناٽڪ ڪرڻ وغيره ئي ملندي، جنهن مان ڀرپور جو ئي تاثر ملي ٿو، پر اياز پنهنجي شعر ۾ هن اصطلاح کي هڪ نئين معنى عطا ڪئي آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو مڪر يا فريب ڪونهي. بلڪ ان ۾ تانگهہ آهي، سڪ ۽ حُب آهي. اهڙي نموني "وک وک وار وِڇائڻ " ۾ جيڪا جذبي جي شدت ۽ اندر جو احساس آهي سو خالي " وار وڇائڻ" ۾ ڪونهي. ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ هن نہ صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج قديم جديد اصطلاحن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم آندو آهي ، بلڪ ڪٿي ڪٿي نوان اصطلاح بہ گهڙيا اٿائين ۽ ان سان گڏ هن اصطلاحن ۾ نوان ۽ وڻندڙ واڌارا ڪري سندن معنائن کي بہ وسعت عطا ڪئي آهي. ان کان بہ وڌيڪ اُتهاسڪ ڳالهہ اِها آهي تہ هن ڪيترن ئي اصطلاحن کي نئين انداز ۾ پڻ پيش ڪيو آهي. مثال طور: "وِهہ لڳڻ/وِهہ ٿيڻ "جو اصطلاح عام رواجي ٻوليءَ ۾ جڏهن بہ استعمال ٿيندو آهي، تہ اهو ننڍ يا ڪاڏي لاءِ ئي ڪم ايندو آهي پر اياز ان کي نئين نموني سان پيش ڪيو آهي.

هي ماٺهو وِهہ جو ڍُڪ ٿيا، جيئن لُڪ لڳي تيئن رُڪ ٿيا. [19]
(وِهہ جو ڍُڪ ٿيڻ مطلب هضم نہ ٿيڻ جهڙا ٿيڻ )

يا

تون نہ آئين پرين ، وِهہ لڳي ٿي وَهي. [20]
(وَهي وِهہ لڳڻ معنيٰ عمر يا جواني زهر لڳڻ، زندگي پسند نہ اچڻ)

صدين کان رائج اصطلاحن ۾ اهڙي نواڻ آڻڻ سان سندس شاعريءَ ۾ رس چس وڌيو آهي ۽ ان ۾ بيان جي خوبصورتي سان گڏ پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ مٿان وڌيڪ سحر طاري ٿئي ٿو. هن نہ صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج اصطلاحن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ شامل ڪيو آهي، پر انهن کي نئين انداز ۽ نئين رنگ ۾ پيش ڪري ٻوليءَ کي وسعت ڏيڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. جنهن سان سندس اسلوب کي پڻ عام سنڌي شاعريءَ کان هٽي ڪري نئون اسلوب مليو آهي. سندس شاعريءَ جي انهن ئي پاسن جو ذڪر ڪندي گرامي صاحب لکيو آهي، تہ " اياز جي شاعري حسين ۽ جميل لفظن، خيالن ۽ محاورن جي جامع آهي. سندس زبان رنگين ، اسلوب شيرين آهي. " [21]

ائين تہ اياز جي سموري شاعريءَ ۾ هزارن جي تعداد ۾ اصطلاح موجود آهن. مٿي ذڪر ڪيل سندس چئن ڪتابن ۾ بہ سوين اصطلاح موجود آهن، جن مان ڪجھہ هن ريت آهن. "ٻوٽو ٻارڻ"، "باس باسڻ"، "هٿن مان هانءُ(هنيانءُ)وڃڻ"، "هانءُ (هنيانءُ) ڦِڃي پوڻ"، "هانءُ (هنيانءُ) هارڻ"، "گهاوَ اُڪلي پوڻ"، "سور سامائڻ"، "وِلھہ وسڻ"، "ٽاٽو ٽارڻ"، "پُور پچائڻ"، "هِرڪ هارڻ"، "بنواس گذارڻ"، "ٻارڻ ٻارڻ"، "ڏونگر ڏارڻ"، "ممڻ مچڻ"، "پول پچڻ"، "تندُ تپائڻ"، "تارا ڪيڻ"، "دل ڦِڃي پوڻ"، "پينگ وسڻ"، "پيرو پَچڻ"، "رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ"، "روئي رڇ پَرڻ"، "ڏنڀ ڏيڻ"، "رت سان ريج ڪرڻ"، "مُنهن هيڊَ ٿيڻ"، "رت ڪَرڻ"، "سينڌ سجائڻ"، "نور نچوئڻ"، "ڪنگ رڙڻ"، "تارا ڪيڻ يا تارا ڪيڏي چڙڻ"وغيره . انهن مان هر هڪ اصطلاح جي سمجهاڻي ۽ پس منظر تي لکڻ ويهجي تہ لڳ ڀڳ ايم فل جو مقالو تيار ٿي ويندو.

هن سڄي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو، تہ اياز سنڌي ٻوليءَ تي پوري طرح دسترس رکندڙ شاعر آهي. هن نہ صرف پنهنجي شاعريءَ ۾ هزارن جي تعداد ۾ نوان لفظ، استعارا ، نڪور تشبيهون ۽ ترڪيبون ڪم آنديون آهن، پر هن سنڌي ٻوليءَ جا هزارين اصطلاح پڻ پنهنجي ڪوتائن ۾ شامل ڪري شاعريءَ جي حسن ۾ واڌارو بہ ڪيو آهي، تہ ٻوليءَ جي ان پهلوءَ کي پنهنجي شعرن وسيلي هميشھ لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. سندس پهرين چئن شعري مجموعن "ڀئونر ڀري آڪاس"، "ڪلهي پاتم ڪينرو"، "ڪي جو ٻيجل ٻوليو" ۽ "وڄون وسڻ آئيون" ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج سوين اصطلاح ڪم آندا آهن. هن نہ صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج اصطلاحن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ شامل ڪيو آهي. پر انهن کي نئين انداز ۽ نئين رنگ ۾ پيش ڪري ٻوليءَ کي وسعت ڏيڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

اياز صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج قديم ۽ جديد اصطلاحن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم آندو آهي ، بلڪہ ڪٿي ڪٿي نوان اصطلاح بہ گهڙيا اٿائين ۽ ان سان گڏ هن اصطلاحن ۾ نوان ۽ وڻندڙ واڌارا ڪري، ڪن اصطلاحن جي معنائن کي بہ وسيع بڻائي ڇڏيو آهي.

## حوالا


1. ٽہ ماهي مهراڻ "شيخ اياز" نمبر، (ڇاپو ٽيون ) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2005ع، ص 219

2. آغا سليم، ”شيخ اياز صدين جي صدا“ ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2005 ، ص 54
3. ٽه ماهي مهراڻ شيخ اياز نمبر(ڇاپو ٽيون) ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2005،ص 228
4. .بلوچ، نبي بخش خان،ڊاڪٽر.”نئين جامع سنڌي لغات“، (جلد پهريون)سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو،حيدرآباد.2017ع. ص 158
5. بلوچ، نبي بخش خان،ڊاڪٽر.”نئين جامع سنڌي لغات“، (جلد ٽيون) سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو،حيدرآباد، 2017ع. ص 1964
6. حوالو ساڳيو،ص 1761
7. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر. ”اصطلاحن جي اصليت“، اسلم پبليڪيش، لاڙڪاڻو، 1987ع. ص 2
8. dic.sindhila.edu.pk>txtsrch: اصطلاح
9. http://sindhsalamat.com/threads/40149 .
10. جيٺلي، مرليڌر،”سنڌي پهاڪا ۽ محاورا“روشني پبليڪيشن،ڪنڊيارو، 1996،ص 54
11. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر. ”سنڌي ورجيسي ٻولي“روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2012ع، ص 20
12. شيخ اياز،” پؤنر پري آڪاس “،نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1989ع، ص 22
13. حوالو ساڳيو، ص 82
14. حوالو ساڳيو، ص 171
15. شيخ اياز، ” ڪي جو ٻيجل ٻوليو“،نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1987 ع، ص 78
16. حوالو ساڳيو، ص 30
17. شيخ اياز، ” شاعري 1“ (چار مجموعا گڏ)، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڪراچي،2008ع،ص 308
18. شيخ اياز، ”وڄون وسڻ آئيون“، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1973ع، ص 37
19. حوالو ساڳيو، ص 170
20. حوالو ساڳيو، ص 54
21. ستار (سهيڙيندڙ) ”ويا جي هنگلور“ ، سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي، 1999ع، ص 20

نرگس بانو مَلڪ

# سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ سماجياتي فلسفو

# Sociological Philosophy in the Poetry Sarmast of Sachal

**Abstract**

Sociological philosophy explores the philosophical foundations of society by examining collective interaction, social relationships, institutions, and the principles that govern human coexistence. It provides a theoretical framework for understanding how social values, ethics, knowledge, and behavior are shaped through dynamic social processes. These concepts have been interpreted by numerous philosophers from diverse intellectual traditions.

Sachal Sarmast, one of the most celebrated Sufi poets of Sindhi literature, produced a remarkable multilingual poetic corpus that reflects profound insight into the social, cultural, and spiritual dimensions of human life. His poetry advocates universal love, equality, tolerance, human dignity, and social harmony while challenging divisions based on caste, creed, religion, and social status.

This study focused on sociological philosophy embodied in the poetry of Sachal Sarmast, in the light of established sociological and philosophical concepts in selected vers and emphasis on themes such as social equality, collective consciousness, social knowledge, human relationships, ethical values, and the dynamic nature of society.The findings reveal that Sachal Sarmast’s poetry represents his vision extends beyond conventional philosophical discourse by integrating universal human values with the indigenous cultural and spiritual traditions of Sindh. The study concludes that his poetry remains an enduring source for understanding sociological philosophy and continues to promote social awareness, ethical coexistence, and communal harmony in both literary and contemporary social contexts.

**Keywords**: Sociological Philosophy; Philosophy of Sociology; Sachal Sarmast; Sindhi Poetry; Sufi Poetry; Social Thought; Social Harmony.

دُنيا جي عالمن، فلسفين سماجيات فلسفَي (Philosophy of Sociology) بابت ڏار ڏار وصفون ۽ سمجهاڻيون بيان ڪيون آهن، انهن منجهان سادي ۽ عام فَهم وَصف هن ريت ڄاڻائي آهي تہ: ”جڏهن ماڻهو پاڻ ۾ جهيڙو يا سرچاءُ ڪن ٿا ۽ پَنهنجين سَماجي، اقتصادي، ڌرمي، خانداني سرگرمين ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏين ٿا يا مقابلو ڪن ٿا. (ان وقت ڇا ٿو ٿئي؟) جڏهن هڪ حڪومت ۾ ٻہ يا ٻن کان گهڻا ماڻهو هڪ ٻئي سان واسطي ۾ اچن ٿا، تڏهن گروهہ ( جٿو) جو بنياد پوي ٿو. گروهہ (جٿي) جي بناوت ۽ ڪمن جي سائنسي اڀياس جو نالو سماجيات آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ سوشيالاجي (Sociology) سڏجي ٿو.

سوشيالاجي (Sociology) لفظ اصل ۾ لاطيني جي لفظ Socius (ساٿي يا سنگتي) ۽ يوناني ٻوليءَ جي لفظ Logos (مطالعو يا علم) مان ورتل آهي.(1)

> **(The word Socialogy itsef actually derives from the Latn word Socias (Companion) and the Greek word logos (study of). Thus, Sociology is most literarly the study of Compamionship)**

هن لفظ کي اردوءَ ۾ ” عمرانيات“ ۽ ايران ۾ ”علم الجتماع“ ۽ هنديءَ ۾ ”سماجيات“ سڏيو ويو ٿو.

هِنَ عِلم جي باقاعدي شروعات 1839ع ۾ هڪ فرانسيسي مفڪر ” آگسٽ ڪومٽ Auguste comte, “ ڪئي، جنهن کي (Sociology) جو ابو چيو وڃي ٿو. هن پنهنجي گهري سوچ ويچار سان هڪ اهڙي منفرد سائنس جي گهرج محسوس ڪئي، جا هاڪاري اصولن پٽاندڙ سماجي لقائن جو اڀياس ڪري سگهي. سماج جي علم (سماجيات) بابت مسلمان فلسفين مان سڀ کان پهرين ابن خلدون پنهنجي ڪتاب ”مُقدمہ “ ۾ سماجياتي نظريا پيش ڪيا آهن. ان کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي مفڪرن ۽ عالمن جا الڳ الڳ رايا ملن ٿا. هربرٽ اسپينسر Herbert Spencer سماجيات جي باري ۾ لکي ٿو تہ :

> ”هيءَ هڪ اهڙي عملي تحقيق آهي، جنهن جي آڌار تي انساني معاشرا پنهنجون ارتقائي منزلون پار ڪن ٿا.“ (2)

ٻين مفڪرن جي ڀيٽ ۾ ڪاٽ پرنس سماجياتي فلسفي کي آسان ڍنگ ۾ هن ريت بيان ڪري ٿو.

> ” انساني گروهن جي بناوت ۽ ڪمن جي عملي ۽ سائنسي اڀياس جو نالو سماجيات آهي.“ (3)

دنيا جو هر شاعر پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ وارن سان جُڙيل هوندو آهي، سندس موضوع ۽ ڪردار ڌرتيءَ جي پيداوار هوندا آهن، سندس تخليق ڪي عوامي تخليق سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ سماج جي بنيادي موضوعن کي پيش ڪيو ويندو آهي. سماجيات جا پنج سؤ کان وڌيڪ قسم آهن، جن مان ڪي سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ سماجياتي فلسفي جا ڪي مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

## 1. سيني گروهن (سماج) ۾ يڪسانيت:

هن قسم ۾ هر مڪتب فِڪر وارن سان برابريءَ وارو انداز اپنايو ويندو آهي، سماج جي مڙني ڌرمن (مذهبن) جو احترام ڪيو ويندو آهي، هن قسم ۾ اهميت ڏيڻ جو بنياد اميري يا شاهوڪاري تي نہ هوندو آهي، پر هر انسان کي اهميت لائق سمجهيو ويندو آهي. سچل سائين سماج ۾ يڪسانيت بابت هن ريت بيان ڪري ٿو تہ:

جڏهن پرين پاتم جهاتِي، تڏهن حاجت ناهي حُج جي!
اَچڻ ساڻُ اُنهن جي يارو، عشقَ ڪئِي اثباتي،
سڀ ڪجھ ٿيڙم حالون محرم، وسريم ذڪر ذاتي،
چوريءَ چوريءَ يار سَچَڻ سان، ڏس "سچو" دل ڦاتي.[4]

سچل سرمست وٽ سمورن سماجي گروهن لاءِ هڪجهڙائي جو تصور موجود آهي، مت پيد، ننڍ وڏائي وارن ڳالهين کان سچل کوهين ڏور نظر اچي رهيو آهي. "سچل سائين جي پوري شاعري، انسان ذات جي جذبن رويّن ۽ احساسن وارين ڪيفيتن سان ڀرپور آهي. ڪنهن بہ انسان جو ذهن، جئين محسوس ڪري ٿو، تئين ئي سندس ڪيفيتون ظاهر ٿيڻ شروع ٿين ٿيون. انسان جا جيڪي روّيا آهن، ۽ جن حالتن ۾ انسان رهي ٿو. ان تي اهڙيون ئي ڪيفيتون طاري ٿين ٿيون. سچلَ سائين بہ معاشري جو هڪ فرد هو، سندس مٿان بہ انهن ڪيفيتن اثر ڪيو هو. جيڪي سندس ئي معاشري سان لاڳاپيل هيون. سچلَ جي شاعريءَ ۾، انساني مزاج سان ڀرپور سيئي ڪيفيتون ملن ٿيون. سندس وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي تہ هر ڳالھ کي محسوس ڪري، بنا ڪنهن خوف ۽ رک رکاءَ جي، چٽيءَ طرح سان اُها پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪري ٿو. ڪيفيتن جو اهو چٽو اظهار، جيڪو سندس شاعريءَ ۾ ملي ٿو، اهو انتهائي واضح ۽ پُراثر آهي."[5] سچل جي هڪ سِٽ آهي:

وحدت جنين وساري، تَن تَنَ مٿي اٽاسي

جن هيڪڙائي جو سبق وساريو، انهن جي مٿي ۾ ستي نہ هوندي، سچل سرمست جي ڪلام ۾ سپني گروهن جي لاءِ هڪ نظر سان ڏسڻ ۽ سماج جي هر فرد کي هڪ جيتري عزت ڏيڻ جا انيڪ مثال موجود آهن. سماجياتي فلسفي ۾ چرندڙ سماجيات هڪ مکيہ موضوع آهي، جيئن هيٺ بيان ڪيو ويو آهي.

## چرندڙ سماجيات (Dynamic Sociology)

سماجياتي فلسفي جي هن قسم ۾ انساني شعور پنهنجي پنهنجي تجربي مان فطري ماحولَ ۾ تبديليون آڻي ٿو ۽ عام انسانيت لاءِ ڪيترا ئي سُکَ ۽ سهنج پيدا ڪري ٿو. هن علم جي وسيلي سماج جي ارتقا جو اڀياس ڪيو ويندو آهي، هي هڪ اهڙي سائنس آهي، جنهن ۾ سماج جي ضروري ڦيرگهير بابت ڄاڻ ملي ٿي. انسان پنهنجو ذهن ڪتب آڻيندي فطري ماحول ۾ تبديليون آڻي سگهي ٿو، پر سماجي ماحول کي پڻ بدلائي سگهي ٿو. هن ۾ انساني ارتقا ۽ ان جي طريقن جو بحث ڪيو ويندو آهي. چرندڙ سماجيات جا ذيلي عنوان هيٺ بيان ڪجن ٿا.

### i سماج جي ارتقا:

هن علم ۾ سماج جي پيچ ڊاھ بابت بحث ڪيو ويندو آهي، سماج ڪيترن مرحلن مان گذرندي ارتقا جون منزلون طئہ ڪندو اڳتي وڌي ٿو، سماج پنهنجي جوهر ۾ ڏکن مان سک / پيچ ڊاھ مان آساني ۽ سولائي جي طرف هر وقت ارتقا ڪندو رهي ٿو. سچل سائين سماج جي ارتقا کي مشڪل کان آسان جي سائنسي ۽ فطري طريقي مطابق عام فهم ڍنگ ۾ بيان ڪندي چوي ٿو تہ:

ڏکن منجهان سُک، مون تا لَڌا جيڏيون،
ڏوريندي کي ڏک، سونهان ٿيڙا سَڄڻان. [6]

سماج مختلف ڏکيائن ۽ تڪليفن مان سهنجائي ۽ سوَلائي جي پاسي ارتقا ڪندو رهي ٿو، سماج ۾ لکين سال اڳ جا انسان انيڪ بنيادي سهولتن کان وانجهيل هيا، انهن پنهنجين زندگين جو نذرانو ڏئي ڪيترائي تجربا ڪيا. سماجياتي فلسفي ۾ سماج جي ارتقا مڪمل فطري انداز سان اڳتي وڌندي رهي آهي، تڪليفن کان پوءِ ئي مسرت ۽ ڪاميابي پلئہ پوندي آهي. سماجياتي فلسفي ۾ سماج جي ڦير گهير عنوان ہين عنوانن جي پيٽ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. سماج ۾ ڦيرگهير عنوان هيٺ بيان ڪيو وڃي ٿو.

### ii سماج ۾ ڦيرگهير:

سماجياتي فلسفي جي هِن قسم ۾ ماحول ۾ ڦيندڙ ڏاڍ ۽ ظلم ۽ طاقت جي بُنياد تي اڻ ٺهڪندڙ تبديليون بحث جو موضوع هونديون آهن. اهڙين تبديلين سان سماج جو معاشي، سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي توازن ٽٽي پوي ٿو ۽ عوام ڪسمپرسيءَ واري حالت ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿو.

وقت اها ٿي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي،
ميڙي ويندئي مغربي- تاريڪيءَ ۾تير،
ڇڏي ويندئي ڇپرين، ڊونڊين سندا ڍير،
متان ٿئي اويل، اولهه سج نہ اُلهي. [7]

سماج هر وقت نئين توڙي وڏن محرڪن سبب تبديلي جي عمل ۾ رهي ٿو. سچل سرمست سماج جي ڦيرگهير ڪي بيان ڪندي سياسي بصيرت جو مظاهرو ڪيو آهي، هو (سچل) پنهنجي مارن کي سماج جي اماني ڦيرگهير کان اڳواٽ خبردار ڪندي چوي ٿو تہ مغرب جا لٽيرا اوهان جي ڌرتيءَ تي قابض ٿيندا، انهن سان منهن ڏيڻ لاءِ تياري ڪريو.

### iii فطري ماحول ۾ تبديليون:

انسان پنهنجي ادراڪ ۽ فهم سان سما ج ۾ تبديليون آڻي ٿو، اهڙين تبديلين لاءِ هروقت ڪوشان پڻ رهي ٿو ان هوندي بہ ڪيترائي اهڙا فطري لقاءَ آهن جن جي اڳيان انسان لکن سالن کان بيوس ۽ مجبور آهي. فطري ماحول ۾ تبديلين سبب انسان جا اَهنج وڏن ٿا، اهڙيون فطري تبديليون ڪٿي آسائش، سڪون ۽ خوشحالي جو ڪارڻ بڻجن ٿيون تہ ڪٿي وري اهنج، ڏک ۽ تڪليفن کي وڌائين ٿيون. فطري تبديلين بابت سچل سرمست هن ريت بيان ڪري ٿو، تہ:

اول آنتي آئِي، پويان ٿي برسات،
رعد جي رڙين ۾، پيٽي نہ هُئي باتِ،
ويچارين ورن جي، وائِي هُيڙي واتِ،
متان وسَڻ، هيٺان چَڪڻ، سيءَ مُيون سڀ رات،
پِرهہ ڦٽي پريات، ڪٽڪان ڪانڊين گڏيون.[8]

سچل سرمست سماجيات کي بيان ڪندي فطري جبر اڳيان انسان کي بيوس، لاچار ۽ ڪمزور ڏيکاريو آهي، انسان پنهنجي حرفت ۽ چالاڪي سان ڪيتريون ئي تبديليون آنديون آهن، پر فطري جبر اڳيان مجبور آهي. دنيا ۾ پلي ڪيترو به صحتمند سماج ڇو نہ هجي، اهو بہ فطري جبر اڳيان مجبور آهي.

## علم جي حيثيت ۾ (Field of Knowledge)

هن علم جو بنيادي ڪم ماڻهن بابت اطلاع ۽ معلومات گڏ ڪرڻ آهي تہ هو پنهنجي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪهڙي ريت زندگي گذاري رهيا آهن سندن مکيہ مسئلا ڪهڙا آهن رهڻ جا طور طريقا بحث جو ضوع بڻجن ٿا. مطلب تہ علم جي حيثيت ۾ سماجيات شروعاتي طور عقلمندي، ڏاهپ ۽ قرباني سيکاري ٿي. علم جي حيثيت ۾ عنوان کي هيٺ ذيلي عنوانن ۾ ورهائي سچل سرمست جي ڪلام مان ان سان ٺهڪندڙ بيت پيش ڪيا ويا آهن.

### i ماڻهن بابت ڄاڻ

سماجيات جي هِن علم ۾ عام خلق جي نفسياتي معاملن جي اکيڙَ ڪئي ويندي آهي تہ اُهي سَماجَ ۾ هڪ ٻئي سان داخلي / نفسياتي معاملن ۾ ڪهڙو رويو رکن ٿا. سچل سرمست سماجياتي فلسفي جي عنوان ۾ عوام جي نفيس ۽ نازڪ خيالن جي اُٽتِ هن ريت پيش ڪري ٿو

ماريَس انهيءَ مامِري، هوتَ ڪندين ڪو هيئن،
سا تا ڪيئي پانهنجي، جاني وٽِيِئي جيئن،
جهڙي پُنهل تو ڪَئي، آءٌ پُڻ ڪريان تيئن!
ڪان وِنندي ڪڏهين، نالو سَندو نيهن،
وري وهاريو ويجهڙو، ”سچو“ پنهنجي سِيئن. [9]

سماجياتي فلسفي ۾ سچل سرمست مارن جا نفيس جذبا وڏي عرق ريزيءَ سان پيش ڪيا آهن، جن ۾ سندن روح جي رڙ جي چٽي ترجماني ملي ٿي.

### ii زندگي گذارڻ جو طريقو:

هِن علم ۾ اها سڌ پوي ٿي تہ انسان پنهنجون داخلي خواهشون ترڪ ڪري، پنهنجي پريءَ جي زندگي گذارڻ واري ڍنگ کي اهميت ڏئي ٿو. اهڙو ئي نج خيالن جو اظهار سچل سرمست هن ريت بيان ڪيو آهي.

حَبِيبن ڏانهن هِيئَن، اَديون لِکجي آئيو،
تہ تون مون سان جيئَن، آءٌ تيئن تو سان آهيان.(10)

سچل سرمست سماجياتي فلسفي جي شاعراڻي رنگ ۾ تشريح ڪندي پنهنجا سمورا آدرش ڇڏي، پرينءَ جي انداز ۽ طريقي سان حياتي گهارڻ کي اوليت ڏئي ٿو، ان وانگر ٿيڻ کي وڏيڪ اهميت ڏئي ٿو. هيٺئين بيت ۾ سچل سرمست چوي ٿو تہ:

نَئون لِکيو آيوم، پريان سندي پار ڏنهن،
سو لُونءَ پَريو لايوم، وڻِي حال هيانوَ سان.(11)

زندگي گذارڻ جي حوالي سان سچل سرمست جو وڏيڪ خيال هيٺ پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ هو پنهنجي آسائش، فريب ۽ ٺڳيءَ کان پري رهندي صاف سادي زندگي گذارڻ کي ترجيح ڏئي ٿو.

بزرگ شيخ، مشائخ يارو! نا مخدوم ٿيا سي،
نڪي قاضي نڪي ملا، معلم پير ٻٽيا سي،
نڪي ٺاه ٺڳيءَ جا ٺاهي، رنگ رساءَ رکيا سي،
سچا ٻاجهون عشق الله جي، ڪوئي هنر نہ سکيا سي.(12)

## ڌنڌي جي حيثيت ۾ (Field of Profession)

ڌنڌي واري ميدان ۾ سماجيات جون ٻہ مکيہ شاخون آهن. سکيا ۽ کوجنا، جن کي هيٺ سچل سرمست جي ڪلام مان مثالن سان پيش ڪيو ويو آهي.

### i سکيا:

سماجيات جو ڳانڍاپو فرد ۽ سَماجَ سان آهي، ان ڪري ڪيترائي ادارا سکيا جي مقصد لاءِ کوليا وڃن ٿا. اهڙي سِکيا جيڪا سَماجَ ۾ رَهندي سَماجَ کي نَونِ آدرشي قدرن تي هلڻ لاءِ عملي ڪوششون ڪرائي، جيئن سَماجَ مان جهالت، اڻ ڄاڻائي ۽ دقيانوسي سوچ مڪمل ختم ڪري سگهجي. سچل سرمست چوي ٿو تہ:

ويهہ نہ وساريج، متان ماٺ ڪري وهين،
قول اهو پاريج، هو جو ڪِيڙئي هوت سان.(13)

جيڪا سکيا ڏني ويئي آهي، ان سکيا سان گڏ تنبيهہ پڻ ڪئي ويئي آهي تہ متان خاموش ويهي رهين ۽ ڏنل سبق (سکيا) وساري ڇڏين. سچل سرمست اهو واعدو وفا ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو جيڪو سکيا وقت ورتو ويو هيو.

### ii کوجنا:

سماجياتي فلسفي ڪي ڪوجنا جو علم بہ سڏبو آهي، چاڪاڻ تہ سماجيات جو جڙاءُ سماج سان ئي آهي ۽ سماجيات جو اصل ڪم سَماج کي سڌارڻُ آهي. سَماج جو آدرشي فلسفي انسان پهرين اها ڪوجنا ڪري ٿو تہ سَماج جو عام ماڻهو ان تبديلي يا نئين فڪر کي قبول ڪندو يا نہ اهڙي خيالن جو عڪس سچل سرمست جي ڪلام ۾ بہ پسي سگهجي ٿو.

ڏکن منجهان سُک، مُون تا لڌا جيڏيون،
ڏوريندي کي ڏُک، سونهان ٿيڙا سَڄڻان.[14]

سچل سرمست سماجيات کي بيان ڪندي چوي ٿو تہ ڏکن سان گهاريندي جستجو ۾ ڪوجنا ڪندي سکن ( آرام، آسائش) جو گس لڌوسون، ڪوجنا ڪندي ڪندي ڏکن سان ساڻ نڀائيندي سڄڻن ڪان پڻ واقف ٿياسين.

### جوابدارين جو احساس:

سماجيات (Sociology) سماج جو علم آهي ۽ سماج جو بنياد انسان آهي، انسان سان سماج جو لاڳاپو ئي سماجيات Sociology جي بحث جو موضوع آهي. سماجيات Sociology جي ذريعي هڪ فرد ٻئي سان سٺا لاڳاپا قائم ڪري ٿو. سماجيات Sociology جي ذريعي هڪ فرد کي پنهنجي جوابدارين جو احساس ٿئي ٿو.

راڻي ڪارڻ ٿِي روئي، محل چڙهي مومل،
سُهڻي گِهڙي سِيرَ ۾، آٿي عشق اَجهلَ،
سَسئيءَ گوندر گهاريا، پُنهوءَ ريءَ هتِ پلَ،
ڪڏهن ٻُڏي ڪانڪا، جهانگيڙن تي جهلَ،
سِڪَ "سچوءَ" کي سرتيون، ڪيا هِنيڙي اندر هَلَ.[15]

سماجياتي فلسفي ۾ سماج جو ڪارآمد ۽ ذميوار فرد اهو ليکيو ويندو آهي، جنهن کي پنهنجي جوابدارين ۽ ذميوارين جو احساس هجي. سچل سرمست سماجي جوابدارين جي احساس کي هر سورمي جي واتان بيان ڪرايو آهي، جنهن ۾ هر ڪردار پنهنجي جوابدارين کي نڀائيندي نظر اچي ٿو.

### عوام سان جڙيل عنصر:

سماجيات Sociology ۾ انسانن جا گڏيل عمل اچي وڃن ٿا، جن ۾ سماجي تنظيم ۽ ادارا ، ڳوٺاڻي سماجيات، سماجي سماجيات ۽ ثقافت شامل آهن.

### i سماجي تنظيم ۽ ادارا:

هڪ فرد ابتدا کان انتها تائين سماجي اداري جو محتاج هوندو آهي ۽ ڄمڻ کان ويندي مرڻ وقت به سماجي اداري يعني مذهبي اداري جو محتاج هوندو آهي. عوام سان جڙيل عنصر جن ۾ عام خلق جي ڪنهن عنصر بابت الڳ الڳ قسم جي راءِ هوندي آهي، اهڙي خيالن جو اظهار سچل سرمست جي ڪلام منجهان هيٺ بيان ڪجي ٿو.

ڪو مومن چوي، ڪو ڪافر چوي، ڪو جاهل نالو ظاهر چوي،
ڪو شاعر چوي، ڪو ساحر چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.[16]

سچل سرمست عوام سان جڙيل عنصر جي سري هيٺ عام خلق جي نفسيات کي بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ هر مڪتب فڪر جا خيال پيش ڪيل آهن، سماج ۾ ڪنهن به هڪ عنصر تي عام ماڻهو پنهنجي پنهنجي سوچ، عقل، شعور ۽ سماجي ڄاڻ مطابق راءِ ڏيندو آهي، مٿئين بيت ۾ سچل سائين پڻ اهڙن ئي خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

### ii ڳوٺاڻي سماجيات

سماجيات جي هن شاخَ ۾ ڳوٺن جي سماجي زندگي بابت بحث ملي ٿو. هِن سماجيات ۾ ڳوٺن ۾ رهندڙ زندگي جو گهرو اڀياس ڪيو ويندو آهي، ته هو ڪهڙي ماحول ۾ زندگي بسر ڪن ٿا. ان کي سچل سائينءَ جي شعرن ۾ به پسي سگهجي ٿو. جنهن ۾ وعدي ۽ وچن نڀائڻ جي روايت کي هٿي ملي ٿي:

ويهه نه وسارج، متان ماٺ ڪري وهين،
قول اهو پاريج، هو جو ڪيڙئي هوت سان. [17]

سچل سرمست ڳوٺاڻي سماجيات جي اخلاقياتي جوهر ’قول پاڙڻ‘ کي اجاگر ڪيو آهي، ڳوٺاڻي زندگيءَ جي اصولن موجب ڪنهن به ڪيل قول پاڙڻ جو پابند ٿيڻو ٿو.انڪري ڳوٺاڻي سماجيات ۾ وڻج واپار يا ڏيتي ليتي، زبان تي دارومدار رکي ٿي، ان لاءِ ڪنهن لکت جو سهارو نه ٿو وٺڻو پوي.

## سماجيات Sociology ۽ تاريخ

گذريل تهذيبن جي علم کي تاريخ چئجي ٿو هن ۾ ماضي جا سمورا واقعا ڏنا وڃن ٿا ۽ اهي اهڙي ترتيب سان ڏنا ويندا آهن، جنهن سان اهي پوري طرح ظاهر ٿي سگهن ٿا تہ انهن واقعن جا سبب ڇا آهن. سماجيات ۽ تاريخ بابت مٿي ڪيترائي سچل سرمست جا بيت اچي چڪا آهن.

اولهہ سج نہ اُلهي، متان ٿيئي اَويـر،
ميڙي وينديئي مغربي، تاريڪيءَ ۾ تير،
ڇڏي ويـندءِ ڇپرين، ڏونڊين سندا ڏير،
مرد ڏين ٿا مام ۾، ماٿيڪي مٿير،
وَجه آٿي وِجهہ پـاڻ ۾، هيـڪڙائيءَ هير،
ناسودي ناخير، نپٽُ پـوءِ نابـود ڪر.[18]

## نتيجا:

سماجياتي فلسفي جي عام فهم معنيٰ سماج جو علم ٿيندي. سچل سائينءَ وٽ سماجيات روشن خيالي، انسان دوستي، مذهبي رواداري ، امن ۽ يگانگت واري سوچ تي ٻڌل آهي. سچل سائينءَ جي فڪر جو انداز ۽ لهجو گهڻو زوردار، گرجندڙ، رندي ۽ انقلابي آهي. انسان سماج کان سواءِ زندگي نہ ٿو گهاري سگهي. سماج ۾ رهڻ سان ئي انسان پنهنجون مذهبي، اقتصادي، سياسي، جنسي ۽ ٻيون بنيادي گهرجون پوريون ڪري سگهي ٿو.

دنياوي گهرجن جي پورائي لاءِ ئي انسان گروهہ ۽ ادارا جوڙي ٿو ۽ انهن گروهن جي بناوت ۽ ڪمن جي اڀياس جو نالو سماجيات آهي. هونئن تہ سماجياتي فلسفي هيٺ هر هڪ فرد جي عادتن، طور طريقن کي جاچيو ويندو آهي، پر خاص طور اهڙين عادتن ۽ طريقن تي ڌيان ڏنو وڃي ٿو، جيڪي سڀني معاشرن ۾ هجن.

سماجيات جو سڀ کان وڌيڪ وسيع شعبو ادبي ذوق جو تجزيو آهي ان جي عمل ۽ محرڪن جو مطالعو ۽ سماج تي ان جي اثرن جي نوعيت جو تعين ڪرڻو هوندو آهي.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ موجود ڪلام گهڻ-رنگي عنصرن ۾ سماجياتي پهلوءَ کي نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ جيڪا شاعري سماج جي عنصرن سان ڳنڍيل هوندي آهي ان جي افاديت ۽ امرتا ڪڏهن بہ ڏنتلي نہ ٿي، ٿي سگهي.

سچل سرمست سماج جي انهن مثبت روايتن کي اهميت ڏني آهي، جن سان وڏن جو قدر ۽ شان وڌي ٿو. سچل سرمست جي ڪلام ۾ سماجياتي فلسفي جا ڪل ئي رنگ و ڪريل ملن ٿا.

## حوالا :


1. جوڻيجو، تنوير. سماجيات جا اصول. ڄامشورو : انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ، سال، 1989،ص، 04
2. حوالو ساڳيو، ص، 05
3. حوالو ساڳيو، ص، 06
4. بخاري، مخمور ڊاڪٽر، (سهيڙ ۽ سنوار) رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام) ،ص442
5. مهر خادم، ڊاڪٽر. سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ انسان شناسيءَ واريون ڪيفيتون. ڪراچي : ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، سال 2016ع، ص ،
6. بخاري، مخمور ڊاڪٽر، (سهيڙ ۽ سنوار) رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام)، ص176
7. حوالو ساڳيو، ص 109
8. حوالو ساڳيو، ص400
9. حوالو ساڳيو، ص454
10. حوالو ساڳيو، ص436
11. حوالو ساڳيو، ص436
12. حوالو ساڳيو، ص432
13. حوالو ساڳيو، ص241
14. حوالو ساڳيو، ص241
15. حوالو ساڳيو، ص484
16. حوالو ساڳيو، ص484
17. حوالو ساڳيو، ص484

ڊاڪٽر عبدالحفيظ قريشي/ ڊاڪٽر شفيق احمد شاهاڻي

# محمد خان مجيدي جي شاعريءَ جو تنقيدي اڀياس

# An Analysis of Muhammad Khan Majeedi's Poetry


## Abstract

Muhammad Khan Majeedi was a famous poet of Sindh. His poetry mainly focuses the peasant class of Sindh where he represents the sufferings and pains of the people and inspires them to get awareness. Due to this his poetry flourished from folk poetry of Sindhi. Such type of poetry portrayed village life of Sindh.

This paper is intended to analysis Muhammad Khan Majeedi's poetry specially the poetic genre 'Nazam' in Sindhi poetry where his position is exalted. He not only focused and expressed in 'Nazm' but also used a sophisticated language with many poetic devices. This was analyzed through textual analysis of the research design and used Majeedi's poetry as main subject.

The analysis of the study shows that he composed such type of poetry from every point of literary aspects engaging various impressions, style, engaging poetic devices like metaphors, similes, compound-words, idioms,folk-sayings and many more things to represent the suppressed class. His poetic craftsmanship gave him the position of a wonderful poet of 'nazm' and in other devices.


**Keywords**: Muhammad Khan Majeedi, Folk poetry, 'Nazm', literary devices, poetic crafts.

محمد خان مجيدي سنڌي سماج جي لاڙ واري ڀاڱي جي ڪجھ اهڙن شاعرن منجهان آهي، جن پنهنجي سماج جي ڏک ۽ سک جون ڳالهيون سنڌ جي روايتي لهجي ۾ (سگهڙن وانگر) پر نئين ڍنگ، نئين مقصد سان ڪيون، اهڙو مقصد جنهن جي پوري ٿيڻ سان سماج جي چڱڀلائي، ترقي ۽ آجپي وارو مقصد پورو ٿئي ۽ حال جي هلاڪت واري چار ۾ ڦاٿل سماج، آجپي واري واٽ تي اڳيرو ٿئي.

انساني خيالن جي پهرئين لفظي تشڪيل نظم جي صورت ۾ آهي، نثر ان ڪان پوءِ واري دؤر جي تخليق آهي. معنى شعر شاعري ڪان نثر تائين وارو اهو ساهتي سفر هزارين ورهين جي ڄاتل ۽ اڻ ڄاتل تاريخ جي اتهاس ۾ لڪيل آهي.

محمد خان مجيديءَ جي گهٽي شاعري نظم صنف جي شڪل ۾ آهي. نظم سنڌ جي هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن تي لوڪ ادب ڪان وٺي موجوده جديد ادب تائين ڀرپور طبع آزمائي ڪئي وئي آهي. سنڌ جي لوڪ ادب جي جنگنامن، سينگار ۽ ٻين صنفن ڪان وٺي جديد نظم نگاريءَ ۾ سنڌ جي شاعرن پاڻ موکيو آهي. ڪئلداس "فاني"، هري دلگير، شيخ اياز، بردو سنڌي، شيخ عبدالحليم جوش، سرڪش سنڌي، ابراهيم منشي، حيدر بخش جتوئي، تنوير عباسي، نياز همايوني، سليم ڳاڙهوي، سرويچ سجاولي، عبدالڪريم گدائي، امداد حسيني، خاڪي جويو ۽ حليم باغيءَ جا نظم هڪ اهڙو ثبوت آهن، جنهن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو ته سنڌي نظم جي روايت سگهاري ٿي آهي. هنن نظمن ۾ جت ڪٿ سنڌ جو ئي منظرنامو ملندو، ان ريت جديد نظم سنڌ جي روايتي شاعريءَ جي درياءَ ۾ زندگيءَ جو وڏو تحرڪ پيدا ڪيو آهي. شمشير الحيدري جو چوڻ آهي ته،

> "جديد شاعري ڪلاسيڪي دؤر جو نئون تعبير آهي ۽ سنڌي مزاج سان موافق آهي."(1)

شمشير الحيدري جي ڪتاب "سنڌيءَ ۾ آزاد نظم جي اوسر" ۾ هو لکي ٿو ته؛

> "سنڌي شاعريءَ ۾ شروع ڪان وٺي 'نظم' جو (فطري) لاڙو رهيو آهي، ۽ 'تسلسل' ان جو فني مزاج آهي."(2)

شاعري، اندر جو اُڌمو آهي، جيڪو اوچتو ئي لفظن جو روپ ڌاري نروار ٿئي ٿو. جيئن تتل ٿر جي وارياسي ڌرتيءَ تي ڀڪرياس ڪان ڪارا ڪڪر اوچتو پڙڪو ڪائي اُڀري ايندا ۽ وسندا آهن، ۽ سڄي مانداڻ ڪي سَرهو ۽ سُرهو ڪري ڇڏيندا آهن. وسڪاري ڪان پوءِ ان ڌرتيءَ مان انيڪ نمونن جي اوڀڙ (Flora) جا نت نوان روپ پڌرا ٿيندا آهن.

اهڙي ئي شاعراڻي ذات لاءِ حليم باغي چيو آهي ته:

هي ڪهڙي ذات ڏياتي ڙي،
ڇڻ ڪارونجهر پيو ڦاٽي ڙي. (3)

نظم سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪا نئين صنف ڪانهي، سنڌي لوڪ ادب جي ڏگهن بيتن جو تسلسل، سينگار، جنگناما، مولود ۽ مداحون انهيءَ نظماڻي صنف جو ئي قسم آهن.

مولوي احمد ملاح ۽ ابراهيم منشيءَ جا ڪيترائي مسلسل غزل اصل ۾ نظم ئي آهن.

شمس الدين عرساڻي، محمد خان مجيديءَ کي "ضمير جو شاعر" قرار ڏيندي، هن جي ٻئي شعري مجموعي "مٽي منهنجي مٽي آهي" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته:

"مجيدي چڻ ته ٻوليءَ جو بازيگر آهي. نظم لکڻ وقت هن جي پٺاري ۾ بجڪي مان ٻول نچندا ٽپندا نڪرن ٿا. عام انداز جا فقرا ۽ سخنيون (Phrases) ٿاهيندا، جز ڪلام بنجي وڃن ٿا. هو پنهنجي فن ۾ ادبي دستگيري يا سخنوريءَ بدران عام وهنوارڪ ٻوليءَ تي تڪيو ڪري ٿو. اهڙا ٻول جيڪي هڪدم زبان مان ادا ٿين، تن کي اُڇڇل ٻولي يا اُجهڪو ٻول چوندا آهن ۽ اهو ئي گڻ سندس ڪلام کي سيبتو ۽ بامعنيٰ بنائي ٿو. توهان انهن ٻولن کي (Free Talk) به چئي سگهو ٿا. هم ڪلامي يا تخاطب جو اهڙو انداز جڏهن ٻولي يا ادب ۾ اختيار ڪيو ويندو آهي، تڏهن انگريزيءَ ۾ Doing Things off hands جهڙن لفظن ۾ به عموماً ان جي تشريح ڪئي ويندي آهي، يعني ٿاهي ٺوڪي گفتگو ڪرڻ، ڳالهائڻ يا تهذيب يا ڪلچر جو رنگ چاڙهڻ بدران بلڪل عام وهنوارڪ نموني سان چٽڪو بنائي ڳالهه ڪرڻ يا هم ڪلام ٿيڻ آهي. انگريزيءَ ۾ ان ڏوپار ڳالهائڪ ٻولي کي Slangs چوندا آهن ۽ سنڌيءَ ۾ ان کي سُبڪي ٻولي يا وري آسانيءَ خاطر صرف سُبڪيون چئي سگهون ٿا.[4]

جهڙوڪ:

ليبر جنهن کي نڪ نه آهي،
تنهن جي منهن تي نڪڙو چئجي.[5]

"نڪ نه هجڻ" بلاشڪ سنڌي ٻوليءَ جو سادو ۽ نبار اصطلاح آهي، مگر نڪ کي نڪڙو چوڻ ان شاعر خوش ذوقيءَ واري اظهار ۾ سهڻي سٽار (طنز) ڪئي آهي،

جنهن سان ليبر جي شاطرانه شخصيت ۽ ورڪر جي ايماندارانه شخصيت هڪ ئي سُبڪي ۾ ظاهر ٿي وئي آهي. شاعر جو چوڻ آهي ته پبلڪ ۾ ليبر جي اهميت يا لڄ جو جيڪو ڀرم آهي، سو صرف ورڪر جي محنت سببان آهي. اهو مطلب تمام خوبصورت انداز ۾ ادا ٿي سگهيو آهي. مجيدي جي هڪ نظم ”ٻاٻيهن سان ٻول ڪريون ڪي“ جي هر بند ۾ اهڙي ڳالهه مهارڪ انداز ۾ چيل آهي.

پنهنجائپ ۾ پنهنجا ويجها،
ڏاتي ڏول ڀٽول ڪريون ڪي.

❊

قوم مٿان سر گهورڻ وارا،
پيدا اول، اڏول ڪريون ڪي.

❊

فهم فراست محنت سان ئي،
سانگا سانگي سٽول ڪريون ڪي.(6)

محمد خان مجيدي پنهنجي شاعريءَ واري فن ۾ پنهنجي طرز جو يڪتا استاد آهي. هن جي ڪلام جو تاثير توڙي فني انداز ۾ آمريڪا جي شاعر، والٽ وٽمين، جي شاعري سان گهڻي مشابهت رکي ٿو. اهو حسن اتفاق چئبو جو مجيدي ۽ وٽمين جي فن توڙي زندگي ۾ ڪيترين هڪجهڙاين ملن ٿيون. سندن مشاهدي ۽ تجربي ۾ اهم آهنگي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پنهنجي عملي زندگي جو آغاز ٻنهي شاعرن هڪ استاد جي حيثيت ۾ ڪيو. هو اُميدون پوکڻ ۽ ورهائڻ وارن شاعرن مان هو. هن جي شاعريءَ ۾ مزاحمت ملي سگهي ٿي، پر نراسائي ڳولڻ سان به نه ملندي.

باقي نه هتي باقي نه رهيو، ارغون نه ڪو ترخان رهيو،
هت سنڌ رهي، مهراڻ رهيو ۽ سنڌي مرد مهان رهيو.(7)

❊

قومن تي ڪن وقتن تي، ڪي مشڪل ڏينهن به ايندا آهن،
مشڪل ٽارڻ ڪارڻ ميدانن ۾ شينهن به ايندا آهن. (8)

ٻوليءَ جي هڪ تخليقڪار طور هُن جي سچي شاعريءَ ۾ محبت، عظمت ۽ خدمت سڀ ڪجهه آهي.

## (الف) محمد خان مجيديءَ جي شاعريءَ جو اڀياس:

محمد خان اسلوب نج عوامي آهي، هن جي شعرن منجهان مينهن وٺي ڪان پوءِ ڌرتيءَ مان ايندڙ هڳاءُ ايندو آهي، هن جو شعر پڙهندي هر عام ماڻهوءَ کي ائين ڀاسندو آهي تہ هو بہ اهڙا شعر چئي سگهي ٿو، پر جڏهن ڪوشش ڪبي تہ پروڙ پوندي تہ اهڙي شعر جي تخليق ايڏو آسان ڪم ناهي. اهڙي شعر جي تخليق لاءِ ڌرتي ۽ ڌرتي واسين سان اڻ ميو پيار ۽ سُڀنا رکڻ پهريون شرط آهي. ٻي ضروري ڳالهہ پنهنجي قومي تاريخ جو مطالعو، ٻولي ۽ لغت جي ڪامل ڄاڻ رکڻ بہ ضروري آهي. ٽين اهم ڳالهہ شعر چوڻ جو هنر آهي. حليم باغي هڪ ڪچهري ۾ چيو تہ: ”شعر جي تخليق لاءِ ڀانُ ( خيال)، لانُ (سُپنا) ۽ ڏانءُ (هنر) ضروري عنصر آهن.

محمد خان مجيديءَ جي سچي شاعريءَ ۾ خيال، مقصد ۽ هنر ٽئي هڪ ٻئي سان ڳتيل ۽ پوئيتل آهن.

### عوامي ٻولي:

محمد خان مجيديءَ جي شعر جي ٻولي عوامي آهي. هو عام محاورو استعمال ڪري ٿو، ڇو تہ سندس مخاطب سنڌ جو عوام آهي، هن جي شاعري جو مرڪز پورهيت طبقو ۽ وطن دوست ماڻهو آهن، هو سادن لفظن ۾ مشڪل ڪان مشڪل ڳالهہ ڪري وجي ٿو.

جهڙوڪ:

ڏانگي توتان ڏنگ نہ ڇنيو، ويترُ ڇهتايا تو نانگ،
نانگ تہ هڪڙو ڏنگ هنيو ٿو، پر ڏانگي تنهنجا ڏهہ ڏهہ ڏنگ. (9)

مسيحا جي علاج ڪرڻ بدران وڌيڪ زخم ڏيڻ وارو اهو مثال ان کان وڌيڪ سولو ۽ سهنجو نٿو ٿي سگهي.

1. ماڃر جي خوشبوءِ: هن جي شعر ۾ سچو ماڃر جو ملڪ جهلڪا پيو ڏيندو. هڪ نظم ”ڪڇڻ پڇڻ منهنجو بند“ ۾ مجيدي صاحب چوي ٿو تہ:

ڀاڀوڙا پوشاڪون تن جون،
گوڏ ۾ جن جي آهن گند.(10)

هن جي شعر ۾ ڪينجهر جون لهريون آهن.

جهڙوڪ:

سمي سلطان کي نوري، بنايو ڇام ڪينجهر جو،
وڏايو ڇام ۾ نوري، نزاڪت نام ڪينجهر جو. (11)

2. شعري موسيقي: محمد خان مجيديءَ جي شاعريءَ ۾ غنايت جو عنصر اُتم صورت ۾ موجود آهي، موسيقي جو اهو رنگ اُڌارو ڪونهي، پر لوڪ راڳ جو رنگ هن تي حاوي آهي، بلڪل ائين، جيئن اسان جون مائرون پنهنجي ٻارن کي لولي ڏينديون آهن. جيئن جيجي زرينہ جا ڳايل لوڪ گيت هجن:

جهڙوڪ:

منهنجي ٻارڙي کي لوڏو ڏيو،
آءُ ٻاٽيءَ تي ٽي وجان!
هن کوهر جو ڪارو ٻاٽي،
مٽي تي ٽي وجان. (لوڪ گيت)

❊

ساڳي ريت ساڳئي ڪمال سان مجيدي چوي ٿو تہ:

ڪنهن جو ڪان نہ ڪيرائيندو،
هاڻ قطارن مان ڪا ڪونج،
ڪونجون ڪوٽن منجھ ڪڙائي،
قيد نہ ڪندو ڪوئي سنڌ. (12)

محمد خان مجيديءَ جي شاعريءَ ۾ لوڪ موسيقي جو رنگ غالب نظر اچي ٿو.

جهڙوڪ:

مٽي منهنجي مٽي آهي،
جنهن ۾ سنڌو چٽي آهي.

❊

مٽي مٽيان مورئون ڪين،
هن جي اُلفت ٻيائيان دين. (13)

هو ساڳئي لئي ۾ جهونگار سان چوي ٿو تہ:

اڄ دودن، جوڌن، ارڏن جي،
ڪنهن تاب تنون جي ڳالھ نہ آ.

❊

هي ڳالھ جمهور جي ڏاڙن جي،
ڪنهن فر فرعون جي ڳالھ نہ آ.[14]

مجيديءَ جي شاعريءَ جي موسيقي سنڌ جي لوڪ موسيقيءَ جي رنگ ۾ رنگيل آهي، ”اهائي بنيادي موسيقي آهي، جنهن جي آڌار تي موسيقي جا سمورا رنگ جُڙيا آهن. ’ازرا پائونڊ‘ لکيو آهي تہ: شعر جو هڪڙو نمونو اهڙو آهي، جيڪو اُن ٻوليءَ جي، نہ ڄاڻوئن جي ڪنن تي بہ پوي تہ هُو ان ۾ لفظن جي موسيقيت/ غنايت ڪي محسوس ڪري سگهندا.“ ساڳيءَ ريت محمد خان مجيديءَ جي شاعريءَ ۾ لفظن جي رواني ۽ غنايت ڪي صاف محسوس ڪري سگهجي ٿو.

جهڙوڪ: ”مينهن وريو“ مان ڪجھ سٽون هن ريت آهن:

دنگ دڙا، گهاٽ گهڙا، ٺاڪ ٺڙا تار ترن،
ٺاڪ رسيو ڄاڻ ٺريو، مينهن وريو ڪار ڪري.

يار اچو هر ڪٽي، ريج ڪيا مينهن ڪٽي،
ٻج ڇٽيو ڏن ڏريو، مينهن وريو ڪار ڪري.[15]

## مرڪب لفظن جو واهپو:

محمد خان مجيديءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترائي لفظ مرڪب ڪري ڪتب آندا آهن. مرڪب لفظن جي واهپي بابت سڳن آهوجا، نارائڻ شيام جي شعري مجموعي روشن ڇانورو جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ:

”سنسڪرت، هندي توڙي انگريزي ٻوليءَ جي شاعرن وٽ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظن کي پاڻ ۾ گڏي نوان مرڪب لفظ ٺاهڻ جو رواج عام آهي. انهيءَ رواج انهن ٻولين کي وڌيڪ مائيدار بنائڻ ۾ هٿي ڏني، جن خيالن ۽ جذبن جي اظهار لاءِ ٻوليءَ کي وڌيڪ رنگين ۽ وسيع بڻايو آهي.“[16]

محمد خان مجيديءَ جي شاعريءَ جو اڀياس ڪنداسون تہ هن وٽ بہ ساڳي روايت نظر ايندي.

جهڙوڪ: نظم ”هونداسون گڏ“ ۾ چيو اٿس:

ٽيندا ڪم آسان جڏهن هت،
مارو خوش خندان جڏهن هت.

يا جيئن نظم، ”ڏي جواب!“ ۾ چيو آهي تہ:

ڀل ڀيلي قوم جا تو،
هاءِ ڪيا ڀيلاڙ ڀينگ.

جهڙوڪ: نظم ”هي تان ٽاٽو بولا خان“ ۾ چيو آهي تہ:

ڪجي پاٽي هڪڙي هنڌ، ڪو جوڙي شاهي بند،
پڪڙن پوڪون ڪٽڪ ڪمند، بنجن موڙيون رستا رند. (17)

يا هي نظم، ”سارين جو رونبو“ ۾ هن چيو آهي تہ:

اوڙي پاڙي ساڻ وهن ٿا، گڏجي آبت وارن سان هو،
آبت وارن جي ڪن آجيان، دهلن ۽ يڪتارن سان هو.

❊

ٿورا مور نہ ٿورا چئجن، ٿورن لک هزارن سان هو،
گلڙا گلڙا چاڻ سجايا، رهندا گل گلنارن سان هو.

❊

سمجهي سرچي سرڪا ٽيندا، ڪامورن ڪمدارن سان هو،
پاٽيهي سي پورا پوندا، زوراور زردارن سان هو.(18)

جهڙوڪ: پاڻ نظم ”چونديو سو اڳواڻ“ ۾ چيو اٿس تہ:

هي جو ڪامل ڪشتي بان،
چوندي چونديون سو اڳواڻ.

جهڙوڪ: نظم ”پنهل جا ڀيرا“ ۾ سهنجي ۽ اهنجي صورتحال جي ڀيٽ ڪندي چوي ٿو:

اهي سڪن جون بهار بستيون،
ڏڪن جا ديرا اجا بہ اڳتي.

❊

اهي نہ اُڏامي لڳن ٽيون ڪڪريون،
چڙاڪ چيرا اجا بہ اڳتي.

❊

اهي ڀلايون ڪندا اچن ٿا،
ڀلا ڀليرا اچا ٻه اڳتي.[19]

مٿين مثالن مان "خوش خندان"، "ڀيلاڙ ڀينگ"، "رستا رند"، "يڪتارن"، "گل گلزارن"، "ڪامل ڪشتيبان"، "بهار بستيون"، "چڙاڪ ڇيرا" ۽ "ڀلا ڀليرا" مرڪب لفظ آهن، جن ڪي تمام خوبصورتيءَ سان محمد خان مجيديءَ پنهنجي شعرن ۾ سمويو آهي.

## ڪوجهن لفظن ۾ حُسن جي اوت ڏيڻ:

شاعريءَ جي تقاضا آهي تہ ان ۾ نفيس، سهڻا ۽ سلوڻا لفظ ڪتب آندا وڃن، پر سنڌ جي ڪلاسيڪي شعر ۾ اُگرا لفظ بہ استعمال ٿيا آهن، پر اهي انهيءَ ڪمال حُسن سان شعرن ۾ جڙيا ويا آهن، جو شعرن ۾ چُنريءَ جا لاڪ رتا رنگ اچي ويا. اِهو ڪمال شاهہ لطيف جي ذهني پورهئي جو آهي، جو هن ڪوجهن لفظن کي بہ حُسن عطا ڪيو آهي.

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪُوڙيون، مور نہ موچاريون.

❊

اڳي اُٺ رڙن، مون ڀيري ماٺ ٿي.

❊

ڪاڄ جن جا ڪڳيون، مال جن جا مڏ،

سمي سي ئي سيڻ ڪيا، هيڻا جن جا هڏ،
جام پرتئي لڏ، ساٿين جي سيد چئي.[20]

لطيف سائين کان پوءِ شيخ اياز، نارائڻ شيام ۽ ٻين بہ اهڙا غير شاعراڻا لفظ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪتب آندا آهن ۽ انهيءَ سُندرتا سان گڏ، جو اهي لفظ جَرڪي اُٿيا آهن. ساڳيءَ ريت محمد خان مجيديءَ بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙن لفظن جو ساڳيءَ ريت واهپو ڪيو آهي.

جهڙوڪ:

ناني نوري تنهنجا گندرا،
گوندر ۾ ٿا ڪن گذران،

پاپوڙا پوشاڪون جن جوب،
گوڏ ۾ تن جي آهن گند.[21]

پنهنجي نظم ”جيئي جيئي شاهه ڀٽائي“ ۾ وري هيئن به چوي ٿو ته:

هيءَ جا ڇاڇر ڇيچ، ڏسين ٿو،
رنڍيا تنهن ۾ ريچ ڏسين ٿو.[22]

پنهنجي نظم ”ساڍي ست ورهي ٿي پوري“ ۾ وري هيئن به چوي ٿو ته:

گندي ساڳي، گوڏ به ساڳي،
لاڪيٽن جي لوڏ به ساڳي،
گپ به ساڳي ترڪڻ ساڳي،
ڦاهي ساڳي سرڪڻ ساڳي.
گهٽ به ساڳيا گهيڙ به ساڳيا،
مارڻ وارا ميڙ به ساڳيا،
ساڳيو لنبوسي لنگوري،
ساڍي ست ورهي ٿي پوري.[23]

هنن شعرن ۾ گند، پاپوڙا، ڇاڇر، ڇيچ، ريچ، گوڏ، گپ، ترڪڻ، ڦاهي، سرڪڻ، لنبوسي ۽ لنگوري غير شاعراڻا لفظن آهن، پر اهي لفظ شعر کي سگهارو بڻائين ٿا ۽ هڪ تُز مفهوم ۽ پيغام ڏين ٿا.

## سگهڙن وارو فن:

محمد خان مجيديءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌي لوڪ ادب جو حسن ڪٿ ڪٿ وڏيڪ جهلڪا ڏي ٿو، ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هن تي لوڪ ادب جو اثر ڪجهه وڏيڪ نظر اچي ٿو، هن جو هي نظم، لوڪ ادب جي ”عاقلاڻي قولن“ جهڙو آهي، نظم هن ريت آهي:

پورهيت جي ٻانهن ۾،
ايرن جي دانهن ۾،
سارو سنسار آهي.

*

سخي جي ماني ۾،
يار جي يارانيءَ ۾،
خُدا جو پيار آهي.[24]

## سنڌي اصطلاح، ترڪيبون ۽ تشبيهون:

محمد خان مجيدي جي شاعريءَ ۾ سنڌي پهاڪا، اصطلاح، ترڪيبون ۽ تشبيهون اوج تي نظر اچن ٿيون. هن سنڌي نظم کي ٺيٺ عوامي سنڌي لهجو ڏنو آهي. هاريءَ جي پُٽ ۽ اُستاد هئڻ واري حيثيت ۾ هن جو ڳوناٽو مشاهدو، هن جي شاعريءَ جو وڏو ڳڻ آهي. مٽان وري وطن دوستيءَ واري فڪر هن جي نظمن کي امر ڪري ڇڏيو آهي، اهو ممڪن آهي ته اڳتي هلي سندس شعري سٽون، پهاڪا، محاورا بڻجي سنڌي ٻوليءَ ۾ عام رواج ۾ اچن ۽ وڏيڪ سونهن پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجن.

جهڙوڪ:

- ❊ گهٽا گڏجن ڇپر ڪڇي، ڏنڊو ڪڇي پاڙي پڇي.
- ❊ اڄ بہ هاري هاري آهي، اڄ بہ ٻني ٻئي جي ڪاهي.
- ❊ ووٺ نہ ملندءِ وڄ تون موٽي!
- ❊ ڦڪيون ۽ ڦيٽا، عذاب ڀيٽا، اجا بہ ڦٽ ڪي ڇُٽڻ جا ناهن.

## تشبيهہ ۽ استعارا:

محمد خان مجيدي تشبيهہ ۽ استعارو ڏيڻ ۾ وڏي مهارت رکي ٿو:

سنڌ نہ آهي مال غنيمت، پيند نہ ڪنهن کي ڏينداسين،
سڏ وراڪو سو تہ پري پر سيند نہ ڪنهن کي ڏينداسين.[25]

❊

محمد خان مجيدي پنهنجي هڪ نظم "لکن جا هيرا" ۾ شاهہ لطيف کي ڀيٽا ڏيندي هيئن چوي ٿو:

لطيف تنهنجا لکن جا هيرا، اسان جي ليکڻ لُٽڻ جا ناهن،
ڏنا خزانا اسان کي تو جي، ڪٽون ڪپايون ڪٽڻ جا ناهن.[26]

❊

زندهہ قومون گاج سان گڏجي گجگوڙن سان وهنديون آهن،
زندهہ قومون لهريون بنجي لهنديون، لڙنديون چڙهنديون آهن.[27]

## تشبيهہ:

ٻالڪ ڇڻ ڪو نازڪ ٻوٽو، پوڙهو ڇڻ ڪو سڪٽو سوٽو،
مست جواني آهي يارو! ڇڻ ڪو تيز هوا جو جهوٽو.(28)

محمد خان مجيدي جي شاعريءَ ۾ استعارا بہ حسين آهن تہ تشبيهہ بہ خوبصورت آهي، ٻار کي نازڪ ٻوٽي ۽ جواني کي هوا جي تيز جهوٽي سان تشبيهہ ڏيڻ هڪ سهڻو مثال آهي.

هن جي وڏيڪ تشبيهن جا ڪجهہ مثال هيٺ شعرن ۾ ڏسي سگهجن ٿا:

سيوهڻ سان جيئن سونهي لڪي،
ٽڪي چونڪي، پنجي چڪي،
يارو پنهنجي ياري پڪي.(29)

## سماج کي نقصان ڏيندڙ فرد:

محمد خان مجيدي پنهنجي سماج کي هڪ رهبر جي صورت ۾ فائدو ڏيڻ جي روپ ۾ نقصان ڏيندڙ کي 'ڏانگي' واري تشبيهہ ڏي ٿو.

ڏانگي تو تہ ڏنگ نہ ڇنيو، ويتر ڇُهتايا تو نانگ،
نانگ تہ هڪڙو ڏنگ هڻي ٿو، پر ڏانگي تنهنجا ڏهہ ڏهہ ڏنگ.

## سهڻي سنڌ:

هو وطن کي سهڻي، من موهڻي تشبيهہ ۽ استعاري ۾ رنگين ۽ اڇي اُجري روپ ۾ ڏسي ٿو.

سائي سهڻي ۽ من مُهڻي، نيلي پيلي صاف سفيد،
رنگ رنگيلي، ڳاڙهي ڳوڙهي، ڳوري ڳوري منهنجي سنڌ.

❊

اوت وجهي هي موت وجهن ٿا،
ڦڙڪي دشمن ۾ ڦڙ ڦوت.

❊

ٽانيڪي ٽر ڇائي ٽيندي،
ڏنجهہ عمر کي ڏاڍا ڏيندي،

هوڪا ڏيندي هاڪاريندي،
ڦرڙا ڦوڳن تي چاريندي.[30]

❊

ڪلندي ڪُڏندي ڪيڪاريندي،
روشن بتي ايندي ايندي،
ڏيندي وڻ وڻ ڪي واڌائي،
جيئي جيئي شاهه پٽائي.

❊

پاڻمرادو حق نه ملندو، حق
وٺڻ لئه مڙسي گهرجي،
حق نه غاصبن موٽائي، ان حال
۾ ان ڪان زوري ڦرجي.

❊

قومن آڏو شاهه جهڪن ٿا،
قومون تن جا ڪنڌ مٽي،
شاهه سفر ۾ ٽڪجي ويهن،
قومون تن جا پنڌ مٽي.[31]

❊

ڪير ڪٽي يا هارائي پر،
ڪين محبت ڪائي مات.

”پينگا پاڙا پيلي“ اڇڻ واري تشبيهه رات جي رولاڪ مڙسن لاءِ ڏاڍو سهڻو مثال آهي.

نينگر ويٺي نيڻ ٽمائي، ڪانڌ اڃي ٿو ڪهڙي ويلي،
آڌي ٽاري اسري آئيو، پينگا پاڙا سارا پيلي.[32]

”ڏانگي“ جي تشبيهه لطيف جي ڪويچ جهڙي آهي، جڏهن ته مارئي جمهوريت ۽ آزادي جو اهڃاڻ آهي.

**همت:**

محمد خان مجيديءَ جي شاعريءَ ۾ اُميد جا سوين سورج نظر ايندا، هو همت ڏيندڙن مان هو. ان ڪري هن جي شاعريءَ ۾ نراسائيءَ ڪونهي، ڪٿي ڪٿي سماج تي تنقيد ضروري آهي.

## ڳوٺاڻي منظرنگاري:

محمد خان مجيدي هڪ يگاني انداز جو شاعر هو. هن وٽ لفظ اڪٽ آهن، جن ۾ تجنيس ۽ ترنم سان گڏ منظر بہ آهن. هن جي نظمن جا ڪي ڪي بند تہ منظر نگاريءَ جا شاهڪار آهن، چڻ ڪنهن چترڪار ڪينواس تي انيڪ رنگ پکيڙي ڇڏيا هجن ۽ اهي سمورا رنگ سنڌ جي سونهن جا اندلٺ وانگر ٿا لڳن.

جهڙوڪ:

جهومر ۽ جهونگار جمالي ساڻ، اچي پيو پنهنجو راڄ،
هٿن هارين، مزدورن جي ڦڙڪن جهندا ڦڙڪيدار،
جيئي سهٽي، جيئن مينهون، جيئي مينهن جو ميهار.

❊

راڄ سڄو ويو رونبي تي، گهر خالي خالي ٻارن سان هو،
باقي پويان پوڙهيون پهتيون، ماني لسي پارن سان هو.(33)

❊

سلا پلا ساوا ساوا، ٻارا سپ پيجارن سان هو،
هٽ جا باغ لڳائن هاري، آڱوٺي جي آرن سان هو.

❊

اوڙي پاڙي ساڻ وهن ٿا، گڏجي آبت وارن سان هو،
آبت وارن جي ڪن آجيان، دهلن ۽ يڪتارن سان هو.(34)

”هنن شعرن ۾ ائين لڳي ٿو چڻ ڪا ڪيپ ڪٽي ڪري پنهنجو راڄ، جمالو ڳائيندو، نچندو پيو اچي ۽ هنن جي هٿن ۾ جهندو ڦڙڪي رهيو آهي.“

”سارين جي رونبي جو ڀهراڙيءَ جو منظر جنهن ۾ سڄو گهر، عورتون ۽ مرد رونبو ڪرڻ لاءِ ڪيتن ۾ وڃن ٿا، پويان گهر خالي پيا آهن، پوڙهيون پويان لسي ماني ڪٺي پهچن ٿيون. آبت جي سڏ ۽ آجيان جا منظر ۽ پوک جا منظر آهن.“

### وسڪاري ڪان پوءِ وارو ڳوٺاڻو منظر:

چنن ۾ ڇيليون ڇرن اڪيليون،
سڀ سهيليون، اُٿن سويليون،
ڪري صفائي، ڌُئن ٿيون ڪپڙا،
رڌين ڪوتا، ڇپن تي ڇپڙا،
هليون هلايون، مليون مٽايون،
وڻــي جون وايـون ســدا سـٽايـون.(35)

### طوفان ڪان پوءِ وارو منظر:

سن 1995ع جي ساموندي طوفان تي لکيو اٿس، جنهن ۾ سوين مهاڻا سمنڊ ڳڙڪائي ويو ۽ سوين ڳوٺ برباد ٿي ويا.

ڏسي ڪو ته جاتي جي ڇاتي ڪي کولي،
ڪو ڳوٺن ۽ پوٺن ۾ لاشن ڪي ڳولي.

❋

سُتي لوڪ ڳوٺن تي پاڻي چڙهي ويو،
سڄو ڪارو آفت ۾ اڙجي اڙي ويو.

❋

هو رحمان ڏانڌل، جي بستي ڏسي ڪو،
ڪٿي موت ڪيڏي نه مستي ڏسي ڪو.(36)

سمورا عظيم شاعر پنهنجي تاريخي روايتن جا امين هئڻ سان گڏوگڏ ڪن نين روايتن جو بنياد وجهندڙ پڻ هوندا آهن. هو ڪجهه نوان لاڙا، ڪجهه نوان تجربا ضرور متعارف ڪندا آهن، هنن جا موضوع اڇوتا هئڻ سان گڏ ماضيءَ سان تسلسل رکندڙ ضرور هوندا آهن. هوئنن به عظيم شاعريءَ وسڪاري ڪان پوءِ پنهنجي ڌرتيءَ مان اوپڙ ڪائي اُپرندي آهي، جنهن شاعريءَ جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ نه هجن، ان کي ڀرپور عوامي موت نه ملندي آهي. سنڌ جي سڄي ادب [لوڪ ۽ جديد ادب] جون پاڙون سنڌ جي گهڻ رنگي سماج مان ريج وٺن ٿيون.

سڄي قومي ادب جون پاڙون پنهنجي تاريخي ۽ ثقافتي اتهاس منجهه کُتل آهن ۽ ان کي مناسب آبياري به ملندي رهي آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي، ته جيڪو سماج وڏو شاعر ڄڻيندو آهي، ان قومي سماج ۽ ان جي ثقافت امر رهندا آهن. ان ريت ڇئي

سگهجي ٿو ته هر وڏو شاعر، ٻوليءَ سان گڏ وطن ۽ وطن واسطي پرجهلو هوندو آهي ۽ پنهنجي قومي سماج لاءِ امرتا جو پيغام ڏيندڙ پڻ هوندو آهي. اهي قومي سماج وڏا ياڳوندا هوندا آهن، جن کي هر سطح تي قدرت [سماجي هلچل ۽ ذهني مهي ولوڙ] ياران شاعر ملندا آهن، جيڪي هنن جي ڏکن ۽ سُکن جون ڳالهيون ڪندا آهن ۽ تمام وڏيون ڳالهيون [ترقي، تبديلي ۽ انقلاب جون ڳالهيون] آسان ۽ عام فهم لفظن ۾ ڪندا آهن. ان ريت اهي شاعر نه رڳو پنهنجي سماج جا ترجمان هوندا آهن، پر قومي آئيندي (Future) جا معمار پڻ هوندا آهن.

## تت:

محمد خان مجيدي سنڌ جي لاڙ پٽ جو هڪ عاليشان ۽ اُتم فڪر رکندڙ جديد دؤر جو انسان هو. هن جي ڪلام ۾ ڳوناٽا منظر، ڳوٺن جا ڏُک، قومي هاڃان ۽ پيون انيڪ احساس جا عڪس سندس ڪلام ۾ جابجا ملن ٿا. ان جي ابتار هن مقالي ۾ مناسب نمونې پيش ڪيل آهي. اڄ جي سنڌ ۽ سڀاڻي جي سنڌ ۾ سندس ڪلام وڏيڪ سچيتائي سان ماڻهن ۾ پنهنجو فڪر پکيڙيندو ۽ هڪ وڏي فڪري ڪينواس تي اندلٺي رنگ اوتيندو ويندو.

## حوالا:


1. شمشير الحيدري: ”سنڌي آزاد نظم جي اوسر“، حيدري انسٽيٽيوٽ لٽريچر ائنڊ آرٽس ڪراچي، سال 1987ع، ص 21
2. شمشير الحيدري: ”سنڌي آزاد نظم جي اوسر“، حيدري انسٽيٽيوٽ لٽريچر ائنڊ آرٽس ڪراچي، سال 1987ع، ص 46
3. باغي حليم: ”غزل“ (اڻ ڇپيل) جو مطلع
4. مجيدي محمد خان: ”مٽي منهنجي مٽي آهي“، ارشاد ساگر پبليڪيشن، سجاول، سال 2000ع، ص 379 ۽ 380
5. ساڳيو، ص 224
6. ساڳيو، ص 130-131
7. ساڳيو، ص 379
8. ساڳيو، ص381
9. مجيدي محمد خان: ”جاري رهندي جنگ“ (قلمي بياض) تان ورتل.
10. مجيدي محمد خان: ”ڪچڻ پچڻ منهنجو بند“ قلمي بياض تان ورتل.
11. مجيدي محمد خان: ”مٽي منهنجي مٽي آهي“، ارشاد ساگر پبليڪيشن، سجاول، سال 2000ع، ص 106

12. ساڳيو، ص 118
13. ساڳيو، ص 39
14. ساڳيو، ص 166
15. ساڳيو، ص 205
16. آهوجا سگن، مهاڳ "روشني چانورو" (نارائڻ شيام جي شاعريءَ جو مجموعو) بمبئي کهاڻي پبليڪيشن.
17. مجيدي محمد خان: "متي منهنجي متي آهي"، ارشاد ساگر پبليڪيشن، سجاول، سال 2000ع، ص 179
18. ساڳيو، ص 180-181
19. ساڳيو، ص 88-89
20. آڏواڻي ڪلياڻ: "شاھ جو رسالو" سُر ڪاموڏ، داستان پهريون، بيت 8.
21. مجيدي محمد خان: "متي منهنجي متي آهي"، ارشاد ساگر پبليڪيشن، سجاول، سال 2000ع، ص 79
22. مجيدي محمد خان: "جيئي جيئي شاھ پٽائي"، (قلمي بياض)، سال 1978ع
23. مجيدي محمد خان: "ساڏي ست ورهي ٿي پوي" (قلمي بياض) تان ورتل.
24. مجيدي محمد خان: "متي منهنجي متي آهي"، ارشاد ساگر پبليڪيشن، سجاول، سال 2000ع، ص 238
25. ساڳيو، ص 378
26. ساڳيو، ص 368
27. ساڳيو، ص 372
28. ساڳيو، ص 374
29. ساڳيو، ص 210
30. مجيدي محمد خان: "جيئي جيئي شاھ پٽائي" (قلمي بياض)، سال 1978ع
31. مجيدي محمد خان: "متي منهنجي متي آهي"، ارشاد ساگر پبليڪيشن، سجاول، سال 2000ع، ص 379
32. ساڳيو، ص 381
33. ساڳيو، ص 180
34. ساڳيو.
35. ساڳيو، ص 308
36. ساڳيو، ص 316.

## Guidelines for Authors

- Citation Style: References should follow either MLA or APA formatting standards.
- Subject Matter: Articles should focus on original and unexplored topics. Priority for publication will be given to research concerning the Sindhi language, linguistics, grammar, and the Indus script.
- Title Page: The first page must include the article title, the author's name, professional affiliation/identity, complete postal address, email, and phone number.
- Abstract & Keywords: The second page must feature an abstract of 200 to 250 words. This abstract must include at least five relevant Keywords, which should be clearly highlighted in bold.
- Originality: Submitted work must be the author's original writing. The text must not be plagiarized in any form. Furthermore, the article must not have been previously published in another journal, nor should it be under consideration elsewhere.
- Data Attribution: All data, figures, or content sourced from books, journals, newspapers, or websites must be properly cited.
- Ethical Compliance: In cases of confirmed plagiarism or dual publication (submitting the same article to two different platforms), the institution reserves the right to blacklist or impose a ban on the author.
- Submission: Articles should be emailed to the journal’s official address: sindhiboli@sindhila.edu.pk.

## Editorial /Advisory Board (International)

**Dr. Jetho lalwani**
Scholar/ Ex: Director
National Council for Promotion of
Sindhi Language (India)

**Dr. Jagdesh lachhani**
Ex-Principal S.T.D Kalani College
Ulhas Nagar, (India)

**Dr. Mansoor Thalho**
Research scholar
Albani (USA)

**Dr. Haaso dadlani**
Head of Sindhi Department,
Samrat Pirthivi Raj Chauhan Govt. P.G
College Ajmer Sharif (India)

**Dr. Sandhya C.Kundnani**
Head of Sindhi Depart:
Chandi Bai College,
Ulhas Nagar (India)

## Editorial /Advisory Board (National)


**Dr. Abdul Ghafoor Memon**
Ex-Chairman
Sindhi Language Authority

**Dr. Inayat Hussain Laghari**
Ex-Chairman
Sindhi Department, Federal Urdu University, Karachi

**Dr. Rushdullah Shah `Makhmoor` Bukhari**
Director
Allama I.I Qazi Chair, University of Sindh, Jamshoro

**Dr. Allah Wasayo Soomro**
Chairman
Sindhi Department, Shah Latif University, Khairpur

**Dr. Ameer Ali Shah**
Chairman, Department of Sindhi Language & Literature
Shaheed Benazir Bhutto University, Nawabshah

SINDHI BOLI **Research Journal**

| | |
|---|---|
| Chief Editor: | Dr. Sher Mehrani |
| Editor: | Dr. Raz Shahani |
| Sub Editor: | Shoukat Chachar |
| Web developer: | Anees Kaka |
| Layout: | Rafique Hussain Kolachi |
| Title Design: | Faisal Jaffar Memon |
| Volume: | 19th - Issue: 1st (June 2026) |
| Published by: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad Sindh, 71000 |
| Printed by: | Shoaib Printing Press, Karachi. |
| Price: | Rs.500/- |
| E-mail: | sindhiboli@sindhila.edu.pk |
| Website: | www.journal.sindhila.org |

**ISSN-L: 2519-9765 Print Version**

**ISSN: 2521-4608 online Version**

**www.journal.sindhila.org**

# SINDHI BOLI

According to the Policy of HEC


Chief Editor

**Dr. Sher Mehrani**

Editor

**Dr. Raz Shahani**

Sub Editor

**Shoukat Chachar**



**SINDHI LANGUAGE AUTHORITY**

HYDERABAD, SINDH